تذڪرهٔ نظاماڻي

تحقيق ۽ تصنيف

پروفيسر عبدالجبار "قاسم" نظاماڻي



نظاماڻي پبليڪيشن ماتلي

process Hasnain 19-04-12
CM process Hasnain 19-04-12
CM process Hasnain 19-04-12

منهنجي پياري دوست آسي زميني

جي لائبريري سليڪشن لاءِ هي ڪاپي

وقف ڪجي ٿي.

پاران

عبدالجبار قاسم

16 - ٦ - 2012

تذڪرهٔ نظاماڻي

نظاماڻي قبيلي جي چند مشهور
شخصيتن جو ذڪر

۽

نظاماڻي قبيلي جو نسب نامو
(جلد پهريون)

پروفيسر عبدالجبار "قاسم" نظاماڻي

نظاماڻي پبليڪيشن - ماتلي

كتاب جا سڀئي حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: تذڪرهٔ نظاماڻي
(جلد پهريون)

موضوع: تاريخ / نسب نامو

ليکڪ: پروفيسر عبدالجبار "قاسم" نظاماڻي

ڊزائين / لي آئوٽ: مور ساگر، مزمل حسين

ڪمپوزنگ: منظور احمد جوڻيجو
(الرزاق پرنٽرز شاپ نمبر 34، رابعه اسڪوائر حيدرآباد)

ڇاپو: پهريون

سال: مارچ 2012ع

ڇپائيندڙ: نظاماڻي پبليڪيشن - ماتلي

ڇپيندڙ: الرزاق پرنٽنگ ايجنسي حيدرآباد.

فهرست

- گذارش — پروفيسر غلام محمد لاکو — ٦
- مهاڳ — محمد عالم نظاماڻي — ٩
- جستجو — پروفيسر عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي — ١٢
- پيش لفظ — پروفيسر عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي — ١٦
- ڏهر ۾ هر — خير محمد عرف منظور حسين نظاماڻي — ١٨
- لفظ بلوچ جي وضاحت — ٢٠
- بلوچ نسل — ٢٢
- بلوچن جي سنڌ ۾ آمد — ٢٧
- بلوچن جي اصل وطن بابت مؤرخن جا رايا — ٢٨
- موروثي خاندان جي جانچ پڙتال — ٢٩
- نظاماڻي قبيلو — ٣٢
- نظاماڻي قبيلي جي سنڌ ۾ آمد — ٣٥
- مشاهير — ٣٥

عالم دين:

1. قاضي فتح محمد نظاماڻي — ٣٦
2. مولوي نظر محمد نظاماڻي — ٣٧
3. قاضي فتح الرسول نظاماڻي — ٣٩

تعليم دان:

1. مراد علي خان نظاماڻي — ٤٠
2. سر عبدالحق نظاماڻي — ٤٥
3. خالد حيات نظاماڻي — ٤٦

سياست ڪار:

1. مراد فقير نظاماڻي — ٤٧
2. قيصر خان نظاماڻي — ٤٨
3. غلام علي خان نظاماڻي — ٥٣
4. احمد خان نظاماڻي — ٥٤
5. نور محمد خان نظاماڻي — ٥٥
6. رئيس غلام حيدر نظاماڻي — ٥٩
7. عبدالغفور نظاماڻي — ٦٣
8. ڪامريڊ قادر بخش نظاماڻي — ٦٤

شاعر:

1. عالم خان نظاماڻي ٦٦
2. حافظ محمد نظاماڻي ٦٧
3. نور محمد عرف 'نورل فقير' ٦٨
4. محمود نظاماڻي عرف آسي زميني ٦٩
5. رحمت الله نظاماڻي عرف 'ستايل' سڪندر ٧١
6. عبدالعزيز 'پارس' نظاماڻي ٧٢
7. غلام حيدر 'حيدر' نظاماڻي ٧٣
8. الله بخش 'اوٺائي' نظاماڻي ٧٥
9. امير بخش خان نظاماڻي ٧٦
10. محمد علي نظاماڻي ٧٧
11. حاجي خان نظاماڻي ٧٧
12. عبدالحميد نظاماڻي ٧٨
13. اعجاز احمد نظاماڻي ٧٨
14. فقير علي ڏنو نظاماڻي ٧٩

اديب:

1. ڪريم بخش خان نظاماڻي (باباءِ ثقافت سنڌ) ٨٠
2. حاجي شير محمد خان نظاماڻي ٨٥
3. محمد عالم نظاماڻي ٨٧
4. محمد امين نظاماڻي (امين ماتلوي) ٨٩
5. ڊاڪٽر علي نواز نظاماڻي ٩٠
6. علي احمد نظاماڻي ٩١

سماجي خدمتگار:

1. مير محمد نظاماڻي ٩٢
2. عبدالحڪيم نظاماڻي ٩٣
3. امام بخش نظاماڻي ٩٥
4. منظور حسين نظاماڻي ٩٧
5. قاضي فاروق احمد نظاماڻي ٩٨

سُگهڙ:

1. فقير غلام حيدر نظاماڻي ٩٩

▪ ٽنڊو، ڳوٺ، پڙ، آباد:

١. ٽنڊو بهادر خان نظاماڻي ١٠١
2. ٽنڊو قيصر نظاماڻي ١٠۴
3. ٽنڊو فيض محمد نظاماڻي ١٠٧

▪ ڳوٺ:

1. احمد خان نظاماڻي ١٠٧
2. خليفه مراد علي نظاماڻي ١٠٧
3. باقر خان نظاماڻي ١٠٨
4. موسيٰ خان نظاماڻي ١٠٩
5. فقير غلام حيدر نظاماڻي ١٠٩
6. شفيع محمد نظاماڻي ١٠٩
7. ڳوٺ حاجي غلام محمد نظاماڻي (نئين نظاماڻي) ١٠٩

▪ پڙ:

1. لعل خان نظاماڻي ١١٠

▪ آباد:

1. واحد آباد ١١٠
2. ماتلي شهر ١١١

شجرو

1) ماتلي وارا	1 کان 45 تائين	١١٣ کان ١۵٧
ٽنڊو قيصر		
2) عالوداڻي	46 کان 57 تائين	١۵٨ کان ١۶٩
3) قيصراڻي	58 کان 89 تائين	١٧٠کان ٢٠٧
4) بکر	90 کان 94 تائين	٢٠٨ کان ٢١٢
5) احمد خان وارا	95 کان 97 تائين	٢١٣ کان ٢١۵
6) زرداراڻي	98 کان 103 تائين	٢١۶ کان ٢٢١
1) انڊيڪس (ماڻهن جا نالا)	104 کان 123 تائين	٢٢٢ کان ٢۴١
2) مددي ڪتاب	124 کان 130 تائين	٢۴٢ کان ٢۴٨
3) رسالا	صفحه 131	٢۴٩
4) اخبارون	صفحه 132	٢۵٠
5) زباني روايتون	صفحه 132	٢۵٠

گذارش

اسان جو عزيز دوست پروفيسر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي، اڄ کان ڏهه ورهيه اڳ، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ايم. فل ۽ پي . ايچ . ڊي ڪرڻ لاءِ آيو. ابتدا ۾ نامور اديب آزاد قاضي ۽ پوءِ مون سان دعا سلام قائم ڪيائين. تبليغي ملان پر يارن جو يار. دوستي رکي به ڄاڻي ته نباهي به ڄاڻي. کِل ڀوڳ، ٺٽول، طَنز و مزاح، چرچو گهٻو مذاق ۽ ڇيڙ خواني، جيڪي وڻي سو چئو آکيو پر مجال آهي جو ميان عبدالجبار چِڙي يا ناراض ٿئي. ايم. فل يا پي. ايچ . ڊي ته الائي ڪيڏي وئي، پر اهلِ علم جي وَر چڙهيو ته پاڻ به ان رنگ ۾ رڱجي ويو. ڪجهه ڪتاب تيار ڪري ڇپرائي ورتائين. ان ريت علمي دنيا ۾ نروار ٿيندو ويو.

آخرڪار پروفيسر صاحب پنهنجي ڪڙم قبيلي جي تاريخ جي تلاش ۾ لڳي ويو. ڇپيل ڪتاب، قلمي نسخا، مقام، قبرون، قبا، مقبرا، روايتون، ڊائريون ۽ مشاهدا، سندس ذهن کي مهميز ڏيندا ويا ۽ پوءِ وڃي ’تذڪرهءِ نظاماڻي‘ جي تياري، تحقيق ۽ پيشڪش جي صورت تائين پهتو. هن تذڪري جا ڳچ جلد تيار ٿي ڇپجڻا آهن، في الحال جلد اول پڙهندڙن جي هٿن ۾ پهچي رهيو آهي.

موجوده پاڪستان جي سرحدن يا حدن ۾ سنڌي، سرائڪي، پنجابي، ڪشميري، پٺاڻ ۽ بلوچ رهن ٿا. پٺاڻن ۽ بلوچن جي پنهنجي پنهنجي زباني آهي ته انهن جو تعلق سنڌو ماٿر (انڊس ويلي) سان ڪونهي ۽ اهي مختلف دؤرن ۾ هن خِطي ۾ لڏي پلاڻي پهتا آهن. بلوچ شام مان لڏپلاڻ ڪري، ايران ۽ پوءِ موجوده بلوچستان تائين پهتا. ابتدائي طور بلوچ انڊس ويليءَ جي جنهن علائقي ۾ پهتا، اهو پرڳڻو قديم سنڌ جي حاڪمن جي حاڪميت ۾ هو. مڪران، جهلاوان ۽ خضدار توڙي قلات کان ٿيندا، مختلف سببن جي ڪري بلوچي قبيلا سِبي ۽ ديره غازي خان تائين پهچي ويا. سنڌ ۾ سمن، ڄامن جي دؤر حڪومت (1351_1520ع) جي آخر ڏاري، ٽيهه سال بلوچي گهرو ويڙهه جو زمانو آيو. هن جنگ ۾ لاشاري ۽ رند مهندار قبيلا هئا. طويل گهرو جنگ جي تناظر ۾ مختلف قبيلن ۾ ڀاڄ پئي. ڪي قبيلا موجوده سنڌ ۾ پهتا ته ڪي ذاتيون ملتان تائين وڃي پهتيون.

رحيم داد خان مولائي شيدائيءَ جي لکت آهي ته همايون کي ٻيهر تخت ۽ تاج هٿ ڪري ڏيڻ ۾ بلوچن مدد ڪئي. جڏهن مغل شهنشاهن سنڌ کي هندوستان ۾ شامل ڪيو تڏهن بلوچن جي سنڌ طرف لڏپلاڻ ۽ آبادڪاري شروع ٿي. مغل دؤر ۾ لکيل ڪتاب ’تاريخ مظهر شاهجهاني‘ ۾ ڳچ بلوچي قبيلن جو

ذڪر ملي ٿو جي ان دؤر ۾ سنڌ ۾ پهچي چڪا هئا. سنڌ ۾ ارڙهين صديءَ جي آغاز ڌاري جڏهن ڪلهوڙن جي حڪومت قائم ٿي، تڏهن پهريون ڀيرو ڪي بلوچ قبيلا سنڌ جي اقتدار ۾ شامل ڪيا ويا. 1783ع ۾ ٽالپرن جي حڪومت قائم ٿي، ان وقت نه رڳو بلوچ آبادڪاري تيز ٿي، پر حڪومت ۽ فوج ۾ انهن کي برتري پڻ حاصل ٿي.

رابرٽ لِچ جي حوالي سان ڊاڪٽر ايس. پي. ڇبلاڻيءَ، ٽالپرن جي فوج بابت انگ اکر ڏنا آهن. ٽوٽل 26 قبيلن تي مشتمل فوجي طاقت ۾ وڏ ۾ وڏ انگ 16000 نظاماڻي قبيلي جو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. (سنڌ جي اقتصادي تاريخ. ص 266) ان ريت سنڌ اندر 1843ع ڌاري نظاماڻي قبيلي جي افرادي طاقت ۽ فوجي اهميت جو اندازو ڪرڻ ۾ آساني ٿئي ٿي.

اسان جي دوست ميان عبدالجبار نظاماڻي صاحب، وڏي محنت ۽ تحقيق سان 'تذڪرهٔ نظاماڻي' نالي ڪتاب تيار ڪيو آهي. جيئن شروع ۾ لکيو ويو آهي، هن ڪتاب جا متعدد جلد تيار ٿيڻا آهن. ليڪن في الحال پهريون جلد ڇپجي نروار ٿي رهيو آهي. لائق ليکڪ هن تذڪري کي (جلد پهريون)، جدا جدا عنوانن ۾ تقسيم ڪري پيش ڪيو آهي. لفظ بلوچ جي وضاحت، بلوچن جو نسل، بلوچن جو اصل وطن، بلوچن جي سنڌ ۾ آمد. نظاماڻي قبيلو ۽ نظاماڻي قبيلي جو سنڌ ۾ پهچڻ جهڙن عنوانن تي عالمانه انداز سان بحث ڪيو ويو آهي. منهنجي خيال ۾ ميان نظام الدين، جِتان نظاماڻي قبيلو جداگانه نروار ٿيو ان بابت توڙي سندس پُٽن بابت اڃا به وڌيڪ وضاحت سان لکڻ جي ضرورت هئي. ان هوندي بہ فاضل مصنف عنوان سان نباهڻ لاءِ ڀرپور جتن ڪيا آهن.

ان ڪانپوءِ تذڪري ۾ جدا جدا عنوانن تحت، نظاماڻي قبيلي جي مشاهيرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جي خود قبيلي ۽ سنڌ جي مطالعي ۾ خاص جاءِ والارين ٿا. تذڪري ۾ هن قبيلي جي 39 (هڪ گهٽ چاليهه) فردن جو ذڪر ڪيو ويو آهن. انهن سنڌ جي سياست، تعليم، شاعري، ادب ۽ ٻين شعبن ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون. مثال طور ڪامريڊ قادر بخش، حاجي شير محمد خان، رئيس ڪريم بخش، جناب مراد علي خان ۽ آسي زميني صاحب، الڳ الڳ شعبن ۾ ڪم ڪيو ۽ وڏو نالو پيدا ڪيو.

پروفيسر عبدالجبار هن تذڪري ۾ مشاهيرن جي بيان ڪانپوءِ 13 (تيرهن) عدد وسنديڻ، ٺٽڻ ۽ ڳوٺن جو ذڪر ڪيو آهي، جي نظاماڻي قبيلي جي نامور هستين مختلف وقتن ۾ آباد ڪيا. ڪتاب جي آخر ۾ مفصّل شجرن ذريعي، تذڪري کي وڌيڪ سگهارو ۽ اهميت وارو بنايو ويو آهي. ببليو گرافيءَ ۽ انڊيڪس شامل ڪرڻ سان، هن علمي ڪم جي اهميت ويتر وڌي وئي آهي.

تذڪري جي ايندڙ جلدن ۾ نظاماڻي قبيلي جي وڌيڪ مشاهيرن ۽ انهن جي خدمتن جو احاطو ڪيو ويندو. هتي هڪ اهم ڳالهه طرف ڌيان ڇڪائڻ لازمي سمجهان ٿو. پير محمد راشد روضي ڌڻي عليہ رحمة جو خاص خليفو ۽ ملفوظات شريف کي گڏ ڪندڙ خليفو محمود نظاماڻي، هڪ عالم ۽ نيڪ انسان ٿي

گذريو آهي. سنڌ جي اوليائن بابت خليفي صاحب فارسي زبان ۾ آخري تذڪرو لکيو. اُهو تذڪرو سن 1258هه ۾ ’گلشنِ اولياء‘ جي نالي سان تيار ٿيو. ميان عبدالجبار ’قاسم‘ کي گهرجي تہ هن تذڪري جي اشاعت ۽ ترجمي طرف توجهہ ڏي.

سنڌ ۾ هن وقت مختلف ذاتين ۽ قبيلن بابت تذڪرا ۽ ڪتاب تيار ٿي ڇپجي رهيا آهن. هيءَ هڪ چڱي روايت آهي. ليڪن ڏٺو ويو آهي تہ ڪجهہ موقعن ۽ جاين تي، انهن کي نسلي برتري ۽ فوقيت واري انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. اِها صورت حال نہ اهڙن قبيلن جي مفاد ۾ آهي، ۽ نہ وري سنڌ جي مجموعي حالتن جي حوالي سان اهڙو رَويو سُود مَند ثابت ٿي سگهندو. هر خطي وانگر سنڌ جي پرڳڻي جو بہ هڪ خاص مزاج آهي. جن فردن، معاشرن يا قبيلن، ڌرتيءَ ڏٿين سان منفي ورتاءُ اختيار ڪيو انهن کي وقت اچڻ تي سرزمينِ سنڌ، ٻاهر اڇلي ڦِٽو ڪيو. اهي ايئن ٽڙجي ويا ڄڻ تہ ڪڏهن، انهن جو هن علائقي سان ڪو تعلق ئي نہ هو. هيءَ سنڌ ۽ اهلِ سنڌ سان محبت ڪندڙ هڪ ليکڪ جي اپيل آهي تہ، اهڙن رَوين ۽ رجحانن کان پاسو ڪيو وڃي.

پروفيسر عبدالجبار نظاماڻي صاحب، مبارڪباد جو مستحق آهي جو پاڻ پنهنجي قبيلي جي تذڪري ۽ تاريخ تي هڪ ڪتاب تيار ڪري ڇپرائي رهيو آهي. ممڪن آهي تہ پروفيسر صاحب کان ڪٿي ڪا غلطي سرزد ٿي هجي، پر اهڙي غلطيءَ کي درگذر ڪري، اصلاح خاطر سندس رهبري ڪئي وڃي.

08اپريل 2012ع

پروفيسر غلام محمد لاکو
شعبو تاريخ
سنڌ يونيورسٽي
ڄامشورو

مهاڳ

انساني تاريخ مان قومن جي ترقي، عظمت، عروج ۽ زوال جي داستانن ۽ قصن ۽ ڪهاڻين جي نشاندهي ٿئي ٿي. تاريخ جي ترازو مؤرخن تي مدار رکي ٿي - جيڪڏهن وقت جا مؤرخ سچا، باضمير، بلند اخلاق ۽ بي ڊپا آهن ته انهن سچائيءَ سان، بنا ڊپ ڊاءَ، ڏڙڪي ڪُڙڪي جي، ڪنهن کي خوش ڪرڻ خاطر، چاپلوسيءَ ڪرڻ ۽ چاپلوس واري چلت ڇڏي، صفا سچ لکي ڇڏيو آهي، پوءِ پلي وقت جا جابر يا بادشاهه به انهن جا مخالف ڇو نه ٿي پيا هجن. انهن بي غرض تاريخدانن، ڪنهن جي پرواهه ۽ ڪاڻ ڪانه ڪڍي؛ پر ڪيترن پاڻ وڏائيندڙن، چاپلوس ۽ لالچي مؤرخن، بادشاهن ۽ طاقتور ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ ۽ ٻيو انهي دؤر جي عام ماڻهن جي شوق ۽ تجسس مان فائدو وٺندي، پنهنجو پاڻ پڏائڻ ۽ وڏائڻ لاءِ تاريخ توڙي مروڙي ڪئين ڪُوڙا مرچ مصالحه ملائي، ان ۾ عشقيه داستان، جِنن، پرين، ديوَن، ڏيٺن، ممُن ۽ چُڙيلن جا چٽڪيدار، من گهڙت ۽ هٿرادو بيان ۽ بُت ناهي، پُر ڪشش قصا ملائي، انهن کي به تاريخ جو حصو بنائي ڇڏيو آهي!

شروعاتي دؤر جي سڏريل قديم قومن جي ماهر مؤرخن، جهڙوڪ: يونانين، مصرين، رومين، چينين، روسين، يهودين ۽ عربن پنهنجي سُورمن، ديوتائن، زمين، آسمان، سج، چنڊ، ستارن، بُرجن، موسمن، مينهن، گوڙ ڪنوڻ، طوفان، زلزلن، اِندلَٺ، برفن، بيابانن، سمنڊن، ٻيٽن، غارن، راڪاسن ۽ ملائڪن متعلق جيڪي هٿرادو ۽ من گهڙت ڪهاڻيون ناهي، پنهنجي ڪتاب ۾ لکي، انساني افڪار جي تاريخ سان ملائي ڇڏيون هيون، اڄ ڏسو ته انهن ۾ ڪيڏو تضاد ۽ تبديلي آهي! پر هن وقت سچ ۽ ڪوڙ پڌري پٽ ظاهر ٿي پيو آهي. اديبن، عقلمندن ۽ جاکوڙي محققن جي محنت سان تفريح، مبالغه، ڪيڏ ۽ مسخريءَ تي ٻڌل ڪوڙا قصا جدا ٿي ويا آهن، ۽ سچي تاريخ جدا نظر پئي اچي؛ جنهن تي قومون بجا طور ناز ڪن ٿيون.

- تاريخ ڇا آهي؟ قومن جي ماضيءَ جو احوال، عظمت، بهادري، ڪردار، جانثاري، وفاداري، ميل ميلاپ، بلند اخلاق، ادب، علم، قرباني، برد باري، مذهب، عقيدو رهڻي ڪهڻي وغيره؛ جنهن مان ملڪ ۽ معاشري لاءِ فائديمند يا هاڃيڪار هئڻ جي پرک پروڙ پوي ٿي.
- شجره ڇا آهي؟ هن مان نسلن جي ڄاڻ ملي ٿي. هتي تاريخ ۽ شجره گڏ لکيا ويا آهن. جن قبيلن ۽ قومن سهڻيون عادتون ۽ اخلاق ڌاري، نه صرف پنهنجو پاڻ سُڌاري محنت ۽ بهادريءَ سان، نه صرف پاڻ ترقي ڪئي پر ملڪ، معاشري ۽ اوڙي پاڙي کي پڻ سڌارڻ لاءِ قربانيون ڏنيون، سي تاريخ ۾ امر ٿي ويون. سندن پويان مٿن فخر ۽ ناز ڪن ٿا پر جيڪي جاهليت ۽ خود غرضيءَ سبب، نفس جي خواهش ۽ دولت پويان

انڌا ٿي پيا، ۽ وحشي جانورن وانگر خود غرضيءَ وارا مفاد حاصل ڪري، دولت جا اڻ ميا انبار گڏ ڪري غريبن ۽ مظلومن جو رت چوسي، ڌرتيءَ تي قهر بنجي پنهنجون ڪرسيون ۽ عارضي اقتدار بچايا. اهڙن بي رحم جابر ۽ جلادن تي قيامت تائين ڦٽڪار ۽ ملامت ڪئي ويجي ٿي. هڪ يوناني ڏاهي جو قول آهي ته:

”مرڻ پلوان جو جو جيئي پنهنجي ڪاڻ،

جيئڻ پلوان جو جو جيئي ٻين ڪاڻ.“

پراڻن ڪتابن ۽ قصن مان ايئن پيو معلوم ٿئي، ته نظاماڻي قبيلي جا اصل وڏا ڪُردن مان هئا، جن جا قبيلا ترڪي، شام، ايران، عراق ۽ عرب ۾ اڄ به پکڙيا پيا آهن. عراق مان ڪجھ قبيلا عربن جي خانه جنگيءَ جي نتيجي ۾ ايران ۽ بلوچستان آيا. پوءِ مها بلوچ اڳواڻ مير چاڪر اعظم رند سان گڏ، مغل بادشاھ همايون جي مدد ڪندي سندس ساٿ ڏيئي، هندوستان ۾ داخل ٿيا. همايون جي ٻيهر دهلي فتح ڪرڻ ڪانپوءِ، ديري غازي خان ۽ ان جي آسپاس، سنڌو درياءَ جي ٻنهي ڪنارن تي چاڪر خان رند کي، سندس مدد جي صلي طور همايون، بلوچن کي گهڻيون زمينون ۽ جاگيرون ڏنيون. ديري غازي خان جي پرسان هڪ فرد، محمد خان مان، نظام الدين عرف سخي نظام فقير پيدا ٿيو. جيڪو ننڍي هوندي کان ئي سُلڇڻو ۽ سمجهدار هو. سمورو نظاماڻي قبيلو انهي ئي نظام فقير جو اولاد آهي. نظام فقير جي قبر ضلع ديري غازي خان ۾ آهي. ديري غازي خان کان نظام فقير جو اولاد سنڌ، هند ۽ پنجاب جي ٻين علائقن ۾ پکڙجي ويو. سنڌ ۾ ميرن سان گڏ آيا. نظاماڻي قبيلي جي اڪثريت سُکي ستابي آهي.

بهادري، برد باري ۽ اعليٰ اخلاقي ڪردار هن قبيلي جو ورثو رهيو آهي. وڏا وڏا محقق، جرنيل، عالم، شاعر، اديب، صحافي، اخبار نويس، اڪابر ۽ فيصلي جا ماهر هن قبيلي ۾ پيدا ٿيا آهن.

ڪلهوڙن جي دؤرِ حڪومت ۾ مراد خان عرف مراد فقير ۽ ٻيا به ڪيترائي نظاماڻي، حڪومتي ڪاروبار ۾ ڪلهوڙن سان گڏ هئا. مراد فقير 1772ع کان 1774ع تائين ٺٽي جو ناظمِ اعليٰ، يعني گورنر رهي چڪو هو. ميرن جي حڪومت جي دؤر ۾ نظاماڻي قبيلي جا فرد اعليٰ عهدن تي فائز هئا. ميرن جي دؤرِ حڪومت ۾، سنه 1834ع واري جنگ ۾ ڪجھ نظاماڻي شاھ شجاع سان لڙيا، ۽ شهيد ٿيا. جھڙوڪ: سنه 1843ع ۾ سنڌ جي بچاءَ واري انگريزن سان آخري جنگ ڪرڻ وقت، نظاماڻين جا، ٻارنهن سالن جي ٻارن کان وٺي، 70 سال جي پوڙهن فردن تائين، ميرن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي وڙهيا، ۽ وڏي تعداد ۾ شهيد ٿيا.

پاڪستان ٺهڻ کان ٿورو اڳ، سورهيه بادشاھ پاڳاري جي پلاند ڪرڻ لاءِ، ٻين حُرن سان گڏ نظاماڻي قبيلي جا سُورما به انگريزن جي خلاف جنگ جي ميدان ۾ سانگهڙ ۽ لاڙ توڙي سڄي سنڌ ۾ لهي پيا، ۽ وڏي انگ ۾ انگريزن خلاف ڪارروايون ڪندي، نه صرف شهيد ٿيا، پر قيد ٿي، ڪيترائي ”جيل - لوڙها“ پريائون. سڄي لاڙ ۾ ميري حُر انگريزن خلاف ممڻ مچائي ڇڏيو هو.

جيڪڏهن بلوچ قوم جي هن قبيلي جي سُورمن، عالمن، شاعرن ۽ ٻين عظيم ماڻهن ۽ اڪابرن جي تاريخ جدا ڪري لکجي، ته هر هڪ تي ڪيئي وڏا ڪتاب لکجي وڃن. رڳو رئيس ڪريم بخش جي ”ڪيئي ڪتاب“ جا ٽي وڏ شاهي جلد لکيل آهن. انهي کانسواءِ خليفو محمود فقير، خليفو عبدالله، مولوي نور محمد، مولوي شفيع محمد، مولوي خير محمد، پروفيسر ڪريم بخش، مولوي نظر محمد، قاضي فتح محمد، قاضي فتح الرسول ۽ ٻيا هزارين

اهڙا فرد موجود هئا ۽ آهن، جن جو جيڪڏهن مواد گڏ ڪجي، تہ لکڻ لاءِ علم ۽ عقل دنگ رهجي وڃي، ۽ لکين صفحا درڪار ٿين. فيصلي جي ماهر ۽ سخي مردن ۾ مولوي شفيع محمد، حاجي حيدر خان، رئيس نور محمد، سائين غلام شاهہ، حاجي خان، حاجي لعل خان ۽ ٻيا بہ ڪيترا سوين سردار پيدا ٿيا آهن، جن جي هاڪ نہ صرف سنڌ، پر هندوستان جي ڪيترن علائقن ۾ هُليل هئي. مجيل 'باباءِ ثقافتِ سنڌ'، رئيس ڪريم بخش نظاماڻي پڻ هن قبيلي جو فرد هو.

پوري پاڪستان ۾ هن وقت بہ نظاماڻين جا ڪيترائي ڳوٺ، زمينون ۽ ڪڙم پکڙيا پيا آهن. ملڪ جي معاشي، سياسي، معاشرتي، علمي، ادبي ۽ فني ميدان ۾ سندن فرد اهم حيثيت رکن ٿا.

مسٽر عبدالجبار 'قاسم'، جنهن نظاماڻي قبيلي جو هيءُ شجرو ۽ تاريخ لکي آهي، انهيءَ ۾ پڻ نظاماڻي قبيلي جي عظمت جا اهڃاڻ بہ، تاريخ ۾ پٿر تي ليڪي مثل ڇپيا پيا آهن. باهمت ۽ سمجهو قبيلن جبل ڏاري، سمنڊ هٽائي، هوا ۾ اُڏامي، پنهنجو ڏاڪو ڄمائي ڏيکاريو آهي. وڏي عظمت ۽ بهادريءَ سان ٻرن ۽ بحرن تي راڄ ڪيو آهي. عظيم قبيلن، علائقن جون جاگرافيائي حدون بہ بدلائي، پنهنجي عروج ۽ عظمت جا اثر ڇڏيا آهن. ڏينهن، مهينا، صديون ڇا؟ پر هزارين سال اهڙن قبيلن جي اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار جا شاهد آهن. هزارين ڪتابن ۽ دنيا جي مختلف علائقن جي تاريخن ۾ اهڙن مرد مجاهد ۽ قيمتي ماڻهن ۽ قومن قبيلن جا قصا لکي ڇڏيا آهن، صرف ڪي جاکوڙي ۽ قدر دان انهي ٽڙيل پکڙيل مواد کي ضرورت پوڻ تي موتين وانگر ميڙي عوام آڏو آڻين ٿا.

مسٽر عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي بہ هن وقت ستو مؤرخ ۽ اديب آهي. نظاماڻي قبيلي جي ننڍڙي تاريخ ۽ شجرو لکڻ لاءِ هن وڏي محنت ڪئي آهي. ڪيس علمي ڪوجنا ۽ تحقيق جو وڏو مشاهدو ۽ اڀياس آهي. شاباش هجيس جو محنت ۽ جاکوڙ ڪري، پنهنجون ننڍون ڦٽائي، ٽڙيل پکڙيل ۽ دفن ٿيل مواد هٿ ڪري گڏ ڪيو اٿس، ۽ ڪتابي صورت ۾ لکي شايع ڪرايو اٿس..... اهڙيءَ طرح جڻ تہ ايندڙ نسلن لاءِ هڪ بي بها شجرو ۽ تاريخ پيش ڪئي اٿس. صدين ڪانپوءِ مسٽر عبدالجبار جهڙا ماڻهو پيدا ٿين ٿا:

هزاروں سال نرگس اپنی بے نوری پہ روتی ہے،
بڑی مشکل سے ہوتا ہے چمن میں دیدہ ور پیدا۔

جس لهڻي هيءُ جوڏو جنهن اهڙي ڏکئي ۽ اهم ڪم ۾ هٿ وجهي، پايہ تڪميل تائين پهريون حصو پهچايو. انشاءَ الله قيامت تائين نظاماڻي ذات سندس ٿورو مڃي قدر ڪندي رهندي. اميد تہ ڪلا وارن فردن جو هيءُ شجرو، ايندڙ نسلن لاءِ هڪ قيمتي اثاثو ثابت ٿيندو ۽ گڏوگڏ ڄاڻ ۽ رهنمائيءَ لاءِ اهي پنهنجن ابن ڏاڏن جا ڪارناما، اخلاق ۽ ڳالهيون پڙهي، پنهنجي مستقبل جون راهون هموار ڪندا.

محمد عالم نظاماڻي

رٽائرڊ ڊسٽرڪٽ ايگريڪلچر آفيسر

نظاماڻي پاڙو ماتلي

جستجو

هيءَ ان وقت جي ڳالهه آهي جڏهن آئون چوٿين درجي ۾ پڙهندو هئس. منهنجو ڏاڏو محمد لائق نظاماڻي مرحوم ٻنپهرن جي ماني کائي رهيو هو ته مون کائنس سوال ڪيا: ڏاڏا توهان جي والد جو نالو ڇا آهي؟ توهان جي ڏاڏي جو نالو ۽ ان جي ڏاڏي جو نالو ٻڌايو؟ مون کي صرف پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي جو نالو ٻڌايائين ۽ باقي ٻين جا نالا نه ٻڌايائين. چيائين ته ابا پاڻ نظام خان جو اولاد آهيون. ان ڪري نظاماڻي سڏجون ٿا. نظام خان رند هو ان ڪري پاڻ بلوچ آهيون.

ٻئي دفعي اسان جي پاڙي ۾ سياري واري مچ ڪچهريءَ ۾ سيٺ ولي محمد نظاماڻي ٻڌايو ته پاڻ نظام خان جو اولاد آهيون ۽ نظام خان ديري غازي خان جو ويٺل هو. ٻروچن جون پاڻ ۾ جنگون لڳيون، هزارين مرد مارجي ويا. ڪجهه پنهنجا ٻار ٻچا وٺي جبلن ۾ لِڪا. ڪِن جهنگلن ۾ وڃي پناهه ورتي. ڪن سنڌ، پنجاب ۽ ڪِن هندوستان جو رُخ رکيو. ان ڪانپوءِ نظاماڻين جي سنڌ جي مختلف جنگين ۾ شرڪت بابت به ٻڌايائين.

انهن ڏينهن ڪانپوءِ منهنجي ذهن ۾ اهو سوال ويهي رهيو ته آخر نظام خان جا گهڻا پٽ هئا ۽ اسان اُن جي ڪهڙي پٽ جو اولاد آهيون؟ وقت گذرندو رهيو گهڻي عرصي ڪانپوءِ آئون هڪ دفعي ڪنهن ڪم سانگي پاڙي واري دڪاندار خالد فتح خان نظاماڻيءَ واري دُڪان جي اڳيان لانگهائو ٿيس، سڏ ڪري چيائين ته هيڏانهن اچ! هي همراهه ڏس، ڪڙٽي گهنور مان آيو اٿئي، نظاماڻي ذات جو قلمي شجرو هٿ ۾ اٿس. جيڪو مون ڏٺو ۽ کائنس فوٽو اسٽيٽ ڪرائڻ لاءِ اجازت ورتم. اهو فوٽو اسٽيٽ ڪرائي پاڻ وٽ رکيم.

ٻئي دفعي آئون عشاءَ نماز تي وڃي رهيو هئس، ته پاسي کان ڪار گذري اڳتي وڃي بيٺي. ان مان سائين عبدالعزيز نظاماڻي تخلص 'پارس' لٿو. مون کي سڏ ڪيائين ۽ چيائين ته سائين عبدالجبار نظاماڻي، توهان جي ڪم جي شيءِ آهي، هيءُ وڏو رجسٽر ڪٺو ان ۾ نظاماڻين جو شجرو لکيل آهي. ڪار جي ڊرائيونگ ذوالفقار نظاماڻي پئي ڪئي. ان چيو ته سائينءَ هيءُ رجسٽر اسان کي سائين فاروق احمد نظاماڻي، ٽنڊو قيصر نظاماڻيءَ واري کان مليو آهي. مون اهو سڄو رجسٽر پاڻ وٽ اُتاري رکيو. اصل رجسٽر واپس ڪيم. ان ڪانپوءِ مون کي خبر پئي ته ٻين ڪيترن ئي نظاماڻين وٽ قلمي شجرا پيل آهن. ائين جستجو شروع ڪيم.

- پهريون قلمي شجرو حافظ محمد نظاماڻي، ويٺل ڳوٺ سهراب خان نظاماڻي، نزد ڪڙيو گهنور جي معرفت سائين عبدالستار خليفه نظاماڻي، ويٺل ڳوٺ ڪڙيو گهنور واري کان مليو جيڪو فوٽو اسٽيٽ ڪرائي پاڻ وٽ رکيم.
- ٻيو قلمي شجرو به حافظ محمد نظاماڻيءَ جي معرفت سائين غلام اڪبر نظاماڻي، ويٺل ڳوٺ سهراب خان نظاماڻيءَ کان مليو جيڪو سائين غلام اڪبر جي والد، سائين غلام حيدر نظاماڻي، تخلص 'حيدر' جو لکيل هو. اُهو به فوٽو اسٽيٽ ڪرائي پاڻ وٽ رکيم.

- ٽيون قلمي شجرو بہ حافظ محمد نظاماڻيءَ جي معرفت، احمد خان ولد محمد بچل نظاماڻي، ويٺل ڳوٺ سهراب خان نظاماڻيءَ کان مليو. جيڪو پڻ فوٽو اسٽيٽ ڪرايم.
- چوٿون قلمي شجرو حاجي اسلم نظاماڻي ماتليءَ واري جي معرفت، عبدالهادي عرف شينهن نظاماڻيءَ کان مليو جيڪو اصل ۾ سائين فاروق احمد نظاماڻي، ويٺل ٽنڊو قيصر خان نظاماڻيءَ جو لکيل هو. اهو بہ فوٽو اسٽيٽ ڪرايم.
- پنجون قلمي شجرو احمد خان سرائيءَ جي معرفت، رئيس علي احمد خان نظاماڻي، ويٺل ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻي، نزد هالا واري کان مليو.
- ڇهون انگريزيءَ ۾ ڪمپوز ٿيل شجرو عبدالحليم نظاماڻي ماتليءَ واري جي معرفت، عبدالمالڪ نظاماڻي ۽ سلطان محمود نظاماڻي، ويٺل ڳوٺ بستي شاهہ علي خان نظاماڻي ضلع ديره غازي خان صوبہ پنجاب وارن کان مليو.

تحقيق جو دائرو تمام وسيع هو. سنڌ جي مختلف اسڪولن ۽ ڪاليجن جي لائبررين مان استفادو حاصل ڪيو ويو. سنڌالاجيءَ ۾ غلام محمد شاهہ بہ رهنمائي ڪئي. تحقيق دوران اهو بہ معلوم ٿيو تہ سڀ کان پهريائين شجرن کي لکڻ وارو ڪم، حافظ محمد علي نظاماڻي ويٺل ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻي، نزد هالا واري شروع ڪيو. اُن بہ هڪ قلمي شجرو جوڙيو هو. ان کانپوءِ حافظ محمد علي نظاماڻيءَ جي ناني، قاضي فتح الرسول نظاماڻي ويٺل ٽنڊو قيصر خان نظاماڻي اُن قلمي شجري کي رجسٽر تي اتاري پاڻ وٽ رکيو. قاضي فتح الرسول واري قلمي شجري کي سندس پياءُ قاضي عبدالفتاح جي پوٽي، قاضي فاروق احمد نظاماڻي ويٺل ٽنڊو قيصر نظاماڻي پاڻ وٽ وڏي رجسٽر تي اتاري محفوظ رکيو. قاضي فتح الرسول نظاماڻيءَ جي وفات کانپوءِ اُهو قلمي شجرو سندس پوٽين وٽ ئي رهيو.

حاجي شير محمد خان نظاماڻي، ويٺل ٽنڊو قيصر خان نظاماڻيءَ وٽ بہ قلمي شُجرو هو جنهن اُن کي اڳتي وڌايو. ڪافي ڳوٺن ۾ وڃي اُن ۾ نوان نالا درج ڪيا ويا. حاجي شير محمد خان نظاماڻيءَ جي وفات کانپوءِ اُهو قلمي شجرو سندس ذاتي لائبرريءَ ۾ ئي رهيو. سر حاجي عبدالحق، ويٺل ٽنڊو قيصر خان نظاماڻي بہ قلمي شجرو لکيو هو.

انهن کانسواءِ مختلف ڳوٺن مان وڏڙن جون لکيل جدا جدا ڊائريون بہ هٿ آيون، جن ۾ ڪن جي پيدائش ۽ ڪنهن جي وفات بہ ڄاڻايل هئي. ماتليءَ مان خليفہ اُميد علي خان نظاماڻيءَ جون ڊائريون جيڪي 1935ع، 1936ع، 1937ع جون لکيل هيون، سي قادر بخش نظاماڻيءَ کان مليون. راجي ڳوٺ مان بہ ڪجهہ قلمي مواد مليو. ان کانسواءِ وڏڙن کان زباني روايتون پڇي ڪري لکڻ شروع ڪيم. ان ڪم ۾ عورتن تمام گهڻي مدد ڪئي، اُنهن برادريءَ جي ناتي پردي ڪرڻ کانسواءِ مون سان ڳالهايو. انهن تہ باقاعده زباني روايت واري يادگيريءَ جي حد ڪري ڇڏي! شجرن ٻڌائڻ تي اينديون هيون، تہ پيءُ کان وٺي نظام خان تائين ۽ نظام خان کان وٺي مير جلال خان تائين بہ سڻائينديون هيون!

ان کانسواءِ ڇپيل ڪتابن ۾ نظاماڻين جو شجرو سنڌيءَ ۾ رحيمداد خان مولائي شيدائيءَ جي ڪتاب، 'جنت السنڌ' ۾ شايع ٿيل آهي. پيو حُسين بادشاهہ جي ترجمي ڪيل ڪتاب 'سنڌ جي جاگيرن جي تاريخ' ۾ لکيل آهي. الرحيم رسالي ۾ بہ نظاماڻين جو شجرو شايع ٿيل آهي. انگريزيءَ ۾

"History of Alienations in the Province of Sindh", Vol: 2,
Compiled from the Jagirs and other Records in the Commissioner's office and the authority of Bombay Government, Resolution No. 12, Dated: 2nd January 1878. Printed by: Commissioner's Press, 1888 Karachi.

جي ڪتاب ۾ شايع ٿيل آهي. ليڪن انهن تنهي شايع ٿيل ڪتابن ۾، شجري ۾ ڪي نالا اهڙا بہ ڏنل آهن، جيڪي اسان جي ڪنهن بہ قلمي شجري ۾ موجود نہ آهن. انهن جي نشاندهي لاءِ مون شجري واري ياڱي جي فُٽ نوٽ تي لکي ڇڏيو آهي.

ڪتابن ۾ شايع ٿيل ۽ سيئي قلمي شجرا، ڊائريون، قلمي مواد ۽ زباني روايتون اڳيان رکي، وڏي رجسٽر تي لکڻ شروع ڪيم. اُن ۾ ڪافي عرصو لڳو.

- پهرئين قلي شجري ۾ ڪيترن ئي ڳوٺن جي ماڻهن جا شجرا لکيل نه هئا. ايتري قدر جو ماتليءَ وارن جو 1908ع تائينءَ جو شجرو ڏنل هو ان ڪانسواءِ هڪ ٻن خاندانن جو ته وجود ئي ڪونه هو صرف مراد فقير ڪانپوءِ ٻه پيڙهيون لکيل هيون.
- ٻئي قلمي شجري ۾ سهراب جو ڳوٺ مڪمل ٿيل هو مگر ڪجهه تحقيقي انداز ۾ لکيل هو. هن شجري ۾ ڪافي ڳوٺ رهيل نظر آيا.
- ٽئين قلمي شجري ۾ مبارڪاڻي ته گهڻي انداز ۾ لکيل هئا. مگر نظام خان عرف سخي نظام فقير جي ٻين پٽن جي اولاد جو شجرو تمام گهٽ لکيل هو.
- چوٿين قلمي شجري ۾ ماتليءَ وارن جي باري ۾ مواد هو. تنبو قيصر مڪمل لکيل هو مگر بکراڻي پاڙو ڪجهه گهٽ لکيل هو. ادي منظور نظاماڻي، تنبي قيصر واري جي اوطاق تي ڪيترين ئي ميٽنگن ڪانپوءِ چاچي محمد بچل، حاجي غلام رسول، سائين فاروق قاضي، آسي زميني، ادي اشفاق، ادي منصور، ادي مقصود ۽ محمد يونس بکراڻي ۽ ٻين بکراڻين جي ذريعي سڀ نوان نالا درج ڪيا ويا.
- پنجين شجري ۾ ڪيترا ڳوٺ نظر نه آيا.
- ڇهين انگريزيءَ ۾ ڪمپوز ٿيل شجري ۾ صرف نظام فقير جي پٽ شادن خان جو شجرو ڏنل هو جيڪو صرف بستي شاهه علي خان نظاماڻي، ضلع ديره غازي خان ۾ رهي ٿو.

ان ڪانپوءِ وڏيون شيٽون ورتم، ۽ وري ٻيهر شجرو انهن شيٽن تي لکيم. ان ۾ ڪافي عرصو لڳو. جڏهن، شيٽون تيار ٿيون، تڏهن ڳوٺ - وار وڃڻ شروع ڪيم. ڳوٺ ۾ اوطاق تي سيني کي گهرائي، هر هڪ کي سندس شجرو ڏيکاريندو هئس. ڳوٺ وارن کان مليل مواد يا نئين ٿهيءَ جا نالا لکندو ويس.

هن اڙانگي ۽ ڏکي سفر ۾ جن به پهرئين جلد ۾ ساٿ ڏنو تن جو ذڪر ڪندو هلان:

ماتليءَ مان محمد رحيم عرف ڪِڪا نظاماڻي، محمد عالم نظاماڻي، يار محمد نظاماڻي، رئيس عبدالرحيم خان نظاماڻي، خليفه احمد حسين نظاماڻي، عبدالغفار نظاماڻي 'جاڙو'، نثار احمد نظاماڻي خليفو فهيم، سليم نظاماڻي، سجاد عالم نظاماڻي، ذيشان احمد نظاماڻي ۽ منهنجن پائيٽن نويد احمد نظاماڻي، جنيد احمد نظاماڻي ۽ سعود الرحمان نظاماڻي ساٿ ڏنو.

تنبو قيصر مان خير محمد، عرف منظور حسين همت جو سندرو ٻڌو ۽ ٻيڙيءَ جو ناکُئو ٿيو. اُن ٻيڙيءَ ۾ پوءِ ٻيا به سوار ٿيا، جهڙوڪ سندن فرزند منصور ۽ مقصود، ان ڪانسواءِ ڊاڪٽر علي نواز نظاماڻي، قاضي فاروق احمد نظاماڻي، بشير احمد نظاماڻي، محمود نظاماڻي عرف ”آسي زميني“، اشفاق احمد نظاماڻي، ڏاڏو غلام حسين نظاماڻي، مشتاق، صوفي شوڪت نظاماڻي، ڏاڏو فضل احمد نظاماڻي، حاجي غلام رسول نظاماڻي ۽ سندس پٽ نجيب الله نظاماڻي ۽ اسد الله نظاماڻي، رحمت الله عرف سڪندر ستايل، محب علي خان نظاماڻي به شامل هئا. محمد بچل ته سڀ کان اڳرو رهيو. ڪچهرين ۾ وڏڙن جا حالات ۽ تاريخ ٻڌائيندو هو ۽ لکندو هئس. سهراب ڳوٺ مان حافظ محمد نظاماڻي ۽ سندس فرزندن اويس ۽ غالب ۽ اُن ڪانپوءِ مير محمد نظاماڻي سگهڙ به گڏ هئا.

ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻيءَ مان رئيس علي احمد خان نظاماڻي تمام اعليٰ پائي جو ساٿ ڏنو. نظام فقير جي

قبر ۽ اُن بابت لکيل احوال ڪاڻس مليو. اُن ڪانسواءِ مالي سهائتا ۾ بہ وڏو ڪردار ادا ڪيو. سندس ڀاڻيجي محمد حسن بہ پاڻ ملهايو.

بخشو نظاماڻي (تعلقہ ٽنڊو آدم) مان نواز علي نظاماڻي بہ حصو ورتو. مراد علي خان نظاماڻي، سابق ڊائريڪٽر ايجوڪيشن سان ملاقات ٿي، جنهن بہ پنهنجي دلي جذبي جو اظهار ڪيو. محمد عيسيٰ نظاماڻي، ويٺل ڳوٺ غلام محمد لغاري تعلقہ شهدادپور واري بہ خوب ملهايو. جنهن ديري غازي خان وچي اُتي نظام فقير جو احوال لکي، رئيس علي احمد خان کي ڏياري موڪليو جنهن جي معرفت مونکي مليو.

ڳوٺ فقير غلام حيدر نظاماڻيءَ مان رئيس علي ڏنو نظاماڻي ۽ سندس ڀاءُ شير محمد نظاماڻي خوب ملهايو. ڳوٺ باقر نظاماڻي، نزد شهدادپور ۽ هالا مان رئيس اختر حسين نظاماڻي ۽ مختيار احمد نظاماڻي بہ رهنمائي ڪئي. امداد احمد نظاماڻي (ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻي) بہ گهڻي جستجو ڪئي، تہ هيءُ شجرو شايع ٿئي، مطلب تہ پهرئين جلد ۾ آيل نظاماڻين جي هر هڪ ڳوٺ ۾ ويس، انهن خوب رهنمائي ۽ مدد ڪئي.

پنهنجي برادريءَ وارن ڪانسواءِ ٻين ۾ ڊاڪٽر غلام محمد لاکو سرِفهرست آهي. ڊاڪٽر غلام محمد لاکو سنڌ يونيورسٽيءَ جي هسٽري شعبي ۾ پروفيسر آهي، ان مفيد مشورن سان رهنمائي ڪئي. عبدالاحد جوڻيجو عرف آزاد قاضي، جيڪو هن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ استاد آهي، تنهن سان پراڻا پائراڻا ناتا آهن. مولوي محمد حسن لغاري پڻ فارسي لکتن جا سنڌيءَ ۾ ترجما ڪري ڏنا. پروفيسر محمد حسن ڪوسي بہ انگريزي مان ٿورو مواد سنڌي ترجمو ڪري ڏنو. پروفيسر مير حسن عرف سليم پرڳڙي ۽ پروفيسر اعجاز حسين نوتڪاڻي بہ پنهنجن راين جو اظهار ڪيو هو. محمود نظاماڻي عرف 'آسي زميني' کي شاباس هجي، جنهن سڄي ڪتاب جي پروف ريڊنگ ڪئي.

الرزاق پرنٽرز وارن ۾ محمد خان عرف مور ساگر، جنهن شروعات کان ئي شجرن وارو مواد ڪمپوز ڪيو هو. هر آچر تي صرف 6 يا 8 پيج ڪمپوز ٿيندا هئا. ان بہ همت نہ هاري جفاڪشي ۽ جانفشانيءَ ۽ دلي لڳاءُ سان مسلسل ڪم ڪندو رهيو. سندس همت کي سلام ڪجي ٿو.

شخصيتن وارو مواد مزمل حسين ڪمپوز ڪيو هو تنهن کي بہ شاباس هجي. منظور احمد جوڻيجو (الرزاق پرنٽرز جو مالڪ) تہ سڄي ڪمپوز ٿيل ڪم جو نگران رهيو ان جي محنت بہ شاملِ حال آهي.

اميد تہ هيءُ تحقيق ٿيل مواد لکيل پڙهيل طبقي کي پسند ايندو سنڌي ادب جي شجراتي حصي ۾ اهم جاءِ والاريندو. تحقيقات جون نيون راهون کوليندو ۽ تاريخي ادب ۾ بہ نمايان جاءِ والاريندو.

عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي

نظاماڻي پاڙو ماتلي ضلع بدين

0302-6225351

پيش لفظ

رب العالمين پنهنجي حڪم سان حضرت آدم عليہ السلام کي جوڙيو. حضرت آدم عليہ السلام جو ذڪ
قرآن مجيد جي ڪيترين ئي آيتن ۾ ملي ٿو. حضرت آدم عليہ السلام پهريون انسان ۽ پهريون نبي هو. حضرت
آدم عليہ السلام کانپوءِ ئي بنيءَ نوع انسان جو نسل شروع ٿيو. حضرت آدم عليہ السلام جي اولاد مان ئي هڪ نبي
حضرت نوح عليہ السلام پڻ آهن. جنهن کي آدم ثاني بہ چيو وڃي ٿو. قرآن مجيد جي سورة الصآفات سپارو 23
رڪوع 3. آيت نمبر 77 ۾ ارشاد باري تعاليٰ آهي تہ:

ترجمو: "اسان نوح (عليہ السلام) جي نسل کي ئي باقي رهڻ وارو بنايو."

معلوم ٿيو تہ موجوده دنيا ۾ موجود ڪنهن بہ انسان جي نسل جي ڪڙيءَ ۾ ڪڙي ملائيندا سون. تہ وڃي
حضرت نوح عليہ السلام تي دنگ ٿيندو. حضرت نوح عليہ السلام کي سام، حام ۽ يافث نالي پٽ هئا. انهن پٽن
جو نسل ئي موجوده دنيا جي رونق بنجي رهيو آهي. دنيا کي ترقيءَ جي راهہ تي گامزن ڪري رهيو آهي. انهن
منجهان ڪي ساري سنسار جي جِيوَت کي نقصان بہ پهچائي رهيا آهن.

قرآن مجيد ۾ سورة حجرات ۾ ارشاد باري تعاليٰ آهي تہ:

ترجمو: "اي ماڻهؤ! اسان اوهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو آهي ۽ اسان اوهان کي ذاتيون ۽ پاڙ
ڪيو آهي تہ هڪ ٻئي کي سڃاڻو (باقي) اوهان مان زياده چڱو الله وٽ اُهو آهي. جيڪو اوهان مان ڏاڍو
پرهيزگار آهي. بيشڪ الله (سڀ ڪجهہ) ڄاڻڻ وارو پوري خبر رکندڙ آهي."

(قرآن ڪامل. ترجمو: مولانا محمد مدني

قبيلا ۽ ذات پات صرف سڃاڻپ جون نشانيون آهن. جو انسان کي خبر پوي تہ منهنجو ڪهڙي برادريءَ سان
تعلق آهي. اُنهي ۾ ڪابہ اوچ نيچ جي ڳالهہ نہ آهي. الله کي پيارو بندو صرف اهو آهي. جيڪو پرهيزگار آهي.

هن ڪتاب ۾ لفظ بلوچ جي وضاحت. بلوچن جي شجرهٔ نسب جو احوال. سندن اصل وطن ۽ اُن سان گڏوگ
سندن تاريخ متعلق مؤرخن جا رايا پيش ڪيا ويا آهن. خصوصاً هن ڪتاب ۾ نظاماڻين جي تاريخ جو ذڪ
ڪيو ويو آهي.

هڪ انگريز مؤرخ بيڪن ڪيتريقدر نہ صحيح چيو آهي تہ:

"تاريخ هڪ ٽٽل جهاز جا تختا آهن. جيترا بچائي سگهجن ٿا. ان کان تہ وڏيڪ تختن
تان هٿ ڌوئڻا پوَن ٿا."

- بلوچن جو سڀ کان پهريائين ذڪر 'شاهنامہ فردوسي' ۾ ساساني دؤر حڪومت ۾ ملي ٿو. جيتوڻيڪ شاهنامو تاريخ جو ڪتاب نہ آهي، پيو تہ فردوسي وڏاءُ واري نموني ۾ ڪم ڪيو آهي. اُن هوندي بہ حقيقت آهي تہ بلوچ نوشيروان عادل جي حڪومت واري زماني ۾ هڪ منظم جماعت بنجي چڪا هئا.
- بلوچن جي روايتي دستاويزي تاريخ، اُنهن جي سردار مير جلال خان (ٻارهين صدي عيسوي) کان شروع ٿئي ٿي. اُهو ۽ اُنهيءَ جا 44 قبيلا ڪرمان، سيستان، بندر عباس، بمپور جي علائقي ۾ وڃي وسيا. مير شهڪ خان جي اڳواڻيءَ ۾ بلوچن جي اڪثريت ۽ مرڪزي حصو مڪران طرف وڌيو. آخرڪار پندرهين صدي عيسويءَ ۾ مير چاڪر خان جي اڳواڻيءَ ۾ مختلف رستن کان ٿيندا، بلوچستان جي وڏي حصي ۾ پکڙجي ويا. مير چاڪر خان رِندن جي اڳواڻي ڪندو اچي ڪڇي جي ميدانن ۾ آيو ۽ سيويءَ تي قابض ٿيو.
- لاشاري قبيلي طرف مير گهرام خان جي اڳواڻيءَ ۾ قبضو ڪيو. سيوي بلوچن جو مرڪز ٿي ويو ۽ مير چاڪر خان ڪي بلوچ وفاق يا ٻڌيءَ تحت سردارِ اعليٰ تسليم ڪيو ويو.
- اُن کانپوءِ مير چاڪر خان ۽ گهرام خان جي وچ ۾ جنگ لڳي، جيڪا 30 سال هلي، جنهن ۾ هزارين بلوچ مارجي ويا، اها جنگ 10 دفعا لاشارين ۽ 15 دفعا رندن کٽي.
- مير چاڪر خان رند بلوچستان مان لڏي وڃي پنجاب جي سرزمين آباد ڪئي ۽ سندس مقبرو ستگرهہ يو سي ستگرهہ ۽ ضلع اوڪاڙه ۾ آهي.
- گهرام خان جي ڪا بہ خبر نہ آهي ڪٿي مدفون آهي.
- هن ڪتاب ۾ نظاماڻي قبيلي جي حوالي سان اُن جو ذڪر، اُن جي سنڌ ۾ آمد، آباد ڪيل ڳوٺن، ٽنڊن، پاڙن ۽ اُن جو شجرهٔ نسب شاملِ حال آهي.

- عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي

نظاماڻي پاڙو ماتلي

0302-6225351

ڏهرم هر

نَفِيءَ سَندي ناهِ سين، پُڄي پُڇيائون
پِڙا جي پائڻ جا، پيري پڳائون،
اَسين ۾ آئون، آتڻ هُئي نہ اُنِ جي.
(سُر آسا، شاهہ)

اڄ ڇنڇر جو ڏينهن سال 2011ع جي آخري مهيني يعني ڊسمبر جي ڏهين تاريخ آهي، رات جا 11:15 ٿيا آهن، ٺيڪ مُني ڪلاڪ ڪانپوءِ آچر 11/12/2011 شروع ٿي ويندو ۽ اتفاق اهڙو آهي تہ منهنجي پيدائش بہ ڊسمبر 1956ع ۾ ٿي هئي. موبائيل جي ڪيلڪيوليٽر تي ليکو ڪريان ٿو 55 جو انگ اچي ٿو. هِن وقت لاڙ پٽ ۾ ساريون لهي چڪيون آهن، ڇيٽ هڪڙا پوکيا پيا پوکجن پيا. جيئن زمين وٽ ايندي سورج مکي بہ ڪاهبو. ڦٽي گذريل سال 4500 کان 5000 بہ هئي، هيل برسات ڪري اڪثر پوکيل فصل ۾ هاري چونڊبو بہ نہ ڪري سگهيا. مٿان فصل 1200 کان 2200 وڃ ۾ وڃ! ڪمند جون بہ چار ملون اڄهو هاڻ چالو ٿيون آهن، باقي سڀ بند! يعني آبادگار ئي اهڙو ڏيرو عنوان آهي جنهن تي هميشہ هاجا ۽ قضيہ ٿيندا رهن ٿا، پر هيءُ سال اڳ جي پيٽ ۾ سرس سوايو آهي. پر سال سنڌو ساهہ سُڪايا ۽ اُتر سنڌ ۾ آجها اُجاڙيا، تہ هيل برساتن بيهڻ کان بَس ڪرڻ کان نابري واري آهي. آگسٽ سڄو مهينو نوشهرو فيروز، نوابشاهہ، سانگهڙ، ميرپور خاص، ٽنڊو الهيار، بدين، ٽنڊو محمد خان وغيره جا ماڻهو ۽ مال رستن تي، پڪا ڀڙي ويا. پراڻ ۽ LBOD ۾ ڪٽي ڪٽي ڪو بہ سَنڌو نظر نہ پئي آيو. اکين سان مشاهدو ڪوسڪي شادي لارج وٽان ڪيو. مني ڏي ويندڙ رستو گم ٿيل هو رڳو پاڻي ۽ منجهن ترندڙ مرچ (لونگي) [ياد رهي تہ تهتائي پوءِ فيبروري 2012ع ۾ سيءُ ساڙ ڪيو جنهن ۾ انبن جون تقريباً سموريون جنسون لپيٽ ۾ آيون.] پيرين ۾ بينل فصل کي نقصان پهتو. نِم ۽ زيتون کي ضربيو وبو ڪٽڪ کي بہ ڪجهہ نقصان پهتو.

ڇنڇر تاريخ 03/12/2011 سمهاڻي مهل منهنجي وڏي پٽ شاهنواز خان عرف منصور خان چيو بابا صبح سائين عبدالجبار کي حيدرآباد فتح چوڪ تان وٺي ايندس. ٻئي ڏينهن آچر تاريخ 04/12/2011 سائين عبدالجبار قاسم فون ڪئي تہ ڪيس چيم، توهان اچو، آئون توهان کي ڪٽڻ اچان ٿو. ايئن صبح جو سائينءَ کي فتح چوڪ تان ڪٺي ٽنڊو قيصر پهتاسين. مال جي وٿاڻ تي رهيل نالا لکڻ جو ڪم شروع ڪيو. بکراڻي پاڙي جا نالا محمد بچل نظاماڻيءَ جي ڪوشش سان مڪمل ڪيا ويا.

محمد بچل نظاماڻي، عالودو خان نظاماڻي ۽ دريا خان نظاماڻي جا فوٽو پڻ فراهم ڪيائون. بقول سندن، جيڪي ڪين اعجاز احمد ڏنا هئا. اعجاز احمد ڪي اهي فوٽو مير علي احمد ٽالپر (سابق وزير دفاع) جي پٽ مير محمد علي خان ٽالپر گفٽ طور ڏنا هئا. ۽ هڪ خط پڻ ڏنو هو.

فون جي اطلاع تي پير پري آيل منهنجي ڳوٺ ۾ ٿيل شاعريءَ جي سونهن ۾ هڪ الڳ ٿلڳ گل جنهن جي سرهاڻ ۽ سوڀيا جو رنگ پڻ ڀين جيڏن ۾ نمايان 'آسي محمود زميني' ۽ سندن ڪچهريءَ جي قرب ۾ رهندڙ اشفاق احمد. شوڪت 'صوفي' ۽ شاعر سڪندر 'سٽايل' جنهن جو شاعريءَ جو ڪتاب پڻ آسيءَ جي ڪوشش ۽ مشتاق احمد نظاماڻي ۽ منصور ملڪ جي سهڪار سان 'سليٽ' پاران آيل آهي- ۽ وچينءَ جو قاضي فاروق احمد (جنهن پڻ پنهنجو پاڻ شجرو لکائڻ شروع ڪيو هو ۽ جنهن جي شروعات قاضي فتح الرسول جي لکيل شجري ڪي اتاري پاڻ وٽ محفوظ ڪرڻ سان ڪئي) پڻ سائين عبدالجبار سان ويهڪ شروع ڪئي. شام جو سڀني سنگت اشفاق احمد جي اوطاق تي، ۽ رات جا 12:30 تائين شجري جو ڪم هلندو رهيو. لکندي ڪل تڏهن پئي آئي ته هڪ مهربان نالا ٻڌائيندي پنهنجي پوٽي جو نالو وساري ويهي رهيو ۽ چڱو موبائيل فون جي مهرباني تي. ايئن ٻي ڏينهن يعني 9 محرم تي پڻ ڪم هلندو رهيو. 3 بجي ڏاري چاچي غلام حسين 'ڏاڏي' وٽ پهتاسين. چٽن جا گهر مليا. نه ڪاڏاسين. چانهه پيتي ۽ پوءِ لطف علي عرف شمن خان، جيڪو اصل ته ٽنڊو قيصر جي نظراڻي پاڙي جو آهي پر زرعي زمين، ڳوٺ نئين، لڳ تلهار ۾ اٿس، ان ڪري گهڻي عرصي کان اُتي رهي ٿو. مائٽن سان هر سال 9 محرم تي قل پڙهڻ لاءِ مقام شيخ وجيهه الدين تي ايندو آهي. رئيس ڳوٺ وچي پيو (صبح مليو هو) ۽ سائين عبدالجبار ان سان 4 بجي ڌاري ماتليءَ لاءِ روانو ٿيو. چوندا آهن ته هڪ علمي معلومات، ٻي سادگي ۽ صداقت پاڻ وٽ رک! سي ته سائين عبدالجبار ۾ ٽئي صفتون موجود آهن، چٽڪ سونَ تي سُهاڳو. سائين عبدالجبار ٻيو دفعو 20/2/2012 تي چنچر ڏينهن آيو. ڪتاب جي حوالي سان معلومات گڏ ڪندو ويو ۽ شيخ وجيهه الدين جي مقام تي به هليو. ڪيترين قبرن جا فوٽو به اسد الله نظاماڻيءَ جي هٿان ڪڍرايس. رات جو به منهنجي اوطاق تي ترسيو. قاضي فاروق، آسي زميني، ڏاڏو غلام حسين ۽ محمد بچل نظاماڻي خوب جوڙ نڀايو.

جو باظرف ہوتے ہیں اکثر جھک کر ملتے ہیں،
صراحی سر نگوں ہوکر بھرا کرتی ہے پیمانے!

ساٿ سلامت

خير محمد عرف منظور حسين نظاماڻي

ٽنڊو قيصر

لفظ بلوچ جي وضاحت

ڪيترن ئي مؤرخن لفظ 'بلوچ' بابت پنهنجا رايا پيش ڪيا آهن. ڪن مؤرخن ته اشتقاق ڪري لفظ 'بلوچ' جي وضاحت ڪئي آهي. بلوچ لفظ جي معنيٰ ۽ وضاحت ڪندڙن ۾ هڪڙا ته مقامي مؤرخ آهن ۽ ٻيا ڌاريان، يعني انگريز ۽ ٻيا آهن.

محمد سردار خان گشڪوري فارسي ڊڪشنري "بُرهانِ قاطع" جي اصطلاح موجب لکي ٿو ته:

- "بلوچ جي معنيٰ، ڳڪڙ واري موڙ جي چوٽي يا ڪلنگي ڪي چون ٿا. چاڪاڻ ته بلوچ پنهنجي مٿي جي وڏن وارن کي سنواري چوٽي تاهي ڇڏيندا هئا."
- لفظ بلوچ يا بلوص: بل، اوچ يا بيل ۽ اوص جو ميلاپ آهي.
- لفظ بلوچ قديم نالو بيلوس (بمعنيٰ آقا يا نمرود بيلوس، شهنشاهه بيلوس جو اولاد) جي موجوده صورت آهي. (1)

جسٽس مير خدا بخش بجاراڻي مري:

- لفظ بلوچ جي ماخذ جي حوالي سان هن نتيجي تي پهتو ته لفظ بلوچ جو پهريون حصو "بال" هڪ سامي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آقا ۽ مالڪ واري آهي.
- هي لفظ عام طور هڪ مقامي ديوتا (زرخيزيءَ جو ديوتا) ۽ ڳوٺاڻي معاشري ۾ مڙس ماڻهن جي معنائن ۾ استعمال ٿيندو هو.
- اُن ڪانپوءِ بابل ۾ بيل يا بيلوس وارو لفظ انهي مفهوم ۾ استعمال ڪيو وڃڻ لڳو. (2)

جان محمد دشتي:

- لفظ بلوچ سنسڪرت جي ٻن لفظن بل ۽ اوچ تي مشتمل قرار ڏي ٿو جنهن ۾ بل جي معنيٰ طاقت ۽ توانائي آهي. اوچ جي معنيٰ بلند، مٿاهون يا طاقت واري آهي. (3)

مسٽر هزر فيلي:

- بلوچ هڪ ٺهيل لفظ آهي، جيڪو برازا وڪيا (Brza Vacya) کان ورتو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي وڏي سڏ ڳالهائڻ وارو. (4)

مسٽر لونگ ورٿ ڊيمز:

- بلوچ جي معنيٰ 'ڪڪڙ جي موڙ' واري آهي. چاڪاڻ تہ اهي مضبوط زرهون پاتل ڏسڻ ۾ آيا. انهي سبب ڪري نالو سجاڳپ تي پئي. اهي ماڻهو ڪرمان جي جابلو علائقن ۾ آباد هئا. (5)

مسٽر هنس مين:

- مسٽر هنس مين جو خيال آهي تہ موجوده پاڪستاني بلوچستان جو قديم نالو ميلوها (Meluhha) هو جڏهن تہ Etymological جي بنياد تي ممڪن آهي تہ ميلوها مان بلوها يا بلوها مان بلوچ ۾ تبديل ٿي ويو. اهڙيءَ طرح ممڪن آهي "م - ب" ۾ تبديل ٿي ويو هجي ۽ "ها - چ" ۾ بدلجي ويو هجي. اهڙي طرح ميلوها مان بلوچ وجود ۾ آيل هجي. (6)

لالا هتو رام:

- بلوچ حلبي زبان ۾ خانہ بدوش کي چوندا آهن. صحرائن ۽ دامنِ ڪوهستان ۾ خانہ بدوش جي زندگي گذارڻ وارن کي بلوچ چيو ويجي ٿو. (7)

اردو انسائيڪلوپيڊيا آف اسلام ۾ لفظ بلوچ جي ماخذ جي باري ۾ بلوچ مؤرخن جي تصنيفات جي حوالي سان سليم خان لکي ٿو تہ:

"لفظ بلوچ کي مختلف قومن وارن بعل، بلوچ، بلوص، بلوش، بعلوث، بيلوث، بيلوس ۽ بعلوس لکيو ۽ استعمال ڪيو آهي. ان جي خيال موجب اصل لفظ بلوص آهي، جنهن کي عربن بلوش ۽ ايراني بلوچ لکيو. چاڪاڻ تہ ايران وارا "ص" ادا نٿا ڪري سگهن. انهي ڪري انهن بلوص جي "ص" کي "چ" ۾ بدلائي بلوچ واري لکت لکي، ۽ عربن وري "ص" کي "ش" سان بدلايو. لفظ بلوچ نسبتي اعتبار سان نمرود جو لقب هو. نمرود بابلي سلطنت جو پهريون بادشاهہ هو ۽ انهي کي احتراماً بلوص يعني سورج ديوتا سڏيو ويجي ٿو."

اڳتي لکي ٿو تہ: "رهائش جي اعتبار کان بلوچ واديءِ بلوص جي رهڻ وارا هئا. اها وادي شام ۾ حلب جي ويجهو ايران جي سرحد سان گڏ واقع آهي. واديءِ بلوص تمام وڏي وادي هئي. عرب ۽ شام جا ڪيترائي قبيلا هتي آباد ٿيا، ليڪن روم جي حڪمرانن جي هٺ چراند ڪري لڏيندا ويا. (8)

مير گل خان نصير:

- بلوچ خود چون ٿا تہ بلوچ "برلوچ" جو بگڙيل لفظ آهي. "بر" معنيٰ صحرا ۽ "لوچ" جي معنيٰ "ننگو" يا "اگهاڙو" آهي. (9)

1- ڈاکٹر حمید بلوچ "مکران" عهد قدیم سے لے کر عهد جدید تک، سید هاشمی ریفرنس لائبریری، سال اشاعت 2009ع، ص 40-21

2- ايضاً ص 40-21 | 3- ايضاً ص 40-21

4- ايضاً ص 40-21 | 5- ايضاً ص 40-21

6- ايضاً ص 40-21 | 7- ايضاً ص 40-21

8- ايضاً ص 40-21 | 9- مير گل خان نصير، "کوچ و بلوچ" گوشه ادب کوئٹه، سال اشاعت 1998ع، ص 116

بلوچ نسل

بلوچن جي حسب نسب يعني بلوچ نسل جي معاملي ۾ مؤرخن مختلف رايا پيش ڪيا آهن. ڪوبہ مؤرخ آخري نتيجي تي نٿو پهتل نظر اچي. اها بہ حقيقت ظاهر آهي تہ هر انسان جي نسل جي ابتدا حضرت آدم عليہ السلام کان ٿي. حضرت آدم عليہ السلام کانپوءِ حضرت نوح عليہ السلام جوئي نسل دنيا ۾ هليو. تنهنڪري ڪجھ مؤرخ بلوچن کي عربي نسل قرار ڏين ٿا.

- **سرٽي هولڊج:** پنهنجي هڪ مشهور مقالي، 'اُتر اولھ سرحد جا عرب' ۾ بلوچن کي عربي نسل هئڻ جي وڪالت ڪري ٿو. اهو مقالو هن 1899ع ۾ انٿر پولوجيڪل سوسائٽي اڳيان پڙهيو هو. (1)
- **پوٽنگر ۽ خانيڪوف:** رائٽر بلوچن کي ترڪ نسل قرار ڏين ٿا. (2)
- 29 محرم الحرام 1412هجري بمطابق 10 آگسٽ 1991ع جي روزنامہ 'اومان' شمارو نمبر 146 ۾ مشهور مؤرخ ۽ ماهر انساب شيخ سليمان بن خلف المخروصي جي قلم سان ان جي مضمون جي ٻارهين قسط ۾ 'بلوچ' جي عنوان هيٺ ڏنل عبارت لکيل آهي تہ:

"بلوچ عرب آهن ۽ انهي قحطاني عرب قبيلي جو شجرو هيٺ ڏنل واسطن سان ٿيندو. حضرت هُود عليہ السلام سان ملي ٿو:

بلي بن عمرو بن الحاق بن قضاءُ بن مالڪ بن عمرو بن مرهہ بن زيد بن مالڪ بن احمر الاڪبر بن سبا بن يشجب بن يعرب بن قحطان بن هود عليہ السلام "(3)

1- ڈاکٹر حمید بلوچ "مکران" عہد قدیم سے لے کر عہد جدید تک، سال اشاعت 2009ع، ص 40-21

2- میر گل خان نصیر، "کوچ و بلوچ" گوشہ ادب کوئٹہ، سال اشاعت 1998ع، ص 102

3- بلوچ تاریخ اور عرب تہذیب، تالیف: ڈاکٹر محمد اسماعیل وشتی البوشہری

نظر ثانی اور تقریظ: شیخ احمد بن محمود البلوسی (رکن مجلس شوریٰ متحدہ عرب امارات)، مترجم: محمد صادق بلوچ، ص 209/208

جسٽس مير خدا بخش مري:

بلوچن جي بهادري ۽ ڪارنامن ۽ جسم جي بناوت جي پيشِ نظر چئي سگهجي ٿو تہ اُهي شام جي عظيم سامي نسل جي هڪ شاخ آهن. ۽ اُهي اُتر شام ۾ رهندا هئا. اُن ڪانپوءِ غالباً ڏڪڻ ۾ قديم بابل طرف روانا ٿيا. ۽ اُنهن تاريخ عالم جي هڪ عظيم مملڪت جي قيام جو بنياد وڌو. (1)

محمد سردار خان گشڪوري:

بلوچن جو سامي نسل مان هئڻ جو دعويدار آهي. (2)

مير محمد حسين عنقا:

داريوش، ڪورش ڪبير ۽ بخت نصر وارن پنهنجي معبود جو نالو مردوخ رکيو. مردوخ کي نارو يعني نمرود بہ چيو ويجي ٿو. مردوخ ۽ نمرود، جنهن جي پيءُ جو نالو ڪوش هو. انهي نمرود کي بابل شهر جي کوٽائيءَ دوران هڪ شاهي مهر هٿ آئي، جنهن تي "النمرود البلوص" ڇاپيل آهي، جڏهن نمرود خود پاڻ کي بلوچ چيو آهي. (3)

مولانا نور احمد فريدي بلوچ:

پنهنجي ڪتاب "بلوچ قوم اور اس کي تاريخ" ۾ بلوچ قوم جي سلسلہ نسب کي حضرت ابراهيم عليہ السلام جي پٽ حضرت اسماعيل عليہ السلام سان ملائي ٿو. اُن جي مطابق حضرت اسماعيل عليہ السلام جا 12 پٽ هئا. اُنهن جي وچ ۾ خطءِ عرب کي برابر حصن ۾ ورهايو ويو ۽ اُهي گهڻي تعداد ۾ هئا. اِن لاءِ ڪجهہ ماڻهو حضرت اسماعيل عليہ السلام جي پاءُ حضرت اسحاق عليہ السلام جي قبيلي سان مليا ۽ اُنهن کي پاڻ سان ملائي ارضِ مقدس تي حملہ آور ٿيا. اُن جنگ ۾ بنو اسماعيل وارن مقابلو ڪيو. مگر اُهي جنگي اعتبار کان اُنهن جي مقابلي ۾ ڪمزور هئا. اِنهي ڪري شڪست کائي ويا. شڪست کاڌل قبيلي جي ماڻهن کي شام جي طرف رُخ اختيار ڪرڻو پيو ۽ حلب جي ويجهو هڪ بسيط وادي ۾ وڃي آباد ٿيا. جيڪا وادي "البلوص" جي نالي سان مشهور هئي.

مولانا فريديءَ جي مطابق انهي نسبت سان ماڻهن اُنهن کي بلوصي چوڻ شروع ڪيو. جڏهن اُنهن قبيلن اوپر جي طرف وڃي فارس جي طرف رهائش اختيار ڪئي، تہ "ص" بدلجي "چ" جي شڪل اختيار ڪئي. (4)

1- ڈاکٹر حمید بلوچ "مکران" عہد قدیم سے لے کر عہد جدید تک، سید ہاشمی ریفرنس لائبریری، سال اشاعت 2009ع، ص 40-21
2- ایضاً ص 40-21
3- ایضاً ص 40-21
4- ایضاً ص 40-21

خان آف قلات سردار احمد يار خان جيڪو خود پنهنجي سوانح حيات ۾ اعتراف ڪري ٿو تہ:

- بلوچ قوم جي ابتدا جي باري ۾ مستند ذرائع تمام گهٽ آهن. اُنهن جي زماني ۾ زياده تر رزميہ داستانن ۽ عرب جي جاگرافيائي دانن جي ياد داشتن تي مبني آهي. اُنهن بنيادي ماخذن جي مطابق بلوچ عرب آهن ۽ اُهي حضرت ابراهيم عليہ السلام جا پوئلڳ هئا.
- بلوچ قوم بہ عربن وانگر مختلف قبيلن، ٽڪرن، پاڙن ۽ ٻين ننڍين ننڍين گروپن ۾ ورهايل آهي، اهڙي نموني اُهي خانہ بدوش زندگي گذارڻ جا عادي آهن. اُنهن جو گذر بسر چراگاهن تي آهي، ۽ چراگاهن جي تلاش ۾ بلوچ قوم عربن وانگر هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين سفر ڪندا رهيا. لڏپلاڻ بہ انهن ۾ داخل ٿي ويئي.
- بلوچن جا قديم ٽولا درياءِ دجلہ ۽ حلب جي وچ ۾ آباد هئا. اُتان کان ايران ڏانهن هجرت ڪري بحيره خضر ۾ آباد ٿيا.
- بلوچن ۽ ڪُردن جي چوٿين صدي عيسويءَ جي زماني ۾ واديءَ حلب ۾ رهائش پذير هئڻ جون شاهديون ملن ٿيون. اُنهن پاڻ ۾ جنگن ۽ چراگاهن جي چڪر ۾ پنهنجي آبائي وطن کي ڇڏيو ۽ بلوچستان جي سرزمين تي لڏي آيا.
- اُن ڪانسواءِ پوٽنگر ۽ خانيڪوف رائٽر بلوچن کي تُرڪ نسل قرار ڏين ٿا. (1)

نواب اڪبر خان بُگٽي:

- بلوچن ۽ ڪُردن جي هڪجهڙائي بابت لکي ٿو تہ: "بلوچن ۽ ڪُردن جي زبان، ثقافت، رسم و رواج، طور طريقا، عادات و اطوار بلڪل هڪ جهڙا آهن. بلوچ قبيلن جون ڪجهہ شاخون ڪُرد قوم جي ساڳي نالي سان ملندڙ جلندڙ آهن." (2)

بلوچ	ڪُرد
بُگٽي	بُغتي
مري	ڊولا مري
ماما شاهي	مماش
ڪلپر	ڪلپر
بازداني	بزداني
ڪيرد	ڪُرد
براهوي	بريش

1- ڈاکٹر حمید بلوچ، "مکران" عہد قدیم سے عہد جدید تک، سال اشاعت 2009ع، ص 40-21

2- بلوچستان شخصیات کے آئینے میں، عزیز بگٹی، فکشن ہاؤس لاہور، آگسٹ 1996ع، ص 76

لالا هتو رام:

لکي ٿو تہ: "بلوچ ماڻهو حضرت امام حسين جا مريد هئا ۽ جڏهن حضرت امام حسين ۽ يزيد جي وچ ۾ لڙائي لڳي هئي، جنهن ۾ حضرت امام حسين شهيد ٿي ويو. بلوچ ماڻهو امام حُسين جا طرفدار هئا ۽ يزيد جي خوف کان حلب کان نڪري هِن طرف بلوچستان ۽ ڪرمان ۾ آيا." (1)

لالا هتو رام اڳتي لکي ٿو:

- رند قبيلي جا ماڻهو پنهنجي جدِ امجد اغلمش روميءَ کي اولادِ امير حمزه قرار ڏين ٿا.
- ديري غازي خان وارا بلوچ اهو چون ٿا تہ امير حمزي جي خاندان مان هڪ شخص بلوچ جي نالي سان ٿي گذريو آهي، اُن ڪري بلوچ جي اولاد کي قومِ بلوچ چيو وڃي ٿو.
- بلوچستان جي رندن جو چوڻ آهي تہ امام حسين جي واقعہ ڪربلا کانپوءِ جنهن وقت مير احمد مديني مان هجرت ڪري ڪوهستان ۽ دامنِ حلب ۾ آيو ۽ رهائش بڙده واديءَ ۾ اختيار ڪيائين ـ انهي ڪري بهروچ قوم مشهور ٿي ويئي. آهستي آهستي بهروچ مان بدلجي بلوچ ٿي ويئي. (2)

قاضي فتح الرسول:

"جنهن حمزي جي نالي چئجي ٿو تہ بلوچ اُن جو اولاد آهي، سو دراصل 'ڪُرد' قبيلي مان آهي، جو اُهو ڪردستان مان لڏي شام جي علائقي ۾ اچي 'حلب' ۾ رهيو. ان جي اولاد مان محمد بن هارون بلوچ هو. مڪران جو علائقو خلافتِ فاروقيءَ ۾ فتح ٿيو. عربن جو هڪ قبيلو واپار سانگي مڪران ۾ اچي رهيو. خلافتِ فاروقيہ کان وٺي بنو اُميہ جي دؤرِ خلافت ۾ مختلف گورنر مڪران ۾ آيا، جن مان هڪ گورنر محمد بن هارون بلوچ بہ آهي.

گورنر ٿيڻ جو احوال هن طرح آهي تہ سعيد بن مسلم، بنو اُميہ خليفن طرفان مڪران جو گورنر هو تنهن کي محمد بن حارث 'علافي' وارن ڪنهن ڳالهہ تان ڪاوڙ ۾ قتل ڪري ڇڏيو ۽ بغاوت گهٽي ڪيائون، جن جي بغاوت کي دٻائڻ لاءِ بہ ٿي گورنر آيا پر اُهي بغاوت کي دٻائڻ ۾ ناڪام رهيا. 'حجاج بن يوسف' خليفي وليد بن ملڪ جو فوجي ڪمانڊر هو تنهن خليفي کان اجازت وٺي محمد بن هارون کي مڪران جو گورنر مقرر ڪيو جنهن پنجن مهينن اندر علافين کي شڪست ڏيئي مڪران جي بغاوت کي هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏيو. علافي وارن ڀڄي اچي سنڌ ۾ راجا ڏاهر وٽ پناهہ ورتي. (3)

1ـ لالا هتو رام، تاريخ بلوچستان، تلخيص: منصور بخاري، گوشہ ادب جناح روڊ ڪوئٽہ

2ـ ايضاً

3. قاضي فتح الرسول نظاماڻي، قلمي شجري ۾ لکيل احوال.

لالا هتو رام جي ڪتاب ”تاريخ بلوچستان“ ۾ رند بلوچ قبيلي جو شجرو يا نسب نامو هن طرح آيل آهي:



بلوچن جي سنڌ ۾ آمد

- مڪران، جهالاوان ۽ ڪڇيءَ جا جدغال، جي پهريائين سومرن جي سرداريءَ جي ماتحت هئا، سي سومرن کانپوءِ سمن کي سردار سمجهڻ لڳا. سمن خلاف مير عمر ميرواڙي براهويءَ جهالاوان ۾ بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو. خاران جي نوشيرواني ملڪن بہ مير عمر جو طرف ورتو. سمن شڪست کاڌي. براهوي طاقت جون حدون پهريون گهمرو، مشڪي ۽ ڪولواهہ تائين پکڙجي ويون.
- ايم ـ ايچ صديقي سنڌ طرف بلوچن جي لڏپلاڻ کي رندن ۽ لاشارين جي گهرو جنگ جي پسمنظر ۾ ڏسي ٿو. هي جنگ سمن ڄامن جي آخري دؤر ڌاري ٿي.
- روسي اسڪالر پروفيسر گنڪوفسڪي موجب سورهين صديءَ کان سنڌ ۾ بلوچ ۽ بروهي قبيلا داخل ٿيڻ شروع ٿيا. بعد ۾ ذڪڙ پنجاب مان ڪجهہ جاٽ قبيلا بہ پهتا. بلوچ معاشري ۾ جرگن جو نظام پختو آهي. انڪري سنڌ ۾ هيءُ عمل رائج ٿيو. نتيجي ۾ جرگن جي بنياد تي ئي سماجي تقسيم جو بنياد پيو.
- مير شهڪ جي دؤر ۾ رندن ۽ لاشاري قبيلي وارن يڪراءِ فيصلو ڪيو تہ مڪران مان نڪري، نئين آبادين ۽ سرسبز علائقن جو رخ ڪيو وڃي، جيئن وڌندڙ آباديءَ جي ضرورت پوري ڪرڻ جي غرض سان وسيع ۽ ڪشاده سرزمين جي وسيلن جا مالڪ بڻجي سگهون. رندن دره بولان جي رستي کان ۽ لاشارين دره مولا جي رستي کان پيش قدمي شروع ڪئي.
- مير جلال خان جي اولاد مان رندن جي سردار مير شهڪ خان ڪڇيءَ جي گولا قبيلي کي شڪست ڏيئي سمن کان سيوي، ڍاڍر، جهل، حب، ناڙي، ڪوهہ، موهہ، گاج ۽ دڙي پنر جا پرڳڻا فتح ڪيا. پوءِ بلوچن جي ٻن مشهور قبيلن رند ۽ لاشار عيسوي پندرهين عيسويءَ ۾ ڪڇيءَ جي ميدان ۾ ٻيڻڪون وڌيون. سيوي ۽ ڍاڍر رندن جا تختگاهہ سڏجڻ لڳا، ۽ گنجہ آبہ کي لاشارين تختگاهہ مقرر ڪيو.
- مير شهڪ جي وفات کانپوءِ سيوي ۽ ڍاڍر سندن پٽ مير چاڪر خان رند جي قبضي هيٺ اچي ويا. سنت ئي گوهر جنٽي جي سوال ڪري مير گهرام خان لاشاري ۽ رند جي سردار مير چاڪر خان جي پاڻ ۾ تيهن ورهين واري ويڙهہ شروع ٿي. هن جنگ ۾ جيسلمير جي ڀاٽين، ملتان جي ناهرن ۽ سمن لاشارين جو طرف ورتو. قنڌار جي حاڪم مير ذوالنون ارغون، رندن جو طرف ورتو. لاشارين شڪست کاڌي ۽ منجهائن گهڻا ئي لاشاري لڏي سنڌ ۾ رهڻ لڳا. مير ابوبڪر لاشاري گجرات جي شهر پالنپور ڏانهن هجرت ڪري ويو.
- ان کانپوءِ وقفي وقفي سان بلوچ قبيلن جي سنڌ طرف آمد شروع ٿي.

بلوچن جي اصل وطن بابت مؤرخن جا رايا

- ڏهين صدي عيسويءَ ۾ لکيل عربي جاگرافيءَ جي ڪتاب ”حدود العالم“ جي مطابق ڪفج Kafij يا ڪوچ Koch ايران جي ڏکڻ اوڀر جابلو علائقن ۾ آباد هئا. (1)
- ’سياست نامہ‘ جي مصنف نظام الملڪ ڪفج جي متعلق لکي ٿو تہ هي ماڻهو ڪرمان جي ارد گرد ويجهو رهندا هئا. (2)
- عرب جاگرافي دان الاصطخري ڪوچ جي جاءِ وقوع کي ڪرمان جي جابلو علائقن بابت ٻڌائي ٿو. (3)
- سوڊاني جاگرافي دان الادريسي، جنهن يارهين صدي عيسويءَ ۾ هند جو سفر ڪيو هو لکي ٿو تہ اولهہ ۽ ڏکڻ ۾ سمنڊ تائين واري علائقي ۾ ڪوفس Kufs ماڻهو آباد هئا. جڏهن بلوچ Belus اُن کان بہ الڳ رهندا هئا. (4)
- عرب جاگرافي دانن جي اڪثريت ياقوت، مسعودي، ابن حوقل ۽ بيا ڪوچن ۽ بلوچن کي ڪرمان جي جابلو علائقن ۾ رهڻ وارا قرار ڏين ٿا. (5)
- انسائيڪلوپيڊيا آف اسلام جي مطابق بلوچ مڪران ۾ ان وقت آيا، جڏهن سلجوقين ڪرمان تي 1041ع تي حملو ڪيو. ان حملن جي نتيجي ۾ وڏي تعداد ۾ بلوچن مڪران واري هجرت ڪرڻ تي مجبور ٿيا. (6)
- برائن سپونر (Brian Spooner) انگريز ليکڪ لکي ٿو: بلوچ بحيره خضر مان لڏي پهرئين ڪرمان ۾ ان کانپوءِ سيستان ۾ آيا، آخر ۾ مڪران ۾ رهائش پذير ٿيا. (7)
- فردوسيءَ جي شاهنامہ ۾ بلوچن کي ايران جي اتر اوڀر وارن علائقن جو رهائشي ٻڌايو ويو. ان کانسواءِ شاهنامہ ۾ ساساني حڪمران نوشيروان (Khosro_I) جنهن جي حڪومت جو سال 531ع کان 579ع تائين آهي. ان جي دؤر ۾ بلوچن، الانين، گيلانين ۽ ڪفقاص ۽ ٻين قبيلن سان جنگ و جدل کي وڏي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. (8)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي سنڌي لغات ۾ هن طرح لکي ٿو:

- بلوچ: اسم خاص هڪ مشهور قديم نسلي قوم، جا اوائل ۾ غالباً قديم ايران يا ايران جي اتر واري خطي جي رهندڙ هئي. جنهن جي بلوچي زبان بہ قديم پهلوي يا دري ٻولين جي شاخ آهي. آڳاٽي وقت ۾ عراق ۾ عربن جي پاڙيسري بنجڻ سان منجهن عربن واريون شخصي ۽ قومي خصوصيتون پيدا ٿيون. 7/6 صدي عيسوي ڌاري ڪرمان ۾ سندن بستيون هيون. 8 کان 15 صديءَ تائين سڄي بلوچستان ۾ سندن آباديون هيون. 15 صدي ڌاري بلوچ قبيلن جي سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ گجرات ۽ اُتر اولهہ پنجاب طرف هجرت ٿي. هن وقت بلوچن جي اڪثريت مغربي پاڪستان ۾ آهي. ان بعد بتدريج ايران، افغانستان ۽ روس ۾. (9)

1- ڈاکٹر حمید بلوچ "مکران" عہد قدیم سے لے کر عہد جدید تک، سید ہاشمی ریفرنس لائبریری، سال اشاعت 2009ع، ص 40-21 2- ایضاً ص 40-21
3- ایضاً ص 40-21 4- ایضاً ص 40-21 5- ایضاً ص 40-21 6- ایضاً ص 40-21 7- ایضاً ص 40-21 8- ایضاً ص 40-21

9. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ’جامع سنڌي لغات‘ جلد پهريون، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو 1960ع ص 356/357

موروثي خاندان جي جانچ پڙتال

منهنجو ننڍو ڀاءُ عبدالستار نظاماڻي هن وقت آمريڪا ۾ رهي ٿو ۽ ڪيس آمريڪي شهريت مليل آهي. عبدالستار نظاماڻي آمريڪا ۾ رهندي DNA ٽيسٽ ڪرائي، اُن DNA ٽيسٽ جو خلاصو يعني حاصل مقصد جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

توهان جي ڊي. اين. اي ٽيسٽ جي جانچ پڙتال جو نسخو ڏيکاري ٿو تہ توهان هيپلاگ گروپ R1a سان تعلق رکو ٿا. موروثي هيپلاگ گروپ R1a ذات جي ڪم ڪندڙ گروپ سان تعلق رکن ٿا. هي نقشو غالباً توهان جي قديم بزرگن جي لڏپلاڻ جو رستو ڏيکاري ٿو جيڪي ذات جو ڪم ڪندڙ هئا. گهڻو ڪري اهي غالباً اڄوڪي روس، زيچ ريپبلڪ (Czech Republic)، يوڪرين، پولينڊ ۽ وچ ڏکڻ ايشيا ۾ رهندا هئا. ٿي سگهي ٿو تہ توهان جي بزرگن تهذيب جي مطالعي ۽ عنصرن کي متعارف ڪرائي انسان جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هجي، جهڙوڪ ذات جا اوزار. توهان پنهنجي جانچ پڙتال جي نتيجي کي مدِ نظر رکندي پنهنجي خانداني شجري ناهڻ لاءِ dna.ancestry.com ويب سائيٽ تي توهان پاڻ جهڙي ٻين شريڪ تخليقي (Genetic) توهان جو هيپلوٽائپ پروفائيلن کي پڙهي سگهو ٿا.

ممڪن آهي تہ توهان پهرين نظر وجهڻ سان انگ اکر جيڪي توهان جي جانچ پڙتال وارو نتيجو ناهن ٿا، توهان لاءِ گهڻو مقصد نہ رکندا هجن، پر اها هڪ خاص ننڍڙي چاڻ بہ توهان جي ڪجهہ قديم بزرگن جي بابت ڳجهن رازن جو جواب ٿي سگهي ٿي.

توهان جي موروثي خاڪي کي ظئي ڪرڻ لاءِ اسان ڪيترن ئي سائنسي طريقن سان توهان جي y–ڪروموسومز ٽيسٽ ۾ قائم شده DNA جي جڳهين تي غور ڪيو پر هيپلوٽائپ اهڙي قسم جي موروثي خاڪي جو سائنسي اصطلاح آهي ۽ ان کي اڳتي وڌندڙ چونداسين. توهان جو هيپلوٽائپ توهان کي پنهنجي نئين موروثي متن مائٽن کي ڳولڻ ۽ پنهنجي قديم بزرگن جي باري ۾ ڄاڻڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿو. اهو سمجهڻ لاءِ تہ اهي انگ يا عدد جيڪي توهان جو هيپلوٽائپ ناهن ٿا، ڪٿان آيا، توهان هڪ ڊگهي ربين- جيڪا توهان جي ڪروموسومز DNA آهي- تي غور ڪريو جن کي اسان مختلف منزلن جي طور ٽيسٽ ڪيو. مخصوص ايڊريسن سان (جڳهين جي نشاندهي ڪندڙ). جڏهن اسان توهان جي ٽيسٽ ڪري رهيا آهيون، اسان ان ربين جي هيٺين طرف هلنداسين، هر هڪ ايڊريس کي ونداسين ۽ لکندا ويندا سون، تہ اسان ڇا ٿا ڳوليون. اهو عددي انگي معيار هميشہ توهان جي DNA لاءِ منفرد آهي ۽ مختلف عددي معيار جو ميلاپ، توهان جي هيپلوٽائپ جا منفرد عدد ناهي ٿو.

توهان جي سند تي هيپلوٽائپ ٽيبل تي ٻہ قطارون آهن. مٿئين قطار جنهن تي "Location" لکيل آهي جيڪا هر هڪ لوڪيشن جي لاءِ بيان ٽيل نشانن جي نالن جو اشارو ڪري ٿي، جھڙيءَ طرح (385a). اسان انهن ۾ عددي قيمت لڳائي آهي، جيڪا توهان جي قطار ۾ سڌي سگهو ٿا. جنهن ۾ قيمت (Value) جو ليبل لڳل آهي.

توهان جي DNA هيپلوٽائپ جو نتيجو اسان جي رڪارڊ لاءِ توهان جي ممڪن موروثي عزيزن کي ڳولڻ لاءِ ڪارائتا آهن ۽ جيڪي توهان کي توهان جي قديم بزرگن جي باري ۾ ٻڌائيندا. توهان جي ٽيسٽ جو نتيجو اسان کي يا توهان کي توهان جي وارن جو رنگ يا ٻيون ذاتي خصوصيتون نہ ٿو ٻڌائي. جھڙي طريقي سان DNA کي استعمال ڪريون ٿا، اهو بلڪل مختلف هوندو آهي، جيڪو توهان TV تي ڏٺو يا ماضيءَ ۾ ٻڌو هوندو. جيڪڏهن هن ٽيسٽ جي پنيان سائنس جي باري ۾ ڄاڻ رکڻ جي دلچسپي رکو ٿا تہ هن خاڪي جو ٻيو حصو پڙهندا.

هيپلوٽائپ، ميچنگ گيم (راند) جو ڪردار ادا ڪري ٿي:

توهان ۽ توهان جھڙن ٻين شريڪ نسلن جي هڪٻئي سان تعلق کي صحيح نموني ظاهر ڪرڻ جي لاءِ توهان ۽ ٻي اهڙي شريڪ جي هيپلوٽائپ کي ڀيٽڻو پوي ٿو. اسان جي ڊيٽا بيس خود بہ خود توهان جي نتيجي کي ٻين اميدوارن جي نتيجن سان مشابهت ڪندي، ايستائين جو گهٽ تعداد ۾ بہ توهان جي نسل سان تعلق رکڻ وارن جي نتيجي کي بہ ڪٺي ونندو. توهان جي مشابهت واري لسٽ انهن ماڻهن جي لسٽ سان شروع ٿيندي، جيڪي توهان سان ويجهو تعلق رکن ٿا. توهان نقشي تي هڪ عام گهرو لوڪيشن ڏسي سگهندو. توهان جي (MRCA) هڪ بلڪل صحيح سالن جي تعداد تي مبني آهي، جيڪا توهان جو توهان جي ابن ڏاڏن سان سڌو تعلق تي ڏيکاريندي. اها مشابهت جيڪڏهن 550 سالن جي آهي تہ ان جو مطلب ٿيندو تہ اوهان جي پيڙهي 6 نسلن کان لاڳاپيل آهي.

جينيٽڪ ڪزنز:

اسان جي ويب سائيٽ تي توهان جي اها خانداني ڊيٽا موجود آهي. جڏهن بہ توهان کي مشابهت رکندڙ ملي تہ توهان پنهنجي جينيٽڪ خانداني سئوٽن سان تعلق ڳولي سگهو ٿا. ان صورت ۾ اسان جي ويب سائيٽ توهان جي وڏيڪ رهنمائي ڪندي ۽ توهان پنهنجي نسل کي وڌيڪ آساني سان ڳولي سگهندو. اهو توهان تي منحصر ٿو ڪري تہ توهان انٽرنيٽ تي پاڻ سان مشابهت رکندڙ سئوٽ ڪيترا ڳولي سگهو ٿا.

توهان جي قديم بزرگن جو اُسرڻ:

اسان توهان جي هيپلا گروپ تي مبني هيپلوٽائپ جي نشاندهي ڪري، توهان کي توهان جي هزارين سال اڳ جي بزرگن جي باري ۾ ٻڌايون ٿا، انهن جي زندگي ۽ وقت جي باري ۾ ٻڌايون ٿا. انهن جي زندگيءَ جي باري ۾ انساني تاريخ جي شروعات ڪندي، جڏهن ڪيترن ئي قديمي خاندانن آفريڪا کان دنيا جي مختلف هنڌن ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي. ڪئين نسلن کانپوءِ انهن مختلف ماحولن ۾ رهڻ برداشت ڪري ورتو ۽ هر هڪ آباد نسل آهستي آهستي ٻين نسلن کان مختلف ٿيندو ويو.

ذات جو ڪم ڪندڙ:

توهان جو هيپلا گروپ R1a ٻڌائي ٿو تہ توهان ذات جو ڪم ڪندڙن سان تعلق رکو ٿا, جيڪي 35000 کان 40000 سال اڳ موجود هئا. اينٿروپولوجسٽس (Anthropologists) جي مطابق انهن جو تعلق پوئين پٿر واري (Late Stone Age) سان تعلق هو.

اهو بہ ڪاٿو لڳايو ويو تہ زبان ۾ تخليقي ڪم جي شروعات بہ اتان کان ئي ٿي. جديد دؤر ۾ ثقافتي اهڃاڻ جهڙوڪ ذاتوءَ جي اوزارن, ماهيگيري, زيور, راندين, موسيقي ۽ فن جي صورت ۾ ملن ٿا.

توهان جا قديمي بزرگ شايد وچئين يا ڏکڻ ايشيا ۾ رهندا هئا, پوءِ وقت سان گڏ مختلف هنڌن ڏانهن لڏپلاڻ ڪندا رهيا. تقريباً 20000 سال اڳ اُهي دنيا جي مختلف علائقن ۾ پکڙجي ويا. يوڪرين جا پناهگير بہ انهن مان هئا, جنهن جو هيپلاگ, توهان جي هيپلاگ سان تعلق رکي ٿو جنهن جو هيپلاگ R1a1 آهي. انهن جي اوسر وڌندي موجوده هنگري ۽ منگوليا تائين پکڙجي وئي. اڄ بہ اهڙي نسل جا ماڻهو يوڪرين, زيچ ريپبلڪ, روس ۽ پولينڊ ۾ رهن پيا. هيپلو گروپ سان تعلق رکندڙن جي 50 سيڪڙو آبادي يهودين جي آهي, جيڪي هاڻي جرمني ۾ رهائش پذير آهن.

ذات جي ڪم ڪندڙن جي آبادي, ڪرگان جو حصو بہ رهي آهي, جيڪي ڪاپر جي دؤر (Copper Age) ۾ لڏپلاڻ ڪري آيا. ڪرگان جا ماڻهو اُتر يورپ ۾ رهائش پذير ٿيا, جنهن مان انڊو يورپين جو نسل وڌيو. قديمي ماڳن جي کوٽائيءَ مان اهو ظاهر ٿيو تہ ڪرگان جو نسل يوڪرين ۽ ڏاکڻي روس ۾ بہ رهائش پذير هو جيڪو ثقافت جي ترقيءَ کي بہ ظاهر ڪري ٿو. ڪرگال, چوپايو مال, سوئر, رڍون ۽ ٻڪريون پاليندا هئا. گهوڙا انهن جي عام رواجي زندگيءَ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪندا هئا. اهي ٻيلن جي پرسان مٿانهين زمينن کي آباد ڪندا هئا ۽ هٿوڙي جي قسم جهڙا اوزار استعمال ڪندا هئا. وقت سان گڏ کوٽائين مان ڪاپر جا ٺهيل چاقو ۽ خنجر بہ مليا, جيڪي اهي استعمال ۾ آڻيندا هئا.

ڊگنگ ڊيپر:

هر هڪ ماڻهوءَ ۾ 46 ڪروموزوم هوندا آهن, جنهن مان 23 مرد جا ۽ 23 عورت جا ٿين ٿا. انهن ۾ هڪ جوڙو (سيڪس) ڪروموزومز جيڪو جنس کي ظاهر ڪري ٿو. اڃا بہ ڪيترين ئي قومن ۾ ذات پنهنجي پيءُ کان اچي ٿي, جيڪا y ڪروموزومز جي ڪري اچي ٿي. علم حياتيات اهو ثابت ڪيو آهي تہ DNA اسان جي نسل کي قائم رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو جيڪڏهن ڪنهن جو لاش سڃاڻپ ۾ نہ اچي تہ ان جو DNA ٽيسٽ ڪيو وڃي ٿو جنهن جي بنياد تي ان جي وارثن کي ڳوليو وڃي ٿو. بلڪل اهڙيءَ طرح قديم نسلن جو تعلق بہ ڳوليو وڃي ٿو جيڪو هن ٽيسٽ جي ذريعي ڳوليو ويو آهي.

نظاماڻي قبيلو

نظاماڻي اصل ۾ رند آهن. ان متعلق مشهور مؤرخ رحيمداد خان مولائي شيدائي پنهنجي ڪتاب, ’جنت السند‘ ۾ صفحه 519 تي لکي ٿو ته:

”ميان يار محمد ڪلهوڙي سنڌ جي غير بلوچي قومن کي زير ڪرڻ لاءِ بلوچ قبيلن سان چڱا پير ڪنيا. نظاماڻي, جيڪي رند جي ممتاز قبيلي مان ٽالپرن جا ويجها عزيز هئا, سي مرين, جمالين ۽ لغارين کان وڌيڪ محنتي هئا. ٽالپرن سان مائٽي هئڻ ڪانسواءِ ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ ڪين وڏا عهدا مليل هئا.“

اڳتي صفحي 520 تي لکي ٿو ته سندن شجرو هيٺ ڏجي ٿو:

مير جلال خان

- رند | لاشار | ڪورائي | هوت | جتو

رند
|
مير حسن
|
پهلوان
|
نوتڪ
|
سوهگ [1]
|
اسماعيل
|
بهليل
|
محمد
|
نظام الدين

(1) نوٽ: مون وٽ جيڪي قلمي شجرا موجود آهن, انهن ۾ سوهگ نالو استعمال نه ٿيل آهي. نوتڪ خان ڪانپوءِ اسماعيل خان ٿي لکيل آهي.

اهو ساڳيو حوالو شجري متعلق (The History of Alienation in the Province of Sindh)، Gazette of 1878, Commissioner of Sindh ۾ شايع ٿيل آهي.

نظاماڻي قبيلي جو جدِ امجد (ابو) نظام الدين عرف سخي نظام فقير آهي.

سخي نظام فقير جو جنم 1600ع جي اوائل ۾ بلوچستان جي (موجوده ديري غازي خان) سلسلئہ ڪوهستان جي دامن ۾، بلوچ قوم جي بوزدار قبيلي جي هڪ مشهور ۽ بهادر مرد، محمد بوزدار جي گهر ۾ ٿيو. اهو هنڌ چوٽي بالا جي اولهہ ڏکڻ ڪُندبَ تي تقريباً 15 ميل جي فاصلي تي آهي.

سندس والد قبيلي جو سردار هو ۽ سندس قبضي ۾ يا ڪٽي چئجي ملڪيت ۾ هفتہ هزاري هئا. جيڪا اٽڪل 7000 ايڪڙ زمين ٿئي ٿي. پر ان علائقي جي نظاماڻين مطابق جيئن تہ تڏهن ايڪڙ زمين جي ماپ جو ذريعو ڪونہ هو پر هڪ وڏي ايراضي يا علائقي کي هفتہ هزاري چيو ويندو هو جنهن ۾ لکين ايڪڙ زمين هوندي هئي، جيڪا سنگلاخ پهاڙ ۽ آباد زمين تي مشتمل هئي.

سخي نظام جو والد محمد بوزدار سخي نظام جي 5 سالن جي ڄمار ۾ فوت ٿي ويو. ان بعد سندس پرورش سندس وڏي ڀاءُ بيڙخان، ننڍي ڀاءُ ۽ پُٽ جي حيثيت سان ڪئي. پاڻ ننڍپڻ ۾ ئي ٻين هڪ جيڏن کان مختلف هئا. سندس مزاج ٻين ٻارن کان مختلف هو. پاڻ ٻين ٻارن سان راند رهڻ ۽ ٻاراڻيون شرارتون ڪرڻ کان پاسيرا هوندا هئا ۽ صاف سٿرو رهندا هئا. جيئن عمر ۾ وڏا ٿيندا ويا، تيئن سندن هڪ جيڏن کي سچ ڳالهائڻ جي تلقين ڪندا هئا. انهن کي صاف سٿرو رهڻ ۽ ماءُ پيءُ جو چيو مڃڻ جو چوندا هئا. اهڙين شرارتن يا حرڪتن کان روڪيندا هئا، جن سان ٻئي ڪنهن انسان يا جِيوت کي ڪو نقصان پهچي ۽ پڻ ڪين ڪوڙ ڳالهائڻ کان سخت نفرت هئي. سندن وڏي ڀاءُ هڪ ديني عالم مقرر ڪري ديني تعليم ڏياري. قرآن مجيد ۽ فقهہ جي تعليم حاصل ڪري پاڻ هڪ وڏي عالم جي حيثيت حاصل ڪيائون. چون ٿا تہ پاڻ ايڏي ذهن جا مالڪ هئا جو هڪ عالم جي حيثيت سان ڏور ڏور تائين شهرت ماڻيائون، جيڪا سنڌ ۽ بلوچستان تائين مشهور هئي.

سخي نظام فقير تمام وڏو سخي مرد هو. وٽس زمينون ۽ مال متاع (جيئن تہ بلوچ قبيلن وٽ علائقائي لحاظ کان رڍون ڌارڻ سندس معاشي ضرورت هئي) تمام گهڻو هو اهو پاڻ پنهنجن هارين يا ضرورتمندن ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ايڏي زميندار ۽ مال متاع هوندي بہ گهر ۾ ڪا شيءِ ڪونہ ڇڏيندا هئا. سخي نظام فقير جي سخاوت سنڌ ۽ بلوچستان جي علائقن تائين مشهور ٿي ويئي هئي. جنهن ڪري پري پري کان ضرورتمند ڪهي ايندا هئا ۽ سخي نظام هر حالت ۾ انهن جي ضرورت پوري ڪندا هئا. اها ئي سخاوت سندن مشهوريءَ جو سبب بڻي، جو اڄ ڏينهن تائين پاڻ سخي نظام جي نالي سان مشهور آهن.

سندن قبر ديهہ نوان شمالي، چوٽي جمال، ڄامپور روڊ، ضلع ديره غازي خان، صوبہ پنجاب ۾ آهي.

نظام خان کي پنج پٽ 1. شاهہ علي خان، 2. مبارڪ علي خان، 3. شادن خان، 4. شادمان خان، 5. حيدر خان هئا. شاهہ علي خان جي نالي سان اڄ بہ بستي "شاهہ علي خان نظاماڻي" ضلع ديره غازي خان، صوبہ پنجاب ۾ موجود آهي. انهي ڳوٺ ۾ اڄ بہ نظاماڻين جا گهر آباد آهن. نظام خان جي پٽن جي نالي سان ڪوهہ بہ موجود آهن، جهڙوڪ شادمان والا ڪوهہ، حيدر والا ڪوهہ وغيره.. وري انهن جي اولاد جي نالن سان بہ ڪوهہ آهن، جهڙوڪ عيسيٰ والا، جمال والا وغيره... انهن ڪانسواءِ اُتي چَڪن جا نالا بہ نظاماڻين جي نالن سان منسوب آهن، جهڙوڪ: چڪ بکر والا.

جڏهن هن قبيلي جا فرد سنڌ ۾ آيا، تڏهن پنهنجن نالن سان ٽنڊا، ڳوٺ ۽ پڊ ٻڌايائون.

1. **ٽنڊو بهادر خان نظاماڻي:** جنهن جو ذڪر پير محمد راشديءَ جي ملفوظات ۾ موجود آهي. هي ٽنڊو، ڳوٺ راڄو نظاماڻيءَ جي ويجهو پراڻي دريائي ڍوري جي ڪپ تي هو.
2. **ٽنڊو قيصر نظاماڻي:** هيءُ ٽنڊو، قيصر خان نظاماڻيءَ ٻڌايو هو جيڪو اڄ به حيدرآباد ضلعي ۾ آهي.
3. **ٽنڊو فيض محمد نظاماڻي:** ماتلي شهر جي نظاماڻي محلا (هُن شهر) نزد جامع مسجد وارو پاڙو پهريون فيض محمد خان نظاماڻي آباد ڪيو هو اُن ڪري اُن جو نالو ٽنڊو فيض محمد نظاماڻي رکيو ويو هو.

قليليءَ جي پراڻي پُل جي پرسان، قديم واهه وَهندو هو جنهن جو نالو فيض واهه هو.

انهن وڏن ڳوٺن ڪانسواءِ سوين ڳوٺ ۽ پڊ نظاماڻين جي نالن سان موجود آهن. هڪ ديهه به، ديهه شاهه علي خان نظاماڻيءَ جي نالي سان ضلعي، سانگهڙ ۾ موجود آهي.

اڳتي وري رحيمداد خان مولائي شيدائي صفحه 520 تي لکي ٿو ته:

”نظاماڻين جا سنڌ ۾ 7 پاڙا موجود هئا. 1. اسماعيلياڻي، 2. مبارڪاڻي، 3. بهليلاڻي، 4. ڪرماڻي، 5. عالوداڻي، 6. قتواڻي، 7. لشڪراڻي.“

انهن جي وضاحت متعلق ’الرحيم‘ رسالي ۾، حاجي شير محمد خان نظاماڻي، وينل ٽنڊو قيصر هن طرح لکي ٿو:

1. **اسماعيلياڻي:** جنهن جو سردار الهداد خان، باقر جي ڳوٺ ، راڄو ڳوٺ وارو هو.
2. **مبارڪاڻي:** سندن سردار جو نالو ٿالو خان هو (ڪڙيو گهنور).
3. **بهليلاڻي:** بهليلاڻي نظام خان جي اولاد ۾ نه آهن، پر اُن جي ڀاءُ جو اولاد آهن. سندن سردار علي بخش خان هو.
4. **ڪرماڻي:** ولي محمد، پٽ علي بخش خان سندن سردار هو.
5. **عالُوداڻي:** جنهن جو سردار، احمد خان نظاماڻي هو (ٽنڊو قيصر).
6. **قتواڻي:** سندن سردار غلام علي خان هو. جنهن جي هٿ هيٺ چار هزار لشڪر رهندو هو. (ماتلي - بناٽي)
7. **لشڪراڻي:** جنهن جو سردار احمد خان لشڪراڻي هو. (ڳوٺ نِم ليار ۽ چانري)

حسين بادشاهه پنهنجي ترجمي ڪيل ڪتاب ”سنڌ جي جاگيرن جي تاريخ“ جي صفحي 455 تي هن طرح لکي ٿو ته:

”هيءُ قبيلو ڪيترن ئي ٽُڪن ۽ نيابتن ۾ ورهايل آهي. جيڪي اڳتي هلي اجا به آکهن ۽ پاڙن ۾ ورهائجي وڃن ٿيون. هر هڪ آکهه ۽ پاڙي کي پنهنجا ڏاڏاڻا نالا آهن. ڇهن نظاماڻي گهراڻن يا آکهن جا سردار، جن منجهان اُهي سردار چونڊيا ويا آهن، ته مان فتح محمد ۽ لشڪري خان. نظام خان جا پڙپوٽا هئا، جڏهن ته اسماعيل خان، مبارڪ خان، عالُودو خان ۽ ڪرم خان سندن تڙپوٽا هئا.“

مگر هن وقت هر ڳوٺ ۾ ڪيترائي پاڙا آهن، جيڪي مختلف نالن سان سڏجن ٿا.

نظاماڻي قبيلي جي سنڌ ۾ آمد

ديري غازي خان جي پراڻي رڪارڊ جي آفيس، جنهن جو نالو محافظ خانه آهي، اُتي سيني بلوچ قبيلن جا خانداني شجرا جمع ٿيل آهن. نظاماڻي قبيلي جو سيريل نمبر 360 آهي.

ان جي هڪ صفحي تي شاهه علي خان جي پٽ حسين خان جي مٿان هيءُ لکيل آهي ته، "اڄ کان، يعني 1878ع کان 150 سال اڳ اهو حيدرآباد سنڌ طرف روانو ٿي ويو."

انهي حساب سان جيڪڏهن 1878ع مان 150 سال ڪٽ ڪنداسون ته سال 1728ع بيهندو. حسين خان ڪانپوءِ هن قبيلي جي ٻين فردن به سنڌ طرف اچڻ جو رُخ رکيو. جهڙوڪ حيدر خان جي اولاد مان ڪرم خان ۽ سندس مائٽ 1735ع ڌاري سنڌ ۾ لڏي آيا. ڪرم خان جو اولاد اڄ به ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻيءَ ۾ رهي ٿو. اُن ڪانپوءِ مبارڪ خان جو اولاد به سنڌ ۾ لڏي آيو. شادمان خان جو اولاد سنڌ جي ضلع دادو ۽ ٻين ضلعن ۾ رهي ٿو. شادن خان جي نسل مان اڄا تائين ڪافي انداز ۾ نظاماڻي، بستي شاهه علي خان نظاماڻي ضلع ديره غازي خان ۾ رهن ٿا. حسين خان جو اولاد پوري سنڌ ۽ دنيا جي مختلف خطن ۾ رهي ٿو جنهن جو ذڪر هن ڪتاب جي نسب نامي واري حصي ۾ ڏنل آهي.

جڏهن نظاماڻي قبيلي جي ماڻهن جي آمد سنڌ طرف ٿي، ته اُن وقت ڪلهوڙا خاندان سنڌ جو حڪمران هو. نظاماڻي سنڌ ۾ اچي ڪلهوڙن جي فوج ۾ داخل ٿيا. ۽ اهم عهدن تي فائز ٿيا. اُن متعلق ڊاڪٽر غلام محمد لاکو پنهنجي ڪتاب 'ڪلهوڙا دؤر حڪومت' جي صفحه 347 تي لکي ٿو ته:

"ڪلهوڙن جي فوج ۾ ٽالپر، ڪوسو مري، نظاماڻي، مگسي، جتوئي، زرداري، پتافي، لغاري ۽ ڪليري قبيلو نمايان ڏسجي ٿو."

اهم عهدن جي حوالي سان صفحه 309 تي لکي ٿو ته:

"مراد فقير نظاماڻي، ميان سرفراز ڪلهوڙي جي دؤر حڪومت (1188هه / 1774ع) ۾ ٺٽي جو حاڪم مقرر ٿيو. پاڻ حبيب فقير جي جاءِ تي آيو هو."

رحيمداد مولائي شيدائي پنهنجي ڪتاب 'جنت السنڌ' جي صفحي 428 تي اهم عهدن جي حوالي سان لکي ٿو ته: "تلاهه خان نظاماڻي، سرائي نور محمد جو خاص نديم ۽ صلاحڪار هو. انهن ڏينهن ۾ "نديم" وزيراعظم کان به وڌيڪ رتبو رکندو هو. غلام محمد نظاماڻي، ميان نور محمد جي فوجن ۾ چئن هزارن جي دستي مٿان عملدار هو. غلام حسين خان نظاماڻي، ميان نور محمد وٽ ڪاردار هو."

"بلوچ قبائل" ڪتاب ۾ اعظم سوهدري صفحي 424 تي لکي ٿو ته: "سنڌ جي مير حڪمران جي حڪم تحت غلام علي خان ابن قيصر خان نظاماڻي بلوچ کي ٺٽي جو گورنر مقرر ڪيو ويو."

قاضي فتح محمد نظاماڻي

حيدرآباد شهر کان اوير طرف 10 ميلن جي فاصلي تي، قيصر خان جي نالي سان ٽنڊو قيصر نظاماڻي واقع آهي. قيصر خان جي خاندان مان ئي قاضي فتح محمد جن آهن. قاضي فتح محمد ولد عبدالله خان جو جنم 1249 هجري مطابق 1849ع تي ٽنڊو قيصر ۾ ٿيو. بنيادي مذهبي تعليم، يعني قرآن مجيد خليفه خان محمد شاهه وٽ پڙهيا. خليفه خان محمد شاهه اصل ۾ ڇُرائي، نزد اڏيرو لعل جا وينل هئا ۽ جهنڊي وارن پيرن جا مريد هئا.

قاضي فتح محمد قرآن مجيد جي تعليم کانپوءِ عربي فارسيءَ جي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي ۾ استاد مولوي پير محمد ٿيٻي کان حاصل ڪئي. وڌيڪ مذهبي تعليم جي حاصلات لاءِ مٽياريءَ جي شهر به ويا. مٽيارين ۾ ميان محمد صاحب وٽ پڙهڻ لڳا. سندس استاد ميان محمد صاحب کيس مشورو ڏنو ته تون ذهين آهين، تنهن ڪري بهتر ائين ٿيندو ته تون وڃي قاضي عبدالغنيءَ جي مدرسي ۾ پڙهه. قاضي عبدالغنيءَ جو مدرسو کڏهرو ۾ آهي ۽ کڏهرو سڪرنڊ شهر جي ويجهو آهي. قاضي فتح محمد ان کانپوءِ قاضي عبدالغنيءَ جي مدرسي ۾ پڙهڻ ويو. مدرسي ۾ رهندي قاضي عبدالغنيءَ وٽان دؤره حديث جو علم به حاصل ڪيائون. انهي مدرسي مان فارغ التحصيل ٿي واپس پنهنجي ڳوٺ ٽنڊو قيصر آيا. ڳوٺ ۾ رهڻ دوران درس و تدريس جو مشغلو اختيار ڪيائون. ڪجهه عرصي کانپوءِ پاڻ پير رشيد الدين شاهه (پير جهنڊي وارن) جو ڳوٺ ٽنڊو قيصر ۾ اچڻ ٿيو. اتي پهچي پير صاحب پنهنجي ڳوٺ وٺي وڃڻ لاءِ قاضي فتح محمد کي راضي ڪيو. ان کانپوءِ قاضي فتح محمد ڳوٺ پير جهنڊي جي مدرسي ۾ پڙهائڻ لڳا. پير جهنڊي واري مدرسي ۾ رهندي، پير رُشد الله، پير مظهر الدين، پير حاجي امام الدين، مفتي شاهه عباس، پير ضياءُ الدين کانئن علم حاصل ڪيو. انهيءَ کانسواءِ هالن جي مخدومن مان ميان غلام محمد ۽ ميان عبدالحسين پڻ کانئن تعليم حاصل ڪئي هئي. پير جهنڊي واري مدرسي ۾ درس و تدريس سان گڏ فتوي وارو ڪم به ڪندا هئا. مدرسي ۾ رهڻ دوران مولوي عبيدالله سنڌيءَ سان گڏ رهڻ جو موقعو به مليو هئن.

تاليف و تصنيفات

1. مفتاح رشدالله في تفسيرِ ڪلام الله

هيءَ تفسير حضرت پير رشيد الدين شاهه راشديءَ جي چوڻ تي قاضي فتح محمد نظاماڻي لکيو هو. قاضي صاحب تفسير جي مهاڳ ۾ ڪامل مرشد وٺڻ جي ضرورت، سڃاڻپ، ذڪر و فڪر، شجره خاندان راشديه، قادريه جا ۽ تصوف جا نقطا، قرآن مجيد جي فضيلت ۽ فقه جا مسئلا بيان ڪيا آهن. هيءَ تفسير ڇپيل آهي.

2. صحيح بخاريءَ جي مقدمي جو سنڌي ترجمو

مولانا قاضي فتح محمد نظاماڻي صاحب، صحيح بخاريءَ جي مقدمي جو منظوم سنڌي ترجمو ڪيو هو.

3. ڪتاب المغازي

سنڌن هٿ جو لکيل ڪتاب اڄ به سندن پونيرن وٽ محفوظ آهي.

قاضي صاحب سومر جي رات مغرب نماز بعد 3 ربيع الاول 1339 هجري مطابق 1919ع تي وفات ڪئي. سندن آخري آرام گاهه شيخ وجيهه الدين جي مقام ۾، وڏي ڪنڊيءَ جي وڻ هيٺان آهي.

مولوي نظر محمد نظاماڻي

مولوي نظر محمد ولد خليفو مراد علي نظاماڻيءَ جو جنم ماتليءَ شهر ۾ سنه 1843ع ڌاري ٿيو. سندن والد پير محمد ياسين (جاين ڏٺي) جا خليفه خاص هئا. مولوي نظر محمد جو تعلق بنيادي طرح مذهبي گهراڻي سان هو تنهن ڪري ننڍي هوندي کان ئي صوم و صلواة جو پابند هو. بنيادي مذهبي تعليم پنهنجي گهر ۾ ئي خانگي طرح پنهنجي والد صاحب کان حاصل ڪئي هئائين. ننڍي وهيءَ کان ئي مولوي نظر محمد علم جو متلاشي رهيو. سندس سوچ ۽ فڪر جو لاڙو ان طرف گهڻو هو جنهن ڪري بلوغت کان اڳ ۾ ئي گهران بغير ڪنهن اطلاع جي مذهبي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. سندن والد صاحب کي پٽ جي جدائيءَ جو گهڻو احساس ٿيو. تمام گهڻي ڳولا شروع ڪيائين. ڪين خبر پئي ته پنجاب جي مدرسي ۾ پڙهن پيا. ٿورين گهڻيون سفارشون ڪرائي پنهنجي خاص ماڻهو ڪور جي معرفت گهرائي ورتائون. جيئن ته سندن والد وڏي ڄمار جا ٿي چڪا هئا. سو والد جي وفات کانپوءِ مولوي نظر محمد وري به گهران علم حاصل ڪرڻ لاءِ روانا ٿيا ۽ وڃي ملتان پيڙا ٿيا. ملتان جي مدرسي مان مذهبي تعليم حاصل ڪيائين. ملتان ۾ رهڻ دوران ملتاني ۽ سرائيڪي زبان سکي ويو جيڪا روانيه انداز ۾ ساري عمر ڳالهائيندو رهيو.

مولوي نظر محمد اڃا به وڌيڪ مذهبي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ملتان کان هندوستان روانو ٿيو. ڪن زباني روايتن جي آڌار اهو به معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ "دار العلوم ديو بند" جي مدرسه مان فارغ التحصيل ٿيا. يعني عالم جي پڳ ٻڌائون. ليڪن سندن هڪ خط جيڪو آگسٽ 1891ع جو لکيل آهي. جنهن جو عڪس هيٺ ڏجي ٿو.



اهو خط پاڻ حيدرآباد دکن (هندوستان) مان پنهنجي وڏي پاءِ خليفه دوست محمد ڏانهن لکيو هئس. جنهن ۾ اهو ڄاڻايل آهي ته مون ڪتاب گهڻا خريد ڪيا آهن. ان لاءِ پئسا ڏياري موڪليو. ان مان اهو غالب گمان آهي ته مولوي نظر محمد حيدرآباد دکن جي ڪنهن مدرسي ۾ به پڙهيا هوندا.

مولوي نظر محمد جڏهن پنهنجي ڳوٺ ماتليءَ ۾ موٽي واپس آيا هئا. ته ان وقت سندن ڏاڙهي مبارڪ ۾ سفيدي ڇانئجي چڪي هئي، يعني ڏاڙهيءَ جا وار به اڇا ٿي چُڪا هئا، ان وقت سندن عمر 50 سالن کان مٿي ٿي چُڪي هئي. گهڻو عرصو ٻاهر رهڻ کانپوءِ ماتليءَ شهر ۾ آيا. جامع مسجد ۾ عصر نماز پڙهيائون ته سندن وڏي ڀاءِ خليفه دوست محمد شناخت واريون نشانيون ڏسي ڪري، ڪيس سڃاڻي ورتو. ان کانسواءِ ٻئي ڪنهن به ڪيس نه سڃاتو.

مولوي نظر محمد ماتليءَ ۾ رهڻ دوران مدرسو قائم ڪيو. اهو مدرسو جامع مسجد جي نزديڪ سندن قديم اوطاق پرسان هو. هن وقت انهن پيڙهين تي سندس پوٽي عبدالرحمن عرف پوڙهو خان جي جاءِ ٺهيل آهي. انهي مدرسي ۾ مولوي صاحب پاڻ به پڙهائيندو هو. مدرسي ۾ مولوي عطاءُ الله شيخ کي به پڙهائيءَ لاءِ رکيائين. مولوي عطاءُ الله اصل ۾ ڪوٽ صادق علي شاهه. تعلقه پنو عاقل، ضلع گهوٽڪيءَ جو وينل هو. مولوي صاحب جي قائم ڪيل مدرسي مان ڪيترائي ماڻهو علم جي زيور سان آراسته ٿيا.

مولوي نظر محمد مطالعي وارو عالم هو تنهن ڪري ڪيترائي ڪتاب خريد ڪيائين. جيڪي پنهنجي مدرسي ۾ رکندو ويو. افسوس صد افسوس، جو سندن وڃڻ کانپوءِ اهي ڪتاب زماني جي لاهين چاڙهين جي وَرَ چڙهي ويا. يعني ڪتابن وارو ذخيرو ضايع ٿي ويو!

عالم هئڻ جي ناتي ڪيترائي ماڻهو مولوي صاحب کان مسئلا پُڇندا هئا ۽ فتوائون وٺندا هئا. هڪ دفعي ڪن موالين اچي مسئلو پڇيو ته اسان ڀنگ ڇاڻي ڪونڊو تيار ڪيو ته ڪُتو آيو پئي، ان جو پير اچي ڪونڊي ۾ پيو. هاڻ اسان لاءِ اها ڀنگ جائز آهي يا نه؟ پيئون يا نه پيئون؟ مولوي صاحب چيو ته ڪُتي جو پير ڌوئاري ڇڏيو توهين ڀنگ وڃي پيئو. مطلب ته ڀنگ جو نشو ڪتي جي پير کان خراب آهي. ڪهڙي نه عقلمنديءَ واري بهترين سمجهاڻي ڏني هئس!

مولوي صاحب جو حڪمت سان به دلي لڳاءُ هو. ماتليءَ ۾ رهندي حڪمت وارو ڌنڌو به اختيار ڪيائون. ڪيترائي موذي مرضن وارا ماڻهو سندن دوا ۽ دُعا سان شفا ياب ٿيا. جهڙوڪ ان وقت ماتليءَ جو مشهور زميندار پورا سنگهه. جنهن کي ڪاري ڪنگهه (سلهه) جي بيماري ٿي ويئي هئي. جيئن ته اُن وقت سلهه جي بيماري جو علاج ڊاڪٽري نسخي مطابق نه هو جنهن ڪري اُن کي لاعلاج ڪري ڇڏيائون. اُهو علاج کان نا اُميد ٿي مولوي صاحب جن وٽ آيو جتان دعا به ڪرايائين ۽ علاج لاءِ دوا به ۽ سندن دوا سان شفا ياب ٿي ويو. جيڪو پڇاڙي تائين مولوي صاحب جي دلي طرح عزت ڪندو هو. بلڪ تعظيماً مولوي صاحب سان نيازَ ۽ نوڙت سان پيش ايندو هو.

مولوي نظر محمد جو حڪمت بابت لکيل ڪتاب مون کي مولوي محمد صالح تُرڪ جي فرزند، محمد اسماعيل تُرڪ کان مليو. جيڪو مون فوٽو اسٽيٽ ڪرايو ۽ اصل ڪاپي محمد اسماعيل تُرڪ جي حوالي ڪئي. اهو ڪتاب وڏي سائيز جو آهي ۽ 200 صفحن تي مشتمل آهي. خليفه احمد حسين نظاماڻي ٻڌايو ته سندن والد خليفو محمد مراد نظاماڻي ٻڌائيندو هو ته چاچو مولوي نظر محمد صاحب چوندو هو ته، "هن وقت هندوستان جي سرزمين تي حڪمت جي علاج بابت طِب جا 10 جلد هلندڙ آهن. جيڪي مون کي برزبان ياد آهن. مون هندوستان جي خطي ۾ جيڪي به علم آهن. اُنهن جي تعليم حاصل ڪئي آهي، صرف هڪ يولُو علم يعني انگريزي علم حاصل نه ڪيو آهي، اُن بابت افسوس اٿم جو اهو علم به حاصل ڪريان ها. جيئن ته مولوي صاحب با عمل عالم هو پڙهائيءَ دوران پنجاب ۽ هندوستان جي مدرسن ۾ رهيو. مختلف مدرسن ۾ مختلف علائقن جي شاگردن سان گڏ رهڻ ڪري چوڏهن ٻوليون سکي ويو. اردو عربي، هندي، سنسڪرت تي چاڻ حاصل هئس. فارسي ته ڄڻڪ مادري زبان ٿي ويئي هئس. فارسي زبان ۾ گهڻو ڪجهه لکيائين. مولوي صاحب بهترين نثر نويس هو. شاعريءَ طرف توجهه ڏني هئس، جيڪا اڪثر ڪري اردو زبان ۾ ڪئي اٿس. اردو شاعريءَ ۾ تخلص 'شميم' اختيار ڪيائين. سندس مشهور غزل هيٺ ڏجي ٿو:

انساں کو چاہیے نہ کسی پہ گراں رہے،
مثلِ نسیم رونق باغ جہاں رہے۔

اس دار ابتلا میں نہ ہو خستہ دل کبھی،
ثابت قدم ہمیشہ دمِ امتحاں رہے۔

سمجھے مقدم اپنے فوائد پہ نفع خلق،
سودا یہی ہو سود رہے یا زیاں رہے۔

گلشن میں ہیں 'شمیم' تو صحرا میں موج آب،
وجہہ سرور بن کے رہے ہم جہاں رہے۔

مولوي صاحب 1918ع ڌاري وفات ڪئي. جڏهن سندس جنازو کنيو ويو ته ڪانوَ پکي مٿان اُڏامندا رهيا. ۽ جنازي مٿان ۽ ڪانڌين مٿان چانوَ ڪندا رهيا. جڏهن جنازو مدفنيءَ لاءِ رکيو ويو ته اُهي پرِيان ٿي زمين تي ويٺا. دفن ڪرڻ کانپوءِ ماڻهو جڏهن واپس پنهنجي گهر ڏانهن موٽيا، ته اهي پکي به اُڏامي ويا!

قاضي فتح الرسول نظاماڻي

قاضي فتح الرسول ولد قاضي فتح محمد نظاماڻيءَ جو جنم ٽنڊو قيصر نظاماڻيءَ ۾ ٿيو. تحقيقات جي آڌار تي سندن پيدائش جو سال 1900ع معلوم ٿئي ٿو. سندس والد قاضي فتح محمد پنهنجي وقت جا وڏا عالم، فاضل، فقه جا ماهر هئا، گڏوگڏ صاحبِ تقويٰ ۽ صاحبِ فتويٰ هئا. ڪيترن ئي ديني ڪتابن جا مصنف ۽ مترجم آهن.



قاضي فتح الرسول پنجن ورهين جي ڄمار ۾ پنهنجي والد وٽ قرآن مجيد پڙهڻ ويٺا. قرآن مجيد ختم ڪرڻ ڪانپوءِ وڌيڪ مذهبي تعليم جي حصول لاءِ پنهنجي والد سان گڏ پير جهنڊي واري مدرسي ۾ پڙهڻ ويا، چاڪاڻ ته سندن والد ان مدرسي ۾ بهترين استاد جي حيثيت سان پڙهائيندو هو. قاضي فتح الرسول ٻه اتي پنهنجي والد ۽ ٻين استادن وٽ پڙهڻ شروع ڪيو. مدرسي جي عالمن کان فارسي، عربي، فقه، حديث شريف ۽ اصول حديث جي تعليم حاصل ڪيائون. چند سالن ڪانپوءِ پاڻ انهي مدرسي مان فارغ التحصيل ٿيا.

فارغ التحصيل ٿيڻ ڪانپوءِ پير صاحبن جي چوڻ تي ساڳئي مدرسي ۾ درس و تدريس جو عمل جاري رکيائون. ڪجھ وقت ڪانپوءِ موٽي پنهنجي آبائي وسندي ٽنڊو قيصر ۾ آيا. ٿوري ئي وقت ۾ ان ڪانپوءِ پاڻ ٽنڊو قيصر جي هاءِ اسڪول ۾ عربيءَ جا استاد مقرر ٿيا. ان عهدي تي پاڻ 15 سال ڪم ڪيائون ۽ ان بعد رٽائرمينٽ ورتائون.

درس و تدريس سان گڏوگڏ پاڻ تصنيف و تاليف ۽ مترجم وارو ڪم ٻه جاري رکيو هئائون. سندن لکيل مضمون مهراڻ، الرحيم ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيندا رهندا هئا.

پاڻ ڪيترن ئي عربي ۽ فارسيءَ ڪتابن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هئائون، جن مان ڪي شايع ٿيل آهن. ڪي قلمي حالت ۾ سندن خاندان وارن وٽ پيل آهن.

راقم الحروف پير جهنڊي واري لائبريري ڏسڻ وڃو جتي قاضي فتح محمد ۽ قاضي فتح الرسول جا ڪيترائي ترجما ٿيل ڪتاب قلمي صورت ۾ ڏٺائين. ان ڪانسواءِ ڳوٺ امين لاکو ۾ ڊاڪٽر صالح محمد شاهه جي قائم ڪيل ذاتي لائبريريءَ ۾ ٻه قاضي فتح الرسول جا ترجما ٿيل ڪتاب ڏسڻ ۾ آيا.

آخري وقت تائين پاڻ تحقيق ۽ تصنيف جو ڪم جاري رکيائون ۽ مختصر علالت بعد 19 شوال 1409 هجري بمطابق 25 مئي 1989ع بروز خميس فجر جي وقت، هن فاني دنيا مان رحلت ڪيائون. پاڻ ٽنڊو قيصر جي ويجهو تاريخي مقام شيخ وجيهه الدين ۾ پراڻي ڪنڊي جي وڻ جي هيٺان مدفون آهن.

مراد علي خان نظاماڻي

مراد علي خان نظاماڻي ولد ڪرم علي خان نظاماڻيءَ جي جنم جي تاريخ صحيح موجود نہ آهي، مگر اسڪول رڪارڊ ۾ پهرين جنوري 1935ع لکيل آهي. مراد علي خان ڳوٺ باگو واداڻي تعلقو ٽنڊو آدم ۾ جنم ورتو.

مراد علي خان جي ناني رئيس بچل خان نظاماڻي ڪجھ زمين شادن خان نظاماڻي، تعلقہ ماتليءَ جي ڳوٺ پرسان خريد ڪئي، تنهن ڪري لڏي اچي اُتي وينو. ڪرم علي خان بہ ساڻس گڏ، پرسان گهر ٺهرائي وينو. مراد علي خان جيئن 4 سالن جي عمر جو ٿيو تہ ان کي قرآن شريف پڙهائڻ لاءِ، مولوي خميسو خان نظاماڻيءَ وٽ ويهاريو ويو، جيڪو هن چئن پنجن مهينن ۾ پڙهي پورو ڪيو. ڳوٺ ۾ ڪو بہ اسڪول نہ هو، تنهنڪري مراد علي خان کي سندس والد ابتدائي تعليم لاءِ ڳوٺ ٽريءَ ۾ داخل ڪرايو. اهڙيءَ طرح هُن ابتدائي تعليم پرائمري اسڪول ٽريءَ ۾ پوري ڪئي، جتان هن 4 درجا (سنڌي) پاس ڪيا. پرپاسي ۾ ڪو بہ هاءِ اسڪول نہ هو. ٽنڊو غلام عليءَ ۾ (A_V) ڪلاس (Anglo Vernacular Classes) شروع ڪيا ويا، جتي ٻارن کي ٽئين درجي انگريزي تائين تعليم ڏيڻ جو بندوبست هو. مراد علي خان کي پهرئين درجي جي انگريزي پڙهڻ لاءِ A_V ڪلاسز ٽنڊو غلام عليءَ ۾ داخل ڪرايو ويو، جيڪو سندس ڳوٺ کان 4_5 ميل پري هو. اُتي هر روز ٽنڊو غلام علي تائين گهران پنڌ ايندا ويندا هئا. اُتي هڪ سال پڙهي پهريون درجو (انگريزي) پاس ڪيائون. اُن بعد ڪيس مخدوم غلام حيدر گورنمينٽ هاءِ اسڪول هالا ۾ ٻئين درجي ۾ داخل ڪرايو ويو. جتان ڇهين درجي مان ڊبل پروموشن وٺي سنڌ يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ پاس ڪيائون. انٽرميڊيٽ آرٽس گورنمينٽ ڪاليج ڪاري موري حيدرآباد ۾ پڙهي، سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائون.



مراد علي خان جي والدين جي مالي حالت سٺي نہ هئي، تنهنڪري هن کي نوڪري ڪرڻي پئي. 1953ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ ماستريءَ جي عهدي تي مقرر ٿيا. اهڙيءَ طرح سندن نوڪري جو آغاز ٿيو. هُن

پنهنجي نوڪريءَ دوران تعليم جاري رکي ۽ هيٺ ڄاڻايل امتحان پاس ڪيا:

- B.A (Hon) Sindh University Hyderabad
- B.T Sindh University Hyderabad
- M.A Sindh University Hyderabad
- M.Ed Sindh University Hyderabad

مراد علي خان B.T سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهي رهيا هئا. تڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اسٽوڊنٽس يونين (Student's Union) جون چونڊون ٿيون. ان ۾ مراد علي خان اسٽوڊنٽس يونين (Student's Union) جو نائب صدر (Vice_President) چونڊيو ويو.

صدر (President) هميشه پروفيسر هوندو هو. جنهن کي وائس چانسلر (Vice_Chancellor) مقرر ڪندو هو. جڏهن ايم-اي (M.A) پڙهندو هو. تڏهن Religio Cultural Islamic Society, Sindh University جو صدر چونڊيو ويو.

مراد علي خان جڏهن آفيسر مقرر ٿيا. تڏهن هيٺيان ڪورس ڪيائون:

- Certificate course in the field of "Education Planning" from Gordon College Edinburgh, U.K
- Course in the field of "Curriculum Development" from O.I.S.E (Ontario Institute for Studies in Education) Toronto, Canada.
- Certificate course in the field of "Education Policy Planning" from Harvard University U.S.A

مراد علي خان گورنمينٽ هاءِ اسڪول، گورنمينٽ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد ۽ ٻين ڪيترن اسڪولن ۾ استاد طور ڪم ڪيو ۽ تمام سٺي استاد جي حيثيت سان پنهنجو نالو روشن ڪيو. اُن کان علاوه مراد علي خان کي Assistant District Inspector of Schools طور ڪيترين ئي مختلف جڳهن تي رکيو ويو. جتي هُن تمام وڏي جفا ڪشي ۽ ايمانداريءَ سان ڪم ڪيو ۽ علم جي واڌاري ۽ تعليم جو معيار بلند ڪرڻ لاءِ پڻ اُپاءَ ورتا. ڪنهن بہ استاد کي اسڪول مان هڪ ڏينهن گسائڻ برداشت نہ ڪيائون. ان ڪري هن جي بيٽ ۾ پرائمري تعليم جو معيار ڪافي بلند ٿيو.

سرڪاري اسڪولن کانسواءِ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ Junior Masters (BPS_17) ۾ پڻ چونڊجي ويا ۽ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ گهڻي محنت سان ڪم ڪيائون. ان زماني ۾ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو جي شاگردن کي مغربي پاڪستان جي دؤري تي وٺي ويا ۽ نٿيا گليءَ ۾ فيلڊ مارشل محمد ايوب خان (صدرِ پاڪستان) سان ملاقات پڻ ڪرايائون.

جڏهن كيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ Deputation جو وقت گذريو تڏهن كين ٽريننگ اسڪول ميرپور بٺورو ۾ مقرر ڪيو ويو. ان زماني ۾ پبلڪ اسڪول حيدرآباد قائم ڪيو ويو. استادن جي پرتيءَ لاءِ درخواستون گهرايون ويون, جنهن ۾ مراد علي خان پڻ درخواست ڏني. سليڪشن بورڊ جي سفارش تي مراد علي خان ۽ 9 ٻيا استاد ٿيا. پبلڪ اسڪول ۾ پهريائين مقرر ٿيا. مراد علي خان جي محنت ۽ ذهانت جي ڪري هائوس ماستر (Sina House) مقرر ڪيو ويو. جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو وزير خارجه جي حيثيت ۾ پبلڪ اسڪول جو معائنو ڪرڻ آيو هُن جي ريفريشمينٽ (Refreshment) جو بندوبست Sina House ۾ ڪيو ويو.

مراد علي خان هتي ڏاڍي محنت سان ڪم ڪيو. شاگردن جي هڪ گروپ کي مشرقي پاڪستان جو تفصيلي دورو ڪرايو. جڏهن مسٽر F.A Johns (پرنسپال پبلڪ اسڪول حيدرآباد) پنهنجي نوڪري جو tenure ختم ڪري پنهنجي ملڪ لنڊن ويو تہ مراد علي خان کي سندس محنت ۽ سُٺي ڪم ڪرڻ جي ڪري اسڪول پرنسپال جي چارج چيئرمين بورڊ آف گورنرز ڏني. پاڻ ڪجهہ عرصو پبلڪ اسڪول جا پرنسپال رهيا. تنهن وقت جي چيئرمين بورڊ آف گورنرز پبلڪ اسڪول حيدرآباد کين پڪي / مستقل طور وائس پرنسپال پبلڪ اسڪول حيدرآباد جي نوڪريءَ جي آڇ ڪئي, پر مراد علي خان خانگي نوڪريءَ کان سرڪاري نوڪريءَ کي ترجيح ڏني ۽ سرڪاري ملازمت تان هٿ ڪڍڻ کان انڪار ڪيائون ۽ واپس گورنمينٽ سروس ۾ آيا.

تعليم کاتي ۾ ڪجهہ عرصو استاد ۽ اسسٽنٽ انسپيڪٽر رهڻ کانپوءِ 1 جنوري 1970ع ۾ پروموشن ڏيئي هيڊ ماستر مخدوم غلام حيدر گورنمينٽ هاءِ اسڪول هالا ۾ مقرر ڪيو ويو. اُتي ٻارهن مهينا ڪم ڪيائون ۽ اسڪول ۾ ڪافي سڌارا آندائون.

ان بعد Registrar Departmental Examinations, Directorate of Education Hyderabad Region مقرر ڪيا ويا. نوَن مهينن کانپوءِ سيڪشن آفيسر Education Department Sindh Secretariat جي عهدي تي بدلي ڪري مقرر ڪيا ويا.

مراد علي خان جن سيڪشن آفيسر (ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ) جي حيثيت ۾ گهڻو ڪم ڪيو ۽ کين 1974ع ۾ ڊپٽي سيڪريٽري ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ مقرر ڪيو ويو. سندن محنت, ديانتداري ۽ ذهانت جي ڪري کيس 5 نومبر 1975ع تي ڊائريڪٽر ايجوڪيشن حيدرآباد (حيدرآباد ريجن) مقرر ڪيو ويو. ڊائريڪٽر آف ايجوڪيشن ٿيڻ ڪري هيٺين ادارن جا ميمبر رهيا:

- Member: Board of Governors Cadet College Petaro.
- Member: Board of Governors Public School Hyderabad.
- Member: Board of Governors Public School Mirpur Khas
- Member: Board of Intermediate & Secondary Education Hyderabad
- Member: Board of Technical Education, Sindh
- Member: Sindh Text Book Board Jamshoro.

ان عرصي ۾ مراد علي خان ذاتي محنت ڪري تعليم ۾ سڌارا آندا ۽ تعليم جو معيار بلند ڪيائون. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هاءِ اسڪول منظور ڪرايائون. انهي ڪري تعليم ۾ نمايان واڌارو ۽ سڌارو ٿيو.

گورنمينٽ وري بدلي ڪري ڊپٽي سيڪريٽري پلاننگ اينڊ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ (گورنمينٽ آف سنڌ) مقرر ڪيو.

انڪري ڪين سرڪاري ڪمن سان اسلام آباد تمام گهٽو ويٽو پوندو هو. 1980ع ۾ اسڪولن کي سڌارڻ ۽ واڌاري لاءِ استادن کي سکيا ڏيڻ لاءِ Fourth Education Project with HQs @ Hyderabad قائم ڪيو ويو. جنهن ۾ مراد علي خان نظاماڻيءَ کي پراجيڪٽ ڊائريڪٽر (Fourth Education Project) مقرر ڪيو ويو ۽ ولايت مان 3 انگريز ڪنسلٽنٽ (Consultant) پڻ مقرر ڪيا ويا. مراد علي خان انهي پراجيڪٽ کي ڏاڍو سٺو هلايو. استادن کي تربيت ڏيڻ جو پروگرام شروع ڪيائون. جنهن ۾ ٻين صوبن جا استاد پڻ تربيت لاءِ آيا. جڏهن Fourth Education Project پوري طرح ڪم ڪرڻ لڳو تڏهن مراد علي خان کي بدلي ڪري Education Attache Pakistan Embassy London مقرر ڪيو ويو.

اهو به واضح ڪجي ٿو ته پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ يعني 14 آگسٽ 1947ع کان 1980ع تائين ڪو به آفيسر سنڌ مان ان عهدي تي مقرر نه ڪيو ويو. مراد علي خان پهريون شخص هو جنهن کي اهو اعزاز حاصل ٿيو.

مراد علي خان کي گهڻو ڪري سيني برٽش يونيورسٽين کي ڏسڻ جو موقعو مليو جتي هُن پاڪستاني شاگردن جي ڏاڍي همت افزائي ڪئي. اهڙا اُپاءَ ورتائون، جنهن ۾ پاڪستان کي برٽش يونيورسٽين ۾ مشهور ڪيو ويو. هن پاڪستاني شاگردن لاءِ ڪيمبرج يونيورسٽيءَ مان اسڪالرشپون منظور ڪرايون.

Education Attache رهڻ دوران Her Majesty Queen Elizabeth مراد علي خان نظاماڻي ۽ سندس زوجه کي Buckingham Palace ۾ ڪيترا ڀيرا مدعو ڪيو. (دعوت نامي جي فوٽو ڪاپي هن سان گڏ ڏجي ٿي).

EIIR

The Lord Chamberlain

is commanded by Her Majesty to invite

Mr Murad Ali Khan Nizamani

and Mrs Nizamani

to an Evening Reception at Buckingham Palace

on Tuesday, 30th November, 1982

at 9.30 p.m.

National Dress or Evening Dress, Decorations.
Uniform for Service Attachés.

مراد علي خان 6 سال ڪاميابيءَ سان ڪم ڪري وري پاڪستان ۾ بدلي ٿي، ڊائريڪٽر آف ايجوڪيشن حيدرآباد مقرر ڪيا ويا. ڪجهه عرصي بعد مراد علي خان کي ايجوڪيشن سيڪريٽري (گورنمينٽ آف سنڌ) مقرر ڪيو ويو. انهي دوران به تعليم جي واڌاري ۽ تعليم جي معيار بلند ڪرڻ ۽ ادارن جو انتظام سڌارڻ جي لاءِ گهڻو ڪجهه ڪيائون. ڪجهه عرصي بعد مراد علي خان نظاماڻيءَ کي بدلي ڪري، چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ

مقرر ڪيو ويو. ان ڪانپوءِ هو Director Bureau of Curriculum and Extension Wing Sindh, Jamhsoro جي عهدي تي بہ فائز رهيا. جتان پوءِ بدلي تي ڊائريڪٽر آف ايجوڪيشن ميرپور خاص مقرر ٿيا. جتان 1994ع جي آخر ۾ پيينشن تي لٿا.

مراد علي خان پنهنجي جفا ڪشي، محنت ۽ ايمانداريءَ سان ڪم ڪري ڪاتي ۾ جيڪو سڌارو ۽ واڌارو آندو، سو هميشہ ياد رهندو ۽ نئين نسل لاءِ سندس زندگي سبق آموز ۽ راهہ مشعل آهي. جو هڪ غريب ٻار پنهنجي محنت ۽ جفاڪشيءَ سان وڏا عهدا ماڻي، ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪري سگهي ٿو.

مراد علي خان پيينشن تي لهڻ ڪانپوءِ سنڌ گورنمينٽ جي لاءِ ريسرچ رپورٽس / ڪتاب لکيا. جيڪي هيٺ ڄاڻائجن ٿا:

1. "An evaluation of Pre_Service and In_Service Training Programs of Primary Teachers etc. (1970_1993)"
2. "An evaluation of structure and management of Primary Education in Sindh"
3. "A survey of decisive factors affecting the participation rate of girls in primary schools of urban and rural schools in Sindh"
4. "A critical evaluation of teacher training Institute of Sindh"
5. "Management & Supervision manual for Managers and Supervision of Elementary Education"

مراد علي خان پنهنجي نوڪريءَ دوران سخت محنت، ايمانداري ۽ نهٺائيءَ سان ڪم ڪري، تعليم کاتي ۾ هڪ مثال قائم ڪيو آهي. جيڪو هميشہ نئين نسل لاءِ راهہ مشعل رهندو.

مراد علي خان کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر مقرر ڪيو ويو جتي پاڻ ايمانداري ۽ محنت سان ڪم ڪيائون. ان کان علاوه اهو عرض ڪجي ٿو تہ مراد علي خان ڪيترن غريبن، بيروزگارن کي روزگار ڏياريو جيڪي بہ نوڪريون ڏنيون، اُهي Merit تي ڏنيون.

مراد علي خان جون سماجي خدمتون بہ نمايان آهن. جيئن باگو وداڏيءَ کان ٽنڊو آدم روڊ منظور ڪرايائون. باگو وداڏي ڳوٺ لاءِ بوائز پرائمري اسڪول، گرلس پرائمري اسڪول، اهڙيءَ طرح ڇوڪرن لاءِ هاءِ اسڪول ۽ ڇوڪرين لاءِ هاءِ اسڪول بہ منظور ڪرايائون. باگو وداڏي ڳوٺ لاءِ بجلي ۽ گئس منظور ڪرايائون ۽ اُتي هڪ سرڪاري اسپتال پڻ منظور ڪرايائون.

مراد علي خان هن وقت زنده آهن. مراد علي خان جيڪي خدمتون ڪيون آهن، سي هميشہ ياد رهنديون ۽ نئين نسل کي کپي تہ اهي سبق آموز ڳالهيون سکي گهر، قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪن. جيئن اسان جو پيارو ملڪ پاڪستان وڌيڪ خوشحال، مضبوط ۽ شاد آباد رهي.

"سر" حاجي عبدالحق نظاماڻي

"سر" حاجي عبدالحق ولد شاهه محمد نظاماڻيءَ جو جنم 1 جنوري 1917ع ٽنڊو قيصر ۾ ٿيو. ابتدائي پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائون. ميٽرڪ سال 1934ع ۾ ڪيائون. پاڻ پهرئين نوڪري ٽائون آفيسر طور، ٽائون ڪميٽي هالا ۾ پرتي ٿيا.



هڪ رات سمهڻ ويل سوچيندي خيال آيس ته هن نوڪريءَ ۾ صرف پنهنجي ذات لاءِ فائدو آهي، باقي عام انسانن جو ڪو به فائدو نه آهي. ان ارادي جي سبب ٽائون آفيسريءَ تان استعفيٰ ڏيڻ ڇڏيائون ۽ ان ڪانپوءِ استادي پيشي لاءِ درخواست ڏنائون. پاڻ پهرئين ٽنڊو قيصر ۾ استاد مقرر ٿيا. جيئن ته ان وقت ٽنڊو قيصر ۾ انگريزي اسڪول جي بلڊنگ ٺهيل نه هئي، ان ڪري پاڻ پهرئين بينچ پنهنجي اوطاق ۾ پڙهائي هئائون. ڪيترن ئي غريبن کي پڙهائيءَ لاءِ خرچ به ڏنائون. ڪن ٻاهرين شاگردن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو بندوبست پڻ ڪندا هئا. پنهنجي پيشي جي لحاظ کان نهايت ناميارو استاد ۽ ڳوٺ ۾ هر دلعزيز هئڻ سبب "سر" جو خطاب کين انگريزن طرفان نه پر عام ڳوٺاڻن جو ڏنل هو.

"سر" عبدالحق به قلمي شجرو لکيو هو ۽ ان سان گڏوگڏ ٽنڊو قيصر جي تاريخ جي حوالي سان ٽنڊو قيصر جي ڊائري پڻ لکي هئي. جڏهن پاڻ استاد هئا، ڳوٺ ۾ پوسٽ آفيس وارو ڪم به ڪندا هئا.

ٽنڊو قيصر ۾ گرلس هاءِ اسڪول جي عمارت نه هئڻ ڪري نياڻيون مڊل جي تعليم ڪانپوءِ گهر ۾ ويهي رهنديون هيون. سر عبدالحق نياڻين جي تعليم جي حوالي سان ذاتي ڪوشش ورتي ۽ آسي زمينيءَ جي گهر وڃي نياڻين کي پڙهائيندا هئا. ان تعليم جي بدولت هن وقت گرلس هاءِ اسڪول ٽنڊو قيصر جي هيڊ مسٽريس به آسي زمينيءَ جي ڌيڻ آهي، جيڪا ڳوٺ جي پهرئين نظاماڻي ٽيچر آهي، جنهن جو سهرو به سر عبدالحق جي سر تي آهي.

سر عبدالحق جي ايمانداري ۽ سچائيءَ جا ڪيترائي مثال آهن، مگر انهن مان هڪ جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

سندن هاري جعفر خاصخيلي، جيڪو سندن والد جي وقت کان هاري هو. هڪ دفعي ٻني کيڙي رهيو هو ته چونيءَ ۾ ڪا شيءِ لڳي ته ان کي کڏي ٻاهر رکيائين. جوڳ پوري ڪري شام جو کٽي سر عبدالحق جي اوطاق تي آيو. سر عبدالحق هاريءَ کي چيو ته اهو تنهنجو ٿيو ڇاڪاڻ ته توکي هٿ لڳو آهي. هاريءَ جي گذارش تي ٿيي کي کوليائون، جنهن مان 80 سِڪا چانديءَ جا مليا. اهي هاري جعفر کي ڏيئي ڇڏيائون. سندن اها به خوبي هئي جو پاڻ کان وڏي عمر جي ماڻهن جي اڳيان ڪڏهن نه هلندا هئا، ايتري قدر جو پنهنجي هاري جعفر جي اڳيان به نه هليا.

سر عبدالحق 9 جنوري 1984ع تي وفات ڪئي. سندن قبر شيخ وجيهه الدين جي مقام ۾ آهي.

خالد حيات نظاماڻي

خالد حيات نظاماڻي ولد ظُهر الدين نظاماڻيءَ جو جنم ٽنڊو قيصر ۾ ٿيو. اسڪولي جنرل رجسٽر مطابق سندن پيدائش جي تاريخ 01/07/1941ع آهي. ابتدائي پرائمري تعليم جا پنج درجه ٽنڊو قيصر جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪيائون. انگريزي تعليم جا ٽي درجا يعني مڊل تائين پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول ۾ پڙهيا هئا. وڌيڪ تعليم جي حاصلات لاءِ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ داخلا ورتائون. جتان نائين ۽ ڏهين درجي جو امتحان پاس ڪيائون.

جيئن تہ اُن وقت انٽرميڊيٽ بورڊ قائم نہ ٿيو هو اُنڪري ميٽرڪ وارو امتحان سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائون. يارهين ۽ ٻارهين درجي جو امتحان گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ڪاري موريءَ مان ڏنائون ۽ پاس ٿيا. ايم ايس سي آرگنڪ ڪيمسٽري سبجيڪٽ ۾ سنہ 1966ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائون. سنہ 11/01/1967ع تي پاڻ ليڪچرار مقرر ٿيا. سندن پهريون آرڊر گورنمينٽ ڪاليج خيرپور ميرس ۾ ٿيو. اُن ڪانپوءِ ٻين ڪاليجن جهڙوڪ ماتلي، ٽنڊو محمد خان ڪاليج ۾ رهيا. اُن ڪانسواءِ سنڌ جي مختلف ڪاليجن ۾ بہ سروس ڪيائون. آخر ۾ ڪيمسٽري شعبي جا پروفيسر مقرر ٿيا.

تعليمي خدمتن جي حوالي سان ڪين آخر ۾ انٽرميڊيٽ سيڪنڊري ايجوڪيشن بورڊ حيدرآباد جو 17/05/2000 کان 30/06/2001 تائين ڪنٽرولر مقرر ڪيو ويو. اُتان پاڻ رٽائرمينٽ ورتائون.

مراد فقير نظاماڻي

مراد فقير ولد فتح محمد نظاماڻيءَ جو جنم ڳوٺ شاهه علي خان نظاماڻي، ديهه شاهه علي خان نظاماڻي ضلعو سانگهڙ ۾ ٿيو. مراد فقير نظاماڻي، قيصر خان نظاماڻيءَ جو سئوٽ هو. نظاماڻي قبيلي جي حوالي سان هيءَ پهريون شخص آهي جيڪو ڪلهوڙن جي دؤر حڪومت ۾ ٺٽي جو گورنر مقرر ٿيو. جنهن جو ذڪر ڪيترن ئي تاريخي ڪتابن ۾ ملي ٿو.

- محمد قائم خان ڪوڪلتاس ڪانپوءِ محرم 1184 هجري (مئي 1770ع) ۾ ميان صاحب حبيب فقير نائچ کي ٺٽي جو انتظام حوالي ڪيو. ان ڪانپوءِ محمد حسين انهي عهدي تي مقرر ٿيو ءِ ان بعد مراد فقير نظاماڻي 1188 هجري (1774ع) تائين شهر ۾ علائقي جي انتظامي ڪاروبار جو نگران رهيو. (1)
- ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي وقت ۾ ٺٽي جو حاڪم هو ءِ چئن ورهين تائين اتي رهيو هو. حبيب فقير نائچ جي جاءِ تي ويو هو. (2)
- مراد فقير نظاماڻي، ميان سرفراز ڪلهوڙي جي دؤر حڪومت (1188هه / 1774ع) ۾ پڻ ٺٽي جو حاڪم مقرر ٿيو. پاڻ حبيب فقير جي جاءِ تي آيو هو. (3)

---

1. غلام رسول مهر، مترجم: ابن حيات پنهور ۽ شمشير الحيدري، 'تاريخ ڪلهوڙا'، حصو ڇهون، جلد 2، ص 592 سنڌي ادبي بورڊ ڇاپو پهريون، سال اشاعت: 1964ع
2. شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ مرحوم، 'قديم سنڌ ۽ اُن جا مشهور شهر ۽ ماڻهو'، ص 301
3. ڊاڪٽر غلام محمد لاکو 'ڪلهوڙا دؤر حڪومت'، ص 309، سال اشاعت: 2004ع

قيصر خان نظاماڻي

قيصر خان نظاماڻي، نظاماڻي قبيلي جي جدِ امجد نظام الدين عرف سخي نظام فقير جي پوٽي حسين خان جي اولاد مان محمد خان جا پُٽ آهن. قيصر خان ولد محمد خان عرف ڳاڙهو خان جو جنم ڳوٺ شاهه علي نظاماڻي، ديهه شاهه علي نظاماڻي تعلقہ شهدادپور، ضلع سانگهڙ ۾ ٿيو.

قيصر خان جي پيدائش جي تاريخ زباني روايتن جي آڌار تي 1140 هجري معلوم ٿئي ٿي. شروعاتي مذهبي تعليم پنهنجي آبائي ڳوٺ مان حاصل ڪيائون. خطن، ڪتابن ۽ تاريخي تذڪرن ۾ آيل بيانن مان اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ عربي پڙهيل هئا. ان سان گڏوگڏ کين فارسي زبان تي بہ دسترس حاصل هوندي هئي. ننڍي هوندي کان ئي پاڻ صوم و صلواة جا پابند هئا ۽ عمر جي آخري حصي تائين بہ سندن صوم و صلواة جي پابنديءَ جا احوال ملن ٿا. ان متعلق مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو پوٽو مخدوم ابراهيم مڏئي وارو پنهنجي تصنيف "قسطاس المستقيم" ۾ سندس ذڪر هن طرح ڪري ٿو:

ترجمو: "مير فتح علي خان جي ڪن عالمن هي فتوي ڏني آهي، تہ عدل ۽ انصاف لاءِ رمضان ۾ روزن جي بدلي پلي فديو ڏي. اهڙيءَ طرح انهن علمائن سندس اهڙي امير قيصر خان نظاماڻيءَ جي باري ۾ بہ اها فتوي ڏني آهي، تہ جيڪڏهن رمضان گرميءَ جي مهيني ۾ اچي تہ هو سرديءَ جي موسم ۾ پنهنجا روزا رکي پورا ڪري ڏئي."

جيئن ٻين قبيلن کي جاگيرون مليل هيون، تيئن نظاماڻي قبيلي جي فردن وٽ بہ جاگيرون هيون. قيصر خان جي وڏن کي سبزل ڪوٽ وارو علائقو جاگير طور مليل هو. انتظامي حوالي سان قيصر خان جو سئوٽ مراد فقير نظاماڻي، نئي پرڳڻي جو ميان سرفراز ڪلهوڙي جي دؤر حڪومت ۾ گورنر رهي چڪو هو. سنڌ ۾ گهرو خانہ جنگين ۽ حالتن جي تبديليءَ جي ڪري قيصر خان جي حياتيءَ جو ڪجهہ حصو جنگن ۽ ٻين مهمات کي سر ڪرڻ ۾ گذريو آهي. هالاڻي واري جنگ جيڪا 1783ع ۾ لڳي، هن جنگ ۾ نظاماڻين جي شريڪ دستي جي سپهہ سالاري قيصر خان ڪئي. هالاڻي وارو علائقو اڳ ۾ نوابشاهہ ضلعي ۾ واقع هو پر ضلعو ٽٽڻ بعد هاڻ نوشهرو ضلع ۾ آهي. قيصر خان جي هالاڻي واري جنگ ۾ شرڪت بابت ڪتاب "جنت السنڌ" ۾ رحيمداد خان مولائي شيدائي ص 458 نمبر تي لکي ٿو:

"ٽالپري فوج ۾ نواب علي محمد خان لغاري، قيصر خان نظاماڻي، زنگي خان مري، خيرو خان جمالي تجربيڪار سپاهي هئا. سنہ 1783ع ۾ هالاڻي وٽ ٻيو جنگ لڳي. سرائيءَ جا سمورا سورما مارجي ويا. سردار برخوردار خان ڪوسو زخمي ٿي ڀڄي ويو. ٽالپرن ميدان کٽيو."

قيصر خان بحيثيت هڪ سفارتڪار:

حڪومتن ۾ سفارتڪار جو هڪ اهم منصب آهي. انهي منصب جي لائق به اهو ماڻهو هوندو آهي، جنهن کي مسئلن جي اهميت ۽ حل واري نوعيت جي مڪمل ڄاڻ هجي. ڪهڙي حوالي سان انهي پيچيده مسئلي کي حل ڪجي، جو ٻئي ڌريون جنگ و جدل ۽ رت وهاڻ کان بچي وڃن. قيصر خان جي سفارتڪاري بابت مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب ”قديم سنڌ“ ۾ لکي ٿو ته:

”قيصر فقير نظاماڻي، مير علي خان جو هڪڙو امير هو. جڏهن عبدالنبي ڪلهوڙو ڀڄي قلات جي خان وٽ مدد لاءِ ويو، تڏهن قيصر خان نظاماڻيءَ کي مير، وڪيل ڪري اوڏي موڪليو. مير صاحب جي خواهش موجب چڱو نهراءِ ڪيو ويو.“

هڪ فارسيءَ خط ۾، جيڪو مير صاحب جو قيصر خان ڏانهن لکيل آهي، جنهن جو تت حاجي شير محمد خان نظاماڻيءَ جي لکيل قلمي ڪاپيءَ تي هن طرح ڏنل آهي:

”متئين خط مان معلوم ٿيندو ته مير صاحب ڪيس ٻڌائي ٿو ته هن سال ۽ گذريل سال جي ماليت جو نقشو پيش آهي. ان بابت ۾ جو ڪجهه سوچڻو آهي ۽ جيڪا ضروري ڳالهه آهي، سا هي آهي ته بهرام خان بروهي، امير نصير خان قلات کان لِڪي ڀڄي آيو آهي ۽ وٽس ڪا مرهٽن جي لکپڙهه به آهي، جنهن کي مير صاحب اگرچه خام خيال لاءِ سمجهي، مگر تنهن هوندي به ڪيس لکي ٿو ته جلدي پهچي وڃو ته انهن ڳالهين جو مشورو ڪري ڪو مناسب حل ڪڍون ۽ ان موجب هلت ڪريون.“

سردار قيصر خان نظاماڻي، مير صاحبن جو خاص رازدان ۽ دستِ راس هو ۽ حڪومتي ڪمن ۾ هميشه سندن صلاح ۽ مشوري تي هلندا هئا. خاص ڪري ڪو مشڪل مسئلو حل ڪرڻو هوندو هئن ته اُتي قيصر خان نظاماڻيءَ کي موڪليندا هئا. اُن بابت مرزا قليچ بيگ پنهنجي ٻئي ڪتاب ”رياست خيرپور“ جي صفحي 33 تي لکي ٿو ته:

”سگهوئي معلوم ٿيو عبدالنبي ديرن مان بادشاهه تيمور ڏي ويو آهي. ديوان گدو مل ۽ مير غلام علي خان جي صلاح سان مير صاحب آغا ابراهيم شاهه ۽ قيصر فقير نظاماڻيءَ کي بادشاهه ڏي وڪيل ڪري موڪليو. سردار محفوظ خان بادشاهه وٽ عبدالنبيءَ جو سفارش ڪندڙ هو. مير جي وڪيلن عبدالنبيءَ جي سڀني حرفتن جو بيان لکي پيش ڪيو جيڪي دغا بازيون ۽ ناحق خون ڪيا هئائين، سي سندس ڏيان تي آندائون، انهن بابت مير جو خط به ڏنائون.“

اڳتي وري لکي ٿو ته:

”سگهوئي مير جا وڪيل آيا ۽ سند، خلعت (اهڙي پوشاڪ، جيڪا عزت افزائيءَ طور بادشاهه کان ملي) ۽ ٻيا تحفا آندائون. خلعت ڏِکي خوشيءَ سان جشن ڪري، مير فتح علي خان سنڌ جي گاديءَ تي ويٺو- سنه 1197 هجري بمطابق 1783ع.“

سيد عظيم الدين ٺٽوي ”فتح نامه“ ۾ سردار قيصر خان جي دانشمنديءَ جو ذڪر هن طرح ڪري ٿو:

ترجمه:

تيا نيت حاضريءَ ۾ چونديل ڪامياب.
هڪڙو مير مشهور آصف جناب.
حڪومت جو ابراهيم شاهه دعاگو
پيو هو خان عقل وارو سياڻو
همت، جوان ۽ تجويز ۾ پوڙهو پير.
سياڻو جهونو قيصر فقير.

جڏهن وفد ڪابل پهتو ته تيمور شاهه هن وفد کي پنهنجي اڳيان اچڻ نه ڏنو جو هو مير فتح علي خان تي ڪاوڙيو وينو هو. امين الملڪ ۽ قاضي القضاه وٽ ڪلهوڙن جي تمام گهڻي هلندي هئي. شيخ محمد محفوظ شيخ قمرالدين جو والد عبدالنبي ڪلهوڙي جو سفير ٿي ڪابل ۾ رهندو هو. سو سڄي عملي کي ڪارائي پيارو عبدالنبيءَ جو طرفدار بنايو وينو هو. تنهنڪري هن وفد کي بادشاهه جي اڳيان اچڻ ئي نٿي ڏنو. پوءِ قيصر خان هڪ حڪمت عملي ڪئي. جو تيمور شاهه جو مرشد خواجه صفي الله سرهندي هو ان کي وڃي ٿاهيائين ۽ خواجه صاحب سنڌ ۾ ايندو هو ۽ مخدوم ابراهيم نتويءَ جو مرشد هو. پوءِ خواجه صاحب جي معرفت تيمور شاهه جي دربار ۾ وفد جي بازيابي ٿي. وفد بادشاهه سلامت کي سمجهايو ته سنڌ جي هيءَ صورتحال آهي. جو عبدالنبي هيترا ماڻهو بيگناهه سندس عزيز ۽ ٻيا بلوچ قتل ڪرايا آهن. تون عبدالنبيءَ کي اسان جي روبرو گهرائي پاڻ فيصلو ڪر جيئن عظيم نتوي "فتح نامه" ۾ ذڪاري ٿو:

وَڪيلان دانا بفرزانگي، نمو دند ملزم به عبدالنبي.
بهرجا ڪه مرشد جواب و سوال، ڪشيد از غلطهائي خود انفعال.
بفرمود آن خسرو، ذوالعقول، ڪه ڪو ته توانِ ڪرد اين عرض و طول

پوءِ تيمور شاهه وڏيڪ بحث مباحثه بند ڪري ڇڏيو. رئيس ميان بخش علي خان چوندو هو ته قيصر خان فارسيءَ جو وڏو قابل ۽ ماهر هوندو هو. جڏهن تيمور جي ڪچهريءَ ۾ ويو ته بادشاهه سلامت ان جي طرز تڪلّم کان ڏاڍو متاثر ٿيو. جيستائين قيصر خان دستر خوان تي نه ايندو هو تيستائين پاڻ ماني نه کائيندو هو. ڪابل ۾ قيصر خان جي جيستائين رهائش هئي، هميشه تيمور شاهه سان گڏ ماني کائيندو رهيو.

جڏهن سنڌ جي حڪومت لاءِ وفد کي تيمور شاهه سَند ڏني ٿي، ته به قيصر خان کي چيائين ته تنهنجو نالو به ان ۾ لکان؟ مگر هن چيو ته نه. سڄي بلوچ قوم مير فتح عليءَ کي ليڊر چونديو آهي. تنهنڪري فقط ان جو نالو سند ۾ لکيو وڃي. هاڻي هيءَ وفد دربار مان سَند ۽ خلعت وٺي موٽي ٿو.

جڏهن قيصر خان وارن ڪابل مان حڪومتي سَند ورتي تڏهن قيصر خان کي دربار مان هڪ ڪتاب نالي "معارج النبوت" مليو. مون انهي ڪتاب جو هڪ جلد حاجي فاروق احمد ولد حافظ حاجي غلام رسول نظاماڻي وينئل ٽنڊو قيصر وٽ ڏٺو. اهو ڪتاب ٻن جلدن ۾ لکيل هو. انهي ڪتاب جي ويڪر هڪ فوٽ ۽ ڊيگهه ڏيڍ فوٽ کان مٿي هئي. ڪاريءَ مَس سان ۽ ڪٿي ڪٿي ڳاڙهيءَ مَس سان لکيل هو. انهي ڪتاب جو عڪس هيٺ ڏجي ٿو:



شاهنواز عرف منصور احمد نظاماڻيءَ جي معرفت مٿيون ڪتاب حاجي فاروق احمد نظاماڻيءَ کان مليو.

حاجي فاروق احمد ولد حافظ غلام رسول نظاماڻي

ڪتاب جي هڪ صفحي تي هن طرح لکيل آهي:

"معارج النبوت

مير فتح علي خان 1783ع ۾ هالاڻيءَ جي ميدان ۾ ڪلهوڙن کي شڪست ڏيئي سنڌ جو والي ٿيو. تڏهن قيصر خان نظاماڻي ميرن جي ايلچيءَ جي حيثيت سان افغانستان ويو. تڏهن اُتان هيءَ ڪتاب آندو ويو. هن ڪتاب جا ٻيئي جلد اسان وٽ محفوظ آهن. هيءَ ڪتاب ڏاڏي حاجي شاهه محمد نظاماڻي سوڪڙيءَ ڪري حاجي غلام رسول نظاماڻيءَ کي 30/4/1955 ۾ ڏنا."

(فاروق احمد ولد حافظ حاجي غلام رسول نظاماڻي)

هڪ هنڌ فارسيءَ ۾ لکيل آهي، جنهن جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

"ڪتاب 'معارج النبوت' سردار قيصر فقير نظاماڻي دار السلطنت ڪابل مان آندو. ان وقت جڏهن سردار مذڪور جناب عالي جاهه دولت پناهه امير ڪبير مير فتح علي خان جي طرفان وڪيل بنجي عالي مقام بادشاهه تيمور شاهه ولد احمد شاهه ابدالي، جيڪو دولتِ خداداد افغانستان جو باني هو جي حاضري ڀري، وڪالت کي سهڻي نموني انجام ڏنائين. هن وڪالت جو تفصيلي ذڪر سيد عظيم الدين ٺٽوي پنهنجي ڪتاب "فتح نامه" ۾ ڏنو آهي، اُتي ڏسڻ کپي."

(قاضي فتح الرسول نظاماڻي)

قيصر خان پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجي وڏي پُٽ غلام علي خان کي ٺٽي جي نوابي ونرائي ڏني. سندس پٽ غلام علي خان پنهنجي جاگير سبزل ڪوٽ ڏانهن ويندي بيمار ٿي پيو. پنهنجي پاءُ کي خط لکيائين ته پاءُ ڪيس وٺي آيو. جنهن مقام تي هن وقت ٺنبو قيصر موجود آهي، غلام علي خان اُتي ئي وفات ڪئي. ڪيس شيخ وجيهه الدين جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

قيصر خان پُٽ جي وفات ڪانپوءِ اُتي ئي رهيو. وڏي ڄمار ۾ وفات ڪيائين. سندس قبر سندس پُٽ غلام علي خان جي پرسان آهي. پاڻ شيخ وجيهه الدين جي مقام نزد ٺنبو قيصر ۾ مدفون آهن. عربيءَ ۾ ڪنهن سندس وفات جي تاريخ هن مقولي مان ڪڍي آهي:

"قد دخل الجنة" ان مطابق 1222 هجري نڪرندو.

ترجمو: بيشڪ جنت ۾ داخل ٿيو آهي.

فارسيءَ ۾ سندس وفات جي تاريخ هيئن چئي اٿن:

ڪرد رحلت ز عالم معزول، قيصر خان چنان بعد معمول

ترجمو: فاني جهان مان وفات ڪئي قيصر خان، اهڙي طرح دنيا جو آهي معمول.

پڇيو ويو ملائڪ کان جنهن تاريخ ڪئي، يعني جنت ۾ پهتو ٿيو مقبول. (1222 هجري)

غلام علي خان نظاماڻي

قيصر خان ولد محمد خان عرف ڳاڙهو خان جون ٻه شاديون ٿيل هيون. غلام علي خان پهرئين گهر واريءَ مان هئا. غلام علي ولد قيصر خان نظاماڻيءَ جو جنم 1162 هجري ڳوٺ شاهه علي نظاماڻي، ديهه شاهه علي نظاماڻي، تعلقه شهدادپور ضلع سانگهڙ ۾ ٿيو. هيءُ قيصر خان جو وڏو فرزند هو. قيصر خان جي تعليم ۽ تربيت جو پورو بندوبست ڪيل هو. غلام علي خان مذهبي تعليم سان گڏوگڏ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪئي هئي. عربيءَ کان وڌيڪ فارسيءَ طرف زياده توجهه ڪري ڇڏڪ فارسي زبان سندن مادري زبان ٿي ويئي هئي. والدين طرفان اهڙي بنيادي تربيت جي آڌار تي غلام علي غريبن جا خير خواهه ۽ همدرد هوندا هئا. غلام علي خان جو نالو تاريخ جي ڪيترن ئي ڪتابن ۾ اچي ٿو. ڪامران اعظم سهروردي پنهنجي ڪتاب "بلوچ قبائل" جي صفحي 242 تي لکي ٿو ته:

"سنڌ جي مير حڪمران جي حڪم تحت غلام علي خان بن قيصر خان نظاماڻي بلوچ کي ٺٽي جو گورنر مقرر ڪيو ويو جڏهن پاڻ ٺٽي جا گورنر هئا. تڏهن ڪيترين ئي بغاوتن کي ختم ڪيائون. اُن مان هڪ بغاوت جو بيان سيد عظيم الدين ٺٽوي پنهنجي ڪتاب "فتح نامه" ۾ هن طرح ڪري ٿو:

ترجمو:

اُن ڪانپوءِ اهو نظام الدين جي باغ جي ڪجي،
جيڪو ٺٽي جي صوبي ۾ ٿيو مشهور
غلام علي خان پٽ قيصر فقير جو
حاجي احمد نالي مير جو غلام
اُنهن ڪتن کي تباهه ڪرڻ لاءِ
بادشاهي فوج ڪرالا وٺي ويا
اُنهن نياڳن جو قتلام ڪيائون،
اهڙي طرح خدا قاتلن کان انتقام ورتو.

ٺٽي ۾ رهڻ دوران سندس مجلس هميشه علمائن سان سينگاريل هوندي هئي. ان وقت جو قاضي القضاه محمد معين هو جنهن پنهنجي شعرن واري مجموعي واري ڪتاب ۾ غلام عليءَ کي سٺن لقبن سان ياد ڪيو آهي، جهڙوڪ:

1. مظهرِ شرفِ انساني
غلام علي فقير نظاماڻي

سندس والد قيصر خان جڏهن به ڪيس خط لکندو هو ته خط جي مٿان هيءُ فارسي بيت هميشه لکندو هو. جنهن جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

جي تون گهرين ٿو ته خدا تو تي رحم ڪري،
خدا جي خلق سان ڀلائي ڪر.

قيصر خان جي جاگير سبزل ڪوٽ ۾ هئي. پاڻ پنهنجي جاگير ڏي ويندي واٽ تي بيمار ٿي پيا. سندن پاءُ ڪٽائي، ڪين موجوده ٽنڊو قيصر واري جاءِ تي آيا. اتي ئي 11 ربيع الاول 1212 هجري تي رحلت ڪيائون. ان وقت سندن عمر 50 سال جي اندر هئي ۽ والد قيصر خان به حيات هئا. جنهن جاءِ تي وفات ڪيائون، قيصر خان اُتي ئي ويهي رهيو. سندس نالي سان ''ٽنڊو قيصر'' سڏجڻ لڳو. غلام علي خان جي قبر شيخ وجيهه الدين جي قبرستان ۾ آهي، جيڪو ٽنڊو قيصر جي اوير طرف ٿوري فاصلي تي آهي.

احمد خان نظاماڻي

رئيس سردار احمد خان ولد غلام محمد خان نظاماڻيءَ جو جنم 1795/96ع ڌاري ٽنڊو قيصر خان نظاماڻيءَ ۾ ٿيو. سندس ڏاڏو سردار علودو خان ڪلهوڙا ۽ ٽالپر دؤر ۾ نظاماڻي قبيلي جو سردار هو ۽ علودو خان فارسيءَ جو سٺو ڄاڻو هو. پاڻ طب بابت بہ سٺي ڄاڻ رکندو هو. علودي خان ڏي طب جو مشهور ڪتاب ”طبِ اڪثير اعظم“ پڻ موجود هو جيڪو پاڻ خريد ڪيو هئائون.

رئيس احمد خان قرآن شريف ۽ فارسيءَ جي تعليم پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي. ان زماني ۾ جامع مسجد ٽنڊو قيصر ”ڏاسوڙيءَ جي ميان خاندان جي عالمن جو جڳ مشهور مدرسو هو.“ هن مدرسي جو باني ميون مولوي محمد صلاح رح بن ميون محمد عارف رح هو جيڪو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح جو خليفو ۽ مثنوي خوان هو. شاهہ صاحب جي ساڻس تمام گهڻي محبت هوندي هئي.

رئيس احمد خان جو والد شريف غلام محمد خان بہ اهلِ علم هو. سندس شروعاتي تربيت سندس ڏاڏي ۽ والد جي نگرانيءَ ۾ ٿي. اهو بهتر تربيت جوئي اثر هو جو هُن جوانيءَ ۾ ئي حڪومت جي ڪاروهنوار ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. ان ڪان سواءِ رئيس احمد خان ڪي تعليم سان گهڻي دلچسپي هوندي هئي. جڏهن رئيس احمد خان، مير مراد علي خان ٽالپر جي دؤر حڪومت ۾ شهدادپور نوابشاهہ جو ڪاردار هو تڏهن هُن ان زماني ۾ اُتان سنڌ جي مشهور عالم قاضي سيف الله راڄپر کي وڏي آڪهہ سميت ٽنڊو قيصر ۾ لڏائي ويهاريو. ڪين رهائش لاءِ جايون پڻ ڏنيون ۽ قاضي سيف الله راڄپر لاءِ ڪاري ڪوهہ تي مدرسو قائم ڪيو ويو.

قاضي سيف الله مٽياريءَ جي مشهور عالم مخدوم ميون عبدالڪريم رح وٽ تعليم حاصل ڪئي. قاضي سيف الله جو اصل نالو ”قُل“ هو. مير حڪمرانن ڪيس سيف الله جو لقب ڏنو. قاضي سيف الله راڄپر هن مدرسي ۾ عربيءَ جي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي ۽ وقت جا ڪيترائي عالم سندس شاگرد هئا.

رئيس احمد خان ڪيترائي فلاحي ڪم پڻ ڪيا. هُن ڪيترين ئي مسجدون ٺهرايون، کوهہ کوٽايا ۽ وڻ پوکايا. جن مان ٽنڊي قيصر ۾ ڪاري کوهہ واري مسجد پيهر تعمير ڪرايائون ۽ ٻڙ واري مسجد جي پڻ پيهر تعمير ڪرايائون. ۽ شهدادپور ۾ پڻ مسجد تعمير ڪرائي ۽ کوهہ کٽايو. سندن سخاوت بہ تمام گهڻي مشهور آهي.

حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڪئپٽن رٿبورن، هن کي ”معزز شخصيت نظاماڻي پاڙي جو سردار ۽ اڳوٽي ٽالپر حڪمران گهراڻي سان سڱاوتيءَ ۾ جُڙيل“ سڏيو آهي. (ڏسو ڪتاب سنڌ ۾ جاگيرن جي تاريخ) ان ڪان علاوه احمد خان انگريز راڄ ۾ شهدادپور جو ڪاردار بہ هو.

احمد خان جي شهدادپور ۾ 2013 جريب ۽ گهوڙا ٻاريءَ ۾ 1321 جريب تي مشتمل 2 جاگيرون هيون. ان ڪانسواءِ هن ڏي ٻي بہ تمام گهڻي جاگير هئي وغيره... رئيس احمد خان ڪيترن ئي غريب ماڻهن کي انساني همدرديءَ جي ناتي ٽنڊي قيصر ۾ آباد ڪيو ۽ کين رهائش لاءِ جايون پڻ ڏنيون.

رئيس احمد خان محرابپور جي نظاماڻين مان شادي ڪئي. کيس چار فرزند 1. حسن علي، 2. فضل محمد، 3. مير محمد ۽ 4. لطف علي ٿيا. سڀ ڪان وڏو فرزند مير محمد هو جيڪو جاگير جو وارث ٿيو. ان ڪان علاوه کيس 2 نياڻيون پڻ هيون. رئيس احمد خان 23 نومبر 1878ع تي وفات ڪئي.

رئيس نُور محمد خان نظاماڻي

رئيس نور محمد خان ولد موسيٰ خان نظاماڻيءَ جو جنم، ماتلي شهر جي نظاماڻي محلي ۾ ٿيو. پرائمري اسڪول جي جنرل رجسٽر ۾ سندن پيدائش جي تاريخ 1908-09-05ع لکيل آهي. بنيادي پرائمري تعليم جا صرف بہ درجا ماتلي شهر جي لوڪل بورڊ اسڪول ۾ پڙهيو هو. ڇاڪاڻ تہ ان زماني ۾ ”تحريڪِ خلافت“ ۽ تحريڪِ ”قطع تعلقات“ ۾ مسلمانن، پنهنجي ٻارن کي انگريز سرڪار جي قائم ڪيل اسڪولن مان تعليم حاصل ڪرڻ ڪان اٿاريو. رئيس نور محمد خان نظاماڻيءَ کي بہ ”قطع تعلقات تحريڪ“ جي زد ۾ اٿاريو ويو ان ڪري رئيس نور محمد خان نظاماڻي اڳتي وڌيڪ نہ پڙهيو.



رئيس نور محمد خان نظاماڻي بنيادي طرح جاگيردار هو. سندن وڏي جاگير ديهہ پليجاڻي، تپي گهارو، تعلقہ ميرپور ساڪرو ضلع ٺٽي ۾ هئي. سندن والد موسيٰ خان نظاماڻي بہ نظاماڻي قبيلي جو هڪ اهم فرد هو. سياسي توڙي علمي ادبي، ڪل پوڳ ۾ شڪاريات جي حوالي سان بہ وڏي حيثيت وارو هو. اهي سڀ خصلتون وري رئيس نور محمد خان نظاماڻيءَ کي ئي پنهنجي مائٽن کان ورثي ۾ مليون هيون.

جڏهن رئيس نور محمد خان نظاماڻي ايڪٽيهہ سالن جا ٿيا، تہ سندن والد رئيس موسيٰ خان سنہ 1939ع ۾ وفات ڪري ويا، ان ڪري جاگيرداريءَ وارو سارو نظام کين ئي سنڀالڻو پيو. پاڻ نهايت ئي پروقار نموني سان ڪار وهنوار هلائي، دنيا مان وارو وڃائي ويا.

رئيس نور محمد خان نظاماڻي ڪچهريءَ جو ڪوڏيو مڙس هو. سندس ماتليءَ واري اوطاق تي هر وقت ماڻهن جا هجوم لڳا پيا هوندا هئا. شهر ۾ نڪرندو هو تہ ماڻهن جو هجوم هميشہ ساڻ هوندو هئس. هر ڪنهن جو ڪو نہ ڪو ڪم ضرور بہ ضرور هوندو ئي هوندو هو. رئيس نور محمد خان نظاماڻي انتها درجي جو سخي هوندو هو. سندن ماتليءَ واري اوطاق ڄڻڪ مسافر خانہ هئي، جتي ڪيترائي ٻاهران آيل مسافر ماڻهو رهندا هئا. انهن کي کٽ بستروءِ ماني هَڪِي حاضر ملندي هئي، ڪڏهن ڪڏهن بہ ادائي سئو ماڻهو هڪ ئي وقت مانيءَ تي موجود هوندا

هئا. ۽ ماني ڪارائڻ ڪان ڪڏهن بہ نہ ڪيٻائيندو هو.

رئيس نور محمد خان شيل شڪار جو بہ شوقين مڙس هو. شڪار جي لاءِ ڪڏهن ڪاري سير، سندن جاگير تي، ڪڏهن سنڌو درياءَ جي ڪنڌيءَ تي، ڪڏهن دادوءَ جي جبلن ۾ ۽ ڪڏهن رڻ پٽ جو رُخ رکندا هئا. شڪاري ڪئمپ ۾ ڳوٺ باقر نظاماڻي، ڊرگهہ موري، ڪڙيو گهنور، ٽنڊو غلام علي ۽ نريءَ جا نظاماڻي شامل حال هوندا هئا. ماتليءَ مان رئيس الهبچايو عرف بادشاهہ، رئيس احمد علي خان اڦٽ مار ۽ تڪڙ باز ۽ انهن ڪانسواءِ ڪڇ آفيسر صاحبان بہ گڏ هوندا هئا. جڏهن سندس پويان شڪارين جي گاڏين جو هجوم هلندو هو تڏهن ايئن محسوس ٿيندو هو جڻ تہ ڪنهن نواب يا راجہ جو قافلو وڃي رهيو آهي. سياري جي موسم ۾ شڪار جو هُل هنگامو مچائيندا هئا. ڏينهن جو ڪيل شيل شڪار وارن واقعات جون ڳالهيون، رات جو باهہ ٻاري، مچ مچائي، مچ تي معرڪي وارين ڪچهريون دهرايون وينديون هيون. انهن ڪچهرين ۾ ڪل پوڳ، نقل بازي، اوپاريون لهواريون ڳالهيون هلنديون هيون.

رئيس نور محمد خان نظاماڻي، نظاماڻي قبيلي جو چڱو مڙس بہ هو. ماتلي شهر جي اردگرد ۾ رهندڙ راڄن تي سندس هٿ هوندو هو. انهن جي ڇيڙي نبيريءَ جا فيصلا ڪندو رهندو هو. رئيس نور محمد خان نظاماڻيءَ کي قدرت واري فيصلي جي اهڙي قوت عطا ڪئي هئي، جو ٻئي ڌريون اٽڻ مهل کير کنڊ ٿي ياڪر پائي پوءِ روانيون ٿينديون هيون. فيصلي مهل رئيس نور محمد خان نظاماڻي ڪو پلنگ يا کٽ تي نہ ويهندو هو بلڪ هڪ عام رواجي ماڻهوءَ وانگر پَٽ تي پاٿولي ماري، يا سِر يا صندليءَ تي وچ ماڻهن ۾ ويهي فيصلا ڪندو هو. بلڪ فيصلي ڪرڻ مهل ٻاهران ايندڙ ماڻهوءَ کي خبر بہ ڪانہ پوندي هئي، تہ رئيس نور محمد خان نظاماڻي ڪهڙو آهي!؟ معاملہ فهم اهڙو هوندو هو. جو مُنهن مان ئي ڳالهہ جي ماهيت و نوعيت ۽ ڳالهائڻ واري جي مقصد کي سمجهي وٺندو هو. سندس ڪيل فيصلن جا قصا ۽ ڳالهيون اڄ بہ ڪچهرين ۾ سڻايون وڃن ٿيون، ۽ ٻڌيون بہ وڃن ٿيون.

هڪ دفعي نظاماڻي قبيلي جو چڱو مڙس رئيس حيدر خان نظاماڻي، ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻي، نزد هالا وارو ڪنهن ڪم سانگي ماتليءَ ۾ آيو هو. انهي ڪم جو بار رئيس نور محمد خان نظاماڻيءَ تي رکيائين. رئيس نور محمد خان نظاماڻي اهو ڪم ڪري ڏنو. رئيس حيدر خان نظاماڻي، نظاماڻين جي ڪوٺايل ڪچهريءَ ۾ اهو اعلان ڪري ويو تہ منهنجي طرفان ماتلي ۽ اردگرد جي نظاماڻين جو چڱو مڙس رئيس نور محمد خان نظاماڻي آهي.

سياسي حوالي سان رئيس نور محمد خان نظاماڻيءَ جي سرندي پڄندي، انگريزن جي زماني ۾ ڪليڪٽر کان وٺي ڪمشنر تائين، ۽ پاڪستاني دؤر ۾ وزيرِاعليٰ سنڌ کان وٺي وزيرِاعظم يا صدرِ پاڪستان تائين هوندي هئي. رئيس نور محمد خان نظاماڻي ماتليءَ ٽائون ڪاميٽيءَ جو ڪيترا دفعا چيئرمين بہ رهي چُڪو هو.

هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ سنہ 1962ع ۾ قومي اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون، تہ مير غلام علي ولد مير بنده علي خان ٽالپر، ٽنڊي محمد خان وارو اليڪشن ۾ بيٺو. سندس سامهون مخالف حڪومتي اميدوار ڪرنل حيدر هو. ڪرنل حيدر پئسي ۽ لالچ جي زور تي ڪيترن ئي ٽالپرن ۽ ٻين ڀروچن کي پنهنجي پاسي ڪري ورتو. ڪرنل حيدر جي طرفان مير صاحبان ۽ ٻيا ڀروچ رئيس نور محمد خان نظاماڻيءَ جي ماتليءَ واري اوطاق تي آيا. انهن سڀني گڏيل آواز ۾ اهو زور لاتو تہ رئيس نور محمد خان نظاماڻي اسان جو ساٿ ڏي. ڇاڪاڻ تہ رئيس نور محمد

خان نظاماڻيءَ جو ووٽ بئنڪ گهٽو آهي. هِتان هُتان جون ۽ اليڪشن جون ڳالهيون هلنديون رهيون. رئيس نور محمد خان نظاماڻي سڀ ڳالهيون ٻڌي، آخر ۾ چيو ته، "مير صاحبان ۽ منهنجا ڀروچ ڀائرو! اوهين ڪي وڏا بيوقوف آهيو. ڪرنل حيدر هتان اليڪشن ڪٿي پنجاب ۾ وڃي ٻتاڪ هٽندو ۽ چوندو سنڌي ڪي اهڙا بيوقوف آهن. انهن ڪي پاڻ ۾ وڙهائي آئون اليڪشن کٽي آيو آهيان!" رئيس نور محمد خان نظاماڻيءَ جو ايئن چوڻ ۽ سيني يڪراءِ چيو ته رئيس نور محمد خان نظاماڻي سچ ٿو چوي. سيني ڪرنل حيدر جو ساٿ ڇڏي ڏنو. ڪرنل حيدر واڻڙو ٿي ورڪ ڪندو رهيو. انهي اليڪشن ۾ جيت مير غلام علي خان ولد مير بنده علي خان ٽالپر جي ٿي. هڪ سال گذرڻ بعد اليڪشن ڊسڪواليفائيڊ ٿي. وري نئين سر اليڪشن سال 1963ع ۾ ڪرائي وئي. ان اليڪشن ۾ مير اعجاز جي سامهون ڪرنل حيدر ۽ حاجي نجم الدين بيٺا. صوبائي سيٽ تي سيد محمد شاهه (ٽکر وارو) ۽ اُن جي مقابلي ۾ خان محمد خان نظاماڻي بيٺو هو. رئيس نور محمد جي معرفت ميرن سان ناهه ٿيو ۽ مير اعجاز سيٽ کٽي ۽ اُن سان گڏوگڏ خان محمد نظاماڻي به اليڪشن کٽي.

رئيس نور محمد خان نظاماڻي متعلق ڪيترن ئي شاعرن بيت جوڙيا. ڪلام ٺاهيا. غزل ۽ ڪافيون به ٺاهيون. هت صرف ڪجهه شاعرن جو لکيل مواد مختصر پيش ڪجي ٿو:

ثناءُ الله شيخ: تخلص "معصوم" ماتليءَ شهر جو مشهور شاعر هو. جنهن پنهنجي مشهور طويل نظم. "اچو دوستو ڏسون ماتلي" ۾ رئيس نور محمد خان نظاماڻيءَ متعلق ڪجهه بندن ۾ هيئنئن لکي ٿو:

مگر آ منجهن نور محمد رئيس
بردبار همدرد ۽ هم جليس
وضع دار وهه واهه سادو سليس
اميراڻي عادت نهايت نفيس

اصل کان امير هو رهيو برملا
ڪري ڪيترا روز هو فيصلا
ٻڪي ٿوڪ ڀائو اچن ڪيترا
سلامي سوين هت وڏيرا وڏا.

مشهور ليکڪ ۽ شاعر معمور يوسفاڻي پنهنجي لکيل طويل نظم، "اي بديڻن جي سياڳي سرزمين" ۾ رئيس نور محمد خان نظاماڻيءَ جو نالو به ڄاڻائي ٿو:

ڏس نظاماڻي خليفن جو فيض عام
ٿا لکن محمود جو اعليٰ مقام

نور محمد رئيس ۽ ٻيو کوجو غلام
واهه ابراهيم ٽيٻو نيڪ نام

حاجي حامد ولد قبول خاصخيلي، ڳوٺ ملهڻ وارو مشهور سگھڙ ٿي گذريو آهي، جنهن سنه 1956ع ۾ چيئنل جي اُٿل يا ٻوڏ جي عنوان سان واقعاتي بيت جوڙيا، جنهن ۾ ٻوڏ جي تباهي، موقعي مهل همدردي ڪرڻ وارن ماڻهن جو ذڪر ڪري ٿو، انهن بيتن ۾ رئيس نور محمد خان نظاماڻيءَ جو به نالو ڪڍي ٿو:

چيئنل جي وراڻيءَ ۾ چئي ٿو:

پهرين منزل ماتليءَ ۾ وڃي جو وهائيندس، جال
پر اٿم خيال ڪتين جو جن جي چوکي آهي چال
مهمان مسافر ڪيترا پيا فائق وجهائين فال
چانهه جو ٽائيم ٽري ويو هاڻ پيا وايا وجائن ڌمال
جهجا نياز چڱجو رئيس نور محمد خان ڪي جنهن سان ٻئي جي ناهي مجال
هاڻ آئون ٻوڙيندڙ ٻين ڪي ڪو ٽُوٽر ٻڌي ٽال.

اسلامي حوالي سان حُبِ رسول به اوج تي رسيل هُئس. جڏهن به تقريرون ٻڌندو هو تڏهن اکين مان لُڙڪ وهي ايندا هُئس. صوم و صلوات جو پابند هوندو هو. ايتري قدر جو شڪارن ۾ رئيس نور محمد خان نظاماڻيءَ ڪڏهن به نماز نه وڃائي.

آخري عمر ۾ رئيس نور محمد خان نظاماڻي پنهنجي گئون شاله ۾، ڪچهريءَ جي ميمبرن جي ٻاري ناهي هئي رئيس نور محمد خان نظاماڻي پنهنجي اوطاق، يا غلام محمد عرف گلو خان نظاماڻيءَ جي اوطاق تي ڪچهريون ڪندو هو. انهي ڪچهريءَ ۾ اڪثر ڪري وڏي عمر وارا ۽ ڪي ننڍي عمر وارا به شاملِ حال هوندا هئا. انهن ڪچهرين ۾ ڪيل واقعن يا ٿيل واقعن جي ياد تازه ڪندا هئا. انهيءَ سان گڏوگڏ کل ڀوڳ به هوندي هئي. اڪثر ڪري رئيس نور محمد خان نظاماڻي ڪچهريءَ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو هيءُ بيت به پڙهندا هئا.

سَر اُهيئي اڳيان، پڪي پيا پيا
جَن لَميو لاٽيون ڏنيون، سي ويچارا ويا.
پاتوندر پيا، وڃي ڪينجهر ڪنڌئين.
(شاهه)

رئيس نور محمد خان نظاماڻيءَ جُون 1978ع ڌاري، ماتليءَ ۾ وفات ڪئي. سندس آخري آرام گاهه طالب شاهه مقام ۾ آهي.

رئيس غلام حيدر نظاماڻي

سنڌ سونهاريءَ جي سرزمين هميشہ عالمن، اديبن، درويشن، شاعرن، سُگهڙن، سياستدانن، انسان دوستن، مفڪرن، مدبرن ۽ فلاحي خدمتگارن کي جنم ڏنو آهي. انهن جنم وٺندڙ انسانن مان ڪن جي سُرهاڻ ساري سنڌ کي معطر ڪيو. بلڪ ڪي تہ ساري دنيا ۾ اعليٰ درجي ۾ شامل هن. ڪن جي خوشبوءِ وري ڳوٺن شهرن، ضلعن تائين محدود هئي ۽ رهي اهڙي سُڳنڌ ۽ سرهاڻ جي مالها جي موتين مان رئيس غلام حيدر نظاماڻي ماتليءَ وارو بہ هڪ آهي.



رئيس غلام حيدر ولد حاجي تاج محمد نظاماڻيءَ جو جنم سن 1928ع ڌاري ماتلي شهر جي نظاماڻي پاڙي ۾ ٿيو. رئيس غلام حيدر نظاماڻي پرائمري تعليم، مين سنڌي اسڪول مان حاصل ڪئي هئي. سندس استادن صاحبن ۾ احمد شاهہ رفيق جو نالو صفِ اول ۾ شامل آهي. رئيس غلام حيدر نظاماڻي جوانيءَ ۾ همٿ ڀريو. قد ۾ ڪڙو ٻُت ۾ ڀريل، چاپائين ڏاڙهي رکيل، جاڙن ڀرون وارو سهڻو جوان هو. سن 1960ع واري بي-ڊي اليڪشن ۾ ماتلي ٽائون ڪاميٽيءَ جو ميمبر ٿيو. ان ئي سال رئيس نور محمد نظاماڻيءَ جي ڪوشش سان چيئرمين ٿيو. سياست ۾ اچڻ ڪانپوءِ شهر ۽ آسپاس جي ماڻهن جا فيصلا ڪندو هو. سياسي حوالي سان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو سرگرم ميمبر هو سن 1970ع واري اليڪشن ۾ ماتليءَ واري صوبائي سيٽ تان ڪٽي صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو. ان کان پوءِ ٻيو دفعو سن 1988ع واري اليڪشن ۾ ماتليءَ واري سيٽ تان صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو. سياست جي ميدان جو اهڙو شهہ زور سپاهي هو جو ڪڏهن بہ شڪست نہ کاڌائين.

رئيس غلام حيدر نظاماڻيءَ جون دل جي خلوص سان ڪيل خدمتون، اڄ بہ سندس ياد تازي ڪن ٿيون، جن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

1: ڦليلي گونيءَ جي پراڻي پُل جي تعمير

ماتليءَ جو شهر ڦليلي (گونيءَ) جي ڪناري جي ڀرسان هيٺ ڪري ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. انگريزن جي دؤر ۾ سن 1904ع ۾ گونيءَ مٿان پُل تيار ڪئي ويئي هئي. ان پل جي پلرن مٿان گارڊر رکيل هئا. انهن گارڊرن جي مٿان وري ڪاٺ جا تختا رکيل هئا. انهن تختن تان شهر جا ماڻهو اچ وڃ ڪندا هئا. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ پُل جا تختا بہ ڪمزور ٿي ويا هئا. پاسن وارا جَهلا بہ جُهڪي چڪا هئا. پُل جي تختن جي ڪمزور ٿيڻ ڪري ڪنهن بہ وقت جاني نقصان ٿيڻ جو انديشو وڌي ويو هو. انهن ڳالهين کي مدِ نظر رکندي, رئيس غلام حيدر نظاماڻي حڪومت کان گُهر ڪئي, تہ پُل جي گارڊرن جي مٿان آر. سي. سي. ڇت تيار ڪرائي وڃي. نيٺ گهڻي ڪوشش ڪانپوءِ پل جي مٿان آر-سي-سي ڇت جو ڪم رئيس غلام حيدر نظاماڻيءَ جي نگرانيءَ ۾ شروع ٿيو. پُل جو ڪم رئيس غلام حيدر نظاماڻيءَ جي چيئرمينيءَ واري دؤر ۾ ٿيو. انهي ڪم ٿيڻ ڪري شهرين کي گهڻو فائدو رسيو. اڄ ڏينهن تائين بہ پُل مٿان آمد و رفت جاري آهي.

2: ماتلي ٽائون ڪميٽيءَ جي آفيس ۾ لائبريءَ جو قيام

رئيس غلام حيدر نظاماڻي جڏهن ماتلي ٽائون ڪاميٽيءَ جو چيئرمين ٿيو تڏهن ٽائون ڪاميٽيءَ جي آفيس جي هڪ ڪمري ۾ هن لائبريءَ جو بنياد رکيو. ان ۾ ڪوڙ سارا ڪتاب ڪليڪٽ ڪيائين. ان وقت ۾ نڪرندڙ رسالا جهڙوڪ مهراڻ, نئين زندگي ۽ ٻيا رسالا لائبريءَ جي زينت بنيل هوندا هئا. روزانو اخبارون پڙهائيءَ لاءِ هَڪيون حاضر هونديون هيون. لائبريءَ ۾ سنڌي ادب جي هر صنف جهڙوڪ تاريخ, شاعري, افسانې ۽ ڪهاڻين جا ڪيترائي ڪتاب موجود هوندا هئا. انگريزي ۽ اردوءَ ۾ نڪرندڙ رسالا ۽ اخبارون ۽ ٻين موضوعن جا ڪتاب پڻ موجود هوندا هئا.

3: برسات ۾ ماڻهن جي مدد ڪرڻ

رئيس غلام حيدر نظاماڻي غريبن جو همدرد ۽ هڏڏوکي هوندو هو. ڏکئي وقت ۾ ڪين ڪم ايندو هو. ماتلي شهر ۾ برسات پيئي ناهي, تہ رئيس غلام حيدر نظاماڻي هڪ هٿ ۾ ڇتي ۽ ٻئي هٿ ۾ لڪڻ ڪٽي, سڄي شهر ۾ گشت ڪندا هئا.

ماڻهن جا ميڙ انهي مهل گڏ هوندا هئا. هو ماڻهن کي هدايتون ڪندو ويندو هو تہ ڪنهن کي بہ ڪا تڪليف هجي, تہ اطلاع ڪري ماڻهن ۾ همٿ ۽ مردانگيءَ جو جذبو جاڳائيندا هئا. برسات جي موسم ۾ صفائي واري عملي کي گڏ ڪٽندا هئا. نالين ۽ رستا صاف ڪرائيندا ويندا هئا, تہ جيئن ڪنهن کي بہ تڪليف نہ پهچي.

4: ڦليلي (گوني واهہ) جي پچنگ ڪرائڻ

سنڌو درياءَ مان نڪرندڙ ڦليليءَ واهہ (گوني) جي پاٽيءَ جو وهڪرو ڪنهن دؤر ۾ تيز رفتاريءَ سان وهندو هو جيڪو پيڙون ڪرائيندو زمين کي چيريندو ويڪرو ٿيندو ويندو هو. گونيءَ جي ڪناري سان ماتليءَ جو شهر آباد آهي. گونيءَ جي پاٽيءَ جو وهڪرو ڪنارن کي پائي, شهر طرف وڌي رهيو هو. ان کان بچاءَ لاءِ پٿرن جي پچنگ جو هئڻ تمام ضروري هو جيئن پاٽي پائي نہ سگهي.

رئيس غلام حيدر نظاماڻي مُک ماڻهو هئا، جنهن ان منصوبي کي عملي جامون پهرايو ۽ گونيءَ جي ڪنارن جي پٽرن سان پچنگ ڪرائي. انهي ڪم جو آغاز سن 1975ع ۾ ٿيو. تمام تيزيءَ سان اهو ڪم پايہ تڪميل تي پهتو. اها پهرين پٽرن وارن پچنگ پراڻي مُوريءَ کان نظاماڻي پاڙي جي آخري ڇيڙي تائين ٿي.

5: گورنمينٽ بوائز ڪاليج ماتليءَ جو قيام

رئيس غلام حيدر نظاماڻيءَ کي تعليم جي ميدان ۾ اونو هوندو هو تہ ڪنهن بہ صورت ۾ ماتلي شهر ۾ ڪاليج قائم ٿئي: جيئن شهر ۽ آسپاس جي ٻهراڙين جا شاگرد ماتلي ڪاليج ۾ تعليم پرائين. رئيس غلام حيدر نظاماڻيءَ جي تمام گهڻي ڪوشش سان ماتلي شهر ۾ گورنمينٽ ڪاليج قائم ٿيو. تعليم جي حوالي سان رئيس غلام حيدر نظاماڻيءَ کي ايترو تہ فڪر هوندو هو جو ڪاليج جي پرنسپال صاحب، اسڪول جي هيڊ ماستر صاحب ۽ ٻين استادن صاحبان سان تعليمي ادارن ۾ وقت بہ وقت ملندا رهندا هئا. انهن کان اهو بہ معلوم ڪندا رهندا هئا، تہ ڪنهن بہ قسم جي ڪا تڪليف تہ ڪانهي: ۽ شاگردن جي پڙهائي ڪيئن پيئي هلي؟ رئيس غلام حيدر نظاماڻيءَ جي وقت بہ وقت اهڙي نموني سان معلوم ڪرڻ سان شهر جو تعليمي ماحول تمام بهترين رهيو.

6: پير واهہ جي نئين سر کوٽائي ڪرائڻ

ماتلي شهر، انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ تعلقہ ديري محبت ۾ شامل هو. ديري محبت جو شهر گونيءَ مان نڪرندڙ پِير واهہ جي ڪپ تي، ماتليءَ شهر کان اتر اوڀر طرف پندرنهن ڪلو ميٽر جي فاصلي تي هو. پير واهہ پڏن ۽ دڙن جي صورت ۾ وڃي بچيو. پير واهہ جي سُڪي وڃڻ ڪري سڄي علائقي ۾ پاڻيءَ جي اٽاٽ هئي. ڇٽڪ آب ۽ تاب سان وهندو هو پر خبرناهي ڇاجي ڪري بند ڪيو ويو! وقت گذرڻ سان گڏوگڏ آهستي آهستي صرف ذُڪاري حالتون ڇانيل هيون. غربت منهن ڪڍي چڪي هئي. اڪثر ننڍا زميندار ڪانيون وڪڻي گذران ڪري رهيا هئا. انهيءَ دؤر ۾ رئيس غلام حيدر نظاماڻي همت جو سندرو ٻڌي سرڪار جو درکڙڪايو ۽ مطالبو ڪيو تہ پير واهہ جي نئين سر کوٽائي ڪرائي وڃي. رئيس غلام حيدر نظاماڻي لکپڙهہ شروع ڪئي. حڪومت جا نمائيندا انهي ڪم جي جانچ پڙتال لاءِ ماتلي ايندا رهيا.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ رئيس غلام حيدر نظاماڻي ان وقت جي صوبائي وزير آبپاشي، مسٽر در محمد اوستو صاحب کي ماتليءَ ۾ اچڻ جي دعوت ڏني. رئيس غلام حيدر نظاماڻي در محمد اوستو صاحب کي ماتليءَ کان ستن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي گهڙي بنگلي ڏانهن وٺي ويو. جِتي در محمد اوستو کي بنگلي ڏانهن وٺي ويو. اُتي در محمد اوستو کي بنگلي جي ڇت تي ويهاري، ڪيس دور بيني ڏنائين ۽ ڪيس چيائين تہ ڏس! علائقو ويران ٿيو پيو آهي ۽ غور سان ڏس! ڪابہ آبادي ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي. دُر محمد اوستو صاحب اُهو ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو. چيائين تہ واقع صحيح آهي، اوهان جو مطالبو حق بجانب آهي، انشاءالله انهيءَ تي عمل ڪيو ويندو.

ٿوري ئي عرصي جي اندر پير واهہ جي نئين سر کوٽائي جو ڪم شروع ڪيو ويو. آهستہ آهستہ ڪم هلندو رهيو نيٺ وڃي پايہ تڪميل تي پهتو. پير واهہ جي نئين سر وهڻ ڪري هزارين ايڪڙ زمينون آباد ٿيون ۽ هزارين ماڻهن کي تمام گهڻو فائدو رسيو.

7: سِول اسپتال تعلقہ ماتلي شهر جو ٺهرائڻ

سنہ 1940ع ڌاري ماتلي شهر جي آدمشماري 2000 (ٻہ هزارن) کان مٿي هئي. اهو دؤر انگريز حڪومت جو هو . ان دؤر ۾ بہ سرڪاري اسپتال هئي. عورتن لاءِ سرڪاري اسپتال سنہ 1946ع ۾ جُڙي راس ٿي. جيئن جيئن آدمشماري وڌندي رهي (۽ پاڪستان جي قيام کانپوءِ) تيئن تيئن شهر جي آدمشماريءَ ۾ اضافو ٿيندو ويو.

انهن ڳالهين کي مدنظر رکندي، رئيس غلا حيدر نظاماڻي سٽر واري ڏهاڪي ۾ سِول اسپتال جي گهرج کي محسوس ڪندي، حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ ماتلي شهر ۾ سول اسپتال قائم ڪجي، جيئن عوام کي بنيادي صحت واريون سهوليتون ميسر ٿين. سندس ڪوشش رنگ لاتو. سنہ 1974ع ۾ ان وقت جي وزير اعليٰ سنڌ غلام مصطفيٰ جتوئي جن سِول اسپتال ماتليءَ جو سنگ بنياد رکي افتتاح ڪيو.

8: باءِ پاس روڊ ٺهرائڻ

رئيس غلا حيدر نظاماڻيءَ جي ڪوشش سان شگر مل وارن جي طرفان گونيءَ جي نئين پُل کان وٺي باولي واهہ جي پرسان، چيئنل (اڪرم واهہ) جي مُوريءَ تائين باءِ پاس روڊ تعمير ٿيو. ان روڊ جي تعمير ٿيڻ سان ماتلي شهر وارن کي گهڻو فائدو رسيو.

9: گورنمينٽ گرلس ڪاليج جي رٿابندي

رئيس غلام حيدر گرلس ڪاليج جي بنيادي ڪوشش ڪندڙن ۾ صفِ اول ۾ شمار آهي. بلڪ ان جٽي جو سالارِ اعظم آهي.جتي هينئر گرلس ڪاليج قائم آهي، اها زمين پيلي ڪاٽي وارن جي هئي. رئيس غلام حيدر نظاماڻيءَ ڪوشش ڪري اها زمين گرلس ڪاليج لاءِ مخصوص ڪرائي. بعد ۾ ضلع بدين ۾ هلندڙ تيل ڪمپنيءَ U.T.P جي طرفان گرلس ڪاليج تعمير ڪرايو ويو.

10: ماتليءَ ۾ مل لڳائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ

رئيس غلام حيدر نظاماڻيءَ جي اها دلي خواهش هئي تہ ماتلي شهر ۾ ڪنڊ جو ڪارخانو يا تيل صاف ڪرڻ جو ڪارخانو تعمير ٿئي، ۽ ماڻهن ۾ خوشحالي اچي. ان سلسلي ۾ رئيس غلام حيدر نظاماڻي گهڻي ڪوشش ڪئي ڪنهن حد تائين ڪوششون ڪامياب ويون ۽ انصاري شوگر مل جڙي راس ٿي.

رئيس غلام حيدر نظاماڻي جڏهن (M.P.A) ايم-پي-اي هئا، تڏهن ڪراچيءَ ۾ رهڻ دوران سندس فليٽ اوطاق نما هوندو هو. هر وقت ماڻهن جا هُجوم حاضر هوندا هئا.انهن جو ڪوبہ ڪو ڪم هوندو ئي هو. رئيس غلام حيدر نظاماڻي انهن ماڻهن جا ڪم آفيسن مان ڪرائي ڏيندو هو ۽ اهي ماڻهو دلي دُعائون ڏيندا واپس ويندا هئا.

رئيس غلام حيدر نظاماڻيءَ جي وفات بہ ڪراچيءَ ۾ ٿي هئي. سندس جنازي کي ماتليءَ شهر ۾ آندو ويو. جنازي نماز ۾ شهر توڙي ٻاهر جي هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي هئي.جنازي نماز گونيءَ جي ڪپ تي، مسجد جنت الفردوس جي سامهون ادا ڪئي وئي.سندن قبر پڻ (نظاماڻي) خليفن جي مُقام ۾ آهي.

عبدالغفور نظاماڻي



ڪنهن ماڻهوءَ جو نالو وٺڻ سان ئي مُنهن تي مُرڪ محسوس ٿئي، ۽ دل ۾ اظهارِ عقيدت سان احترام وارو جذبو جاڳي، تہ پڪ ڄاڻبو تہ اهو سڀاڳوءِ قسمت وارو انسان آهي. اهڙن انسانن منجهان ”سنڌڙي“ جي ڄڀوڻَ واري ٽُڪر جي ماناتي حصي، ماتليءَ جي مردم خيز شهر ۾ جنم وٺندڙ حاجي عبدالغفور نظاماڻي (سابق ايم پي اي) بہ هڪ آهن.

عبدالغفور ولد فتح محمد نظاماڻيءَ جو جنم سنہ 1936ع ڌاري ماتليءَ شهر جي نظاماڻي محلي ۾ ٿيو. هُن ابتدائي پرائمري تعليم جا صرف 3 درجا پڙهيا. شروع کان ئي پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيا ۽ اُن جا وفادار ميمبر رهيا.

پاڻ ٻڌايائون تہ پيپلز پارٽيءَ جو پهريون بنيادي اجلاس 1967ع ۾ حيدرآباد ۾ مير رسول بخش جي جاءِ تي ٿيو اُن ۾ بہ هزار ماڻهن شرڪت ڪئي هئي. اُن ۾ آئون بنده ناچيز عبدالغفور بہ شامل هئس. سابق وزيرِاعظم ذوالفقار علي ڀٽي جو پهريون جلسو 6 نومبر 1968ع ۾ پشاور ۾ ٿيو جنهن ۾ ماتليءَ مان صرف عبدالغفور نظاماڻي شرڪت ڪئي هئي. پاڻ 4 دفعا ايم پي اي (صوبائي اسيمبليءَ جا ميمبر) ٿيا.

- 1989ع ضمني چونڊ سابق ايم پي اي رئيس غلام حيدر نظاماڻيءَ جي وفات ڪانپوءِ اُن جي خالي پيل جاءِ تي اليڪشن ٿي.
- 1990ع 1992ع 1994ع

حاجي عبدالغفور سابق وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو جي وفد ۾ بنگلاديش بہ ويا هئا. سابق اسپيڪر غوث بخش مهر جي اڳواڻيءَ ۾ وفد جي صورت ۾ جارڊن، اومان، دمشق، بيروت ۽ دبئي بہ ويا هئا. عبدالغفور جي ڪچهرين جو تذڪرو چيڙ جي تہ دفتر ڀرجي وڃن. ڳالهين مان ڳالهيون ڪيندي راتيون گذرن! سندن منهن مان نڪتل ڳالهہ جڻڪ اٽل ارادو اصل پوئتي نہ موٽڻ، جڻڪ لوهہ تي ليڪو! ڪنهن سان ڳالهہ ڪن تہ پاڻ لاءِ هڙئون وڙئون ڪوششون ڪن. سچائيءَ جا تہ اهڙا مينار جو خود ملڪ جي وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ مرحومہ کي چئي ڏنائون تہ ”توهان تہ پيپلز پارٽي ڇڏي سگهو ٿا، مگر آئون ذوالفقار علي ڀٽي سان ڪيل وفاداريءَ تان هٿ نہ ٿو کڻي سگهان.“ حق چوڻ جي معاملي ۾ اهڙا تہ بهادر جو ارڏي سابق وزير اعليٰ ڄام صادق عليءَ کي بہ سچ چئي ڏنائون، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيس تڪليفون ڏنيون وبون ۽ پاڻ برداشت ڪيائون.

سخاوت تہ سندن شيوو آهي. رمضان جو مهينو اچي تہ غريب جي گهرن جي لسٽ تيار ڪرائي، هر هڪ جي گهر ۾ گوشت، ٻڪر ۽ سيڌو سامان هَڪيو پهچائڻ جو گهر ويٺي بندوبست ڪريو ڇڏي. عيد بارات اچي تہ ڪراچيءَ مان ڪپڙن جا تاڪين جا تاڪيا وٺيو اچي ۽ غريبن ۾ ورهايو ڇڏي. تعليم جي حوالي سان تہ گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول جي نئين عمارت ڪڙي ٿيڻ جو سهرو بہ حاجي صاحب جي سِر تي آهي. اسڪولن ۾ ڪيترن ئي غريب شاگردن کي ڊريسون وٺي ڏيڻ ۽ فيون في سبيل الله ڀرڻ تہ سندن سماجي خدمتن جو خاص عُنصر آهي. امام واهہ جنوبي واري اسڪيم ورتائون، اُن جي وهڻ سان هزارين ماڻهن کي نفعو پهتو ۽ ٻيا بہ سندن ڪوڙسارا ڪم ڪرايل آهن.

پاڻ 2 سال سِيڊا جا چيئرمين بہ رهيا. نهايت ايمانداريءَ سان چيئرمين شپ هلايائون. ايتريقدر جو اُن وقت جي مخالف وزيرِ اعليٰ ارباب غلام رحيم بہ سندن ڪم جي ساراهہ ڪئي.

ڪامريڊ قادر بخش نظاماڻي

ڪامريڊ قادر بخش نظاماڻيءَ جو جنم 23 مارچ 1914ع تي ٽنڊو قيصر خان نظاماڻيءَ ۾ ٿيو. ابتدائي پرائمري تعليم ڳوٺ مان حاصل ڪيائون. مذهبي تعليم مدرسہ دارالارشاد مان حاصل ڪيائون. فائينل ڪرڻ ڪانپوءِ پاڻ پرائمري استاد مقرر ٿيا.

قادر بخش سنہ 1930ع ۾ ڪانگريس جي سِول نافرمانيءَ واري تحريڪ ۾ عملي طور حصو ورتو. پهريون دفعو جيل ويا ۽ ان سان گڏوگڏ سنڌن ملازمت بہ ختم ٿي ويئي. آزاد ٿيا تہ ڪانگريس ۾ ڪم ڪندا رهيا. انهي زماني ۾ هندوستان ۾ مزدور رهنمائن ۽ ڪميونسٽن جون گرفتاريون ۽ مٿن ٿيندڙ ڪيسن ۽ ڪانپور جي سازش جي تفصيلن ڪيس گهڻو متاثر ڪيو. ڪميونزم جي ڪشش ڪيس پنهنجي پاسي گهلي ورتو. مسٽر عبدالله صفدر، جيڪو ڏهہ سال تائين ماسڪو جي ڪميونسٽ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيندو رهيو هو ان سان بہ ملاقاتون ڪيائين. قادر بخش جي سنہ 1933ع ڌاري يوسف علي خان مگسي تخلص 'عزيز' سان ملاقات ٿي، جنهن ڪيس ماسڪو وڃڻ لاءِ حوصلہ افزائي ڪئي. نظاماڻي پهريان زيارتن جي ڏسڻ لاءِ ايران کان زيارت جي پاس ورتي. اها زيارت پاس حسين پائي بندوق والاءِ مرحوم الله بخش گبول جي سفارش سان ملي. ان ڪانپوءِ ڪوئيٽہ کان ٿيندو مشهد پهتو. اتي روسي سفارتخاني مان تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويزا



ورتائين. مارچ 1934ع ۾ ترڪمانستان ۾ داخل ٿيو. اَشڪ آباد مان ڇهن ڏينهن ڪانپوءِ ماسڪو پهتو. سڄي رستي ۾ ڪميونسٽ ان جي مدد ڪندا رهيا. ماسڪو جي ڪميونسٽ يونيورسٽيءَ ۾ مسٽر ڪومنٽرن ان جي پڙهائيءَ جو بندوبست ڪيو. انهي ڪميونسٽ يونيورسٽيءَ ۾ ايراني ۽ افغاني طالبِ علم تعليم پرائيندا هئا. ماسڪو ۾ رهندي

هڪ هندوستاني ڊيرينڊر ڇتو پاڌياٽي نالي گڏيس. جيڪو پهرئين ڪميونسٽ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيندو هو ليڪن اسٽالن ڪيس پارٽيءَ مان ڪڍي ڇڏيو. آگسٽ 1935ع تائين ماسڪو جي ڪميونسٽ يونيورسٽيءَ مان سياسي مارڪسزم جي فلسفي جي تعليم حاصل ڪيائين. قادر بخش پهريون سنڌي ۽ پهريون ڪميونسٽ هو جنهن ماسڪو جي يونيورسٽي ”ڪميونسٽ يونيورسٽي فار ٽوائرلس آف ايسٽ“ مان تعليم حاصل ڪئي ۽ روسي ٻولي سکيو. واپسيءَ وقت تُرڪي ۽ مصر کان ٿيندو ڪراچي پهتو جتي ڪيس سي - آءِ - ڊي وارن گرفتار ڪيو. پڇا ڳاڇا ڪري ڪيس ايران موڪليو ويو. ايران کان وري اٽلي ويو. اٽليءَ کان ٿيندو مصر پهتو جتان وري ڪراچي آيو. جتي وري بہ ڪيس گرفتار ڪيو ويو. هن دفعي ڪيس ننڍي عمر جي ڪري آزاد ڪيو ويو.

قادر بخش نظاماڻي پنهنجون سياسي سرگرميون جاري رکيون. هڪ ئي وقت ڪانگريس، هاري ڪاميٽي ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ ڪم ڪندو رهيو. قادر بخش نظاماڻي سنہ 1937ع کان آگسٽ 1941ع تائين (سنڌ - بلوچستان) ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري ٿي رهيو. ان ڪانپوءِ محمد امين کوسو سيڪريٽري ٿيو جيڪو بعد ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر بہ ٿيو هو. قادر بخش سنہ 1939ع ۾ بمبئي ويو جتي چار مهينا رهي، ڪميونسٽ مينيفيسٽو جي قاعدي ۽ قانونن ۽ تحريڪ ڪي هلائڻ واري ٽريننگ ورتائين. هندوستان جي سينٽرل ڪاميٽيءَ جي سيڪريٽري مسٽر P.C جوشي سان بہ ملندو هو.

فيبروري 1948ع ۾ حاجي ڪريم بخش سعديءَ جي دعوت تي ايران ويو هو. سنہ 1952ع ۾ الوحيد اخبار ۾ ڪم ڪيائين. ان سان گڏوگڏ سوويت يونين ڊپلوميٽس کي اردو بہ پڙهائيندو هو ۽ سنہ 1953ع کان ڊسمبر 1969ع تائين سوويت سفارتخاني جي محڪمہ اطلاعات ۾ ملازم ٿي رهيو. حالتن جي ڦير گهير سبب سنہ 1973ع ۾ ڪراچيءَ کان لنڊن روانو ٿي ويو.

ادبي حوالي سان قادر بخش نظاماڻي ڪيترين ئي اخبارن ۾ ڪم ڪيو. جهڙوڪ محمد امين کوسي واري هفت روزه ”آزاد“، ”الوحيد“، سنڌي هفت روزه ”آزاد سنڌ“، ”سنڌي ماهنامو“، ”اڄ ڪلهہ“، هفت روزه ”صداقت“، ”اخبار وطن“ ۽ بلوچي زبان ۾ هڪ اخبار بہ جاري ڪيائين. اُن ڪانسواءِ لنڊن ۾ رهڻ دوران انگريزيءَ ۾ پيپلز فرنٽ اخبار جاري ڪيائين. جيڪا بلوچستان ۾ فوجي آپريشن جي خلاف هئي. ٻن ڪتابن جا ترجما پڻ ڪيائين.

قادر بخش نظاماڻي جيڪي پمفليٽ پارٽين لاءِ لکيا ۽ اخبارن لاءِ جيڪو قلمي مواد لکيو هو سو سڀ ضايع ٿي ويو. ڇاڪاڻ تہ سنہ 1951ع ۾ پوليس سنڌس گهر جي تلاشي ورتي، ۽ سڀ ڪجهہ کڻي وئي. ٻيو دفعو 1973ع ۾ جڏهن ڪراچيءَ کان لنڊن ٿي ويو تہ سنڌس گهر واري سڀ ڪجهہ رديءَ ۾ اڇلي ڇڏيو. ٽيون دفعو لنڊن ۾ رهڻ دوران شايع ڪرايل سڀ اخبارون سنڌس گهر واريءَ اڇلائي ڇڏيون.

سنڌس دوستن ۾ محمد حسين عنقا، غوث بخش بزنجو يوسف مگسي، محمد امين کوسو عبدالقادر ميوو خان، نور محمد پليجو مولوي نذير حسين، گوپال داس سپاهي ملاڻي ۽ ٻيا ڪيترائي ماڻهو شامل هئا.

قادر بخش 1939ع ۾ شادي ڪئي. سنڌس هڪ پٽ دوستين نالي سان آهي ۽ 4 نياڻيون ٿيس. هڪ محترمہ طاهرا، جيڪا مشهور بلوچ شاعر اڪبر بارڪزئي جي زال آهي، ٻيءَ جو نالو شهناز آهي.

قادر بخش نظاماڻي سنہ 1992ع واري ڏهاڪي ۾ وفات ڪئي ۽ ڪراچيءَ جي ميوه شاهہ قبرستان ۾ مدفون آهي.

عالم خان نظاماڻي



عالم خان ولد امير بخش نظاماڻيءَ جو جنم، ماتلي شهر جي نظاماڻي محلي ۾ ٿيو. مين سنڌي اسڪول جي جنرل رجسٽر ۾ سندن پيدائش جي تاريخ 01-03-1903ع ڄاڻايل آهي. پرائمري تعليم جا ٿي درجه پڙهيو هو. ان کان پوءِ مذهبي تعليم به حاصل ڪئي هئائين.

عالم خان نظاماڻي بنيادي طرح جاگيردار هو. سندس جاگير نوابشاهه ضلعي جي ديهه نصرت ۾ هئي. انهي ڪري سندن مالي حالتون سدائين پُروقار رهيون. تنهن زماني جي تقاضا مطابق سنڌ جي ڪافي وڏن ماڻهن سان دوستي ۽ ياري وارو رشتو ۽ ناتو قائم هئس.

عالم خان نظاماڻي جوانيءَ واري عمر ۾ شاعريءَ جي شروعات ڪئي. لاڙ جا مشهور ڳائڻا ۽ ڳائڻيون جهڙوڪ: جيوڻي ٻائي ۽ ٻيا ڳائڻا ميلن، ملاکڙن ۾ سندس ڪلام ڳائيندا هئا. رفته رفته سندس ڪلام ريڊيو تان به نشر ٿيندو رهندو هو. شاعريءَ ۾ سندس تخلص "عالم خان" ئي آهي. سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو "ڪلياتِ عالم" سن 1967ع ۾ شايع ٿيو هو. سندس شاعريءَ جو ٻيو ڪتاب "باغيچهءِ فردوس" هو. جيڪو ماتلي شهر جي مشهور شاعر ۽ ڪاتب، سيد محسن شاهه 1372 هجريءَ ۾ ترتيب ڏنو. اهو ڪتاب زماني جي لاهين چاڙهين سبب شيخ سومار بدين واري جي حوالي ٿيو جنهن مان چونڊ ڪري 'لاڙ ادبي سوسائٽي بدين' وارن جي طرفان، "منتخب ڪلام رئيس عالم خان نظاماڻي"، سن 1983ع ۾ شايع ڪرايائين. هيءَ ڪتاب ننڍي سائيز ۾ آهي، جيڪو 80 صفحن تي مشتمل آهي: جنهن ۾ 68 ڪلام مختلف سُرن تي جوڙيل نظر اچن ٿا. سُرن ۾ جهڙوڪ سُر پيروي، سُر مانجهه، سُر ڀاڳيسري سُر جوڳ، سُر پيلو سُر آسا، سُر پرڀاتي، سُر سارنگ، سُر حسيني ۽ سُر فغان وغيره ڪانسواءِ هڪ مدح در شانِ پيغمبر اسلام (صلی اللہ علیہ وسلم) ۽ 43 ڏوهيڙا ڏنل آهن. جهڙوڪ سهڻي، مارئي، نوري ۽ ليلان چنيسر جا داستان.

عالم خان شيل شڪار جو شوقين ۽ عاشق مزاج انسان هو. جوانيءَ واري وهيءَ جي موٽ کان پوءِ ڪيس دم واري بيماري ٿي پيئي. ڊاڪٽرن جي مشوري تحت پهرئين ڪوئيٽه ۾ ۽ پوءِ ٽاٽي بولا خان ۾ رهيو. بعد ۾ ٽاٽي بولا خان ۾ جاءِ جوڙائي رهڻ لڳو. اڪثر ڪري جُهڙالي ۽ مينهن واري موسم ۾ وڃي ٽاٽي بولا خان ۾ رهندو هو.

عالم خان انتهائي ساده لوح هئڻ سان گڏوگڏ بيحد جذباتي، جلالي ۽ جوشيلي طبيعت جو مالڪ هو. جيڪا دل ۾ هوندي هئس، اُها ئي ٻولي ٻاهر ٻوليندو هو.

پاڻ 81 سالن جي عمر کان مٿي، عرصهءِ دراز زندگي گذاري، هن فاني جهان مان 7 جولاءِ 1984ع تي رحلت ڪري ويا. کيس طالب شاهه قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

حافظ محمد نظاماڻي

حافظ محمد ولد آدم فقير نظاماڻيءَ جو جنم ڳوٺ سهراب خان نظاماڻي، نزد ڪڙيو گهنور ۾، سن 1954ع ڌاري ٿيو. حافظ محمد شروعاتي قرآن مجيد جي تختيءَ وارا پهريان اکر، ڳوٺ جي نيڪ سيرت ۽ باڪردار عورت، مائي حوا وٽ پڙهيو هو. جيئن تہ آدم فقير کي پنهنجي پٽ محمد کي حافظ ڪرڻ جو شوق هو ان ڪري آدم فقير پنهنجي پٽ محمد کي وٺي اچي ماتلي شهر جي نظاماڻي محلہ واري مدرسي ۾ داخل ڪرايو. ماتليءَ ۾ رهڻ دوران سنڌس واسطو پاڙي جي نظاماڻين، جهڙوڪ محمد عالم خليفہ، خالد، فتح خان ۽ ٻين سان ٿيو. محمد عالم خليفي سان ان جون خوب ڪچهريون ٿينديون هيون، جن جو تذڪرو حافظ ڪچهرين ۾ ڪندو رهندو آهي. نظاماڻي محلہ واري مدرسي جي قائم ٿيڻ ۾ سائين محمد عالم نظاماڻيءَ جو وڏو ڪردار هو. ان مدرسي جو مهتمم مشهور استاد مولوي احمد ورياهہ هو. جنهن جو آبائي ڳوٺ علي پور لڳ هو. ماتليءَ واري مدرسي ۾ ٻاهر جا ٻہ ڪيترائي ڪتابي رهندا هئا. پاڙي مان فقروني تعليم پرائيندا هئا. حافظ محمد جي داخلا ٿي شعبہءِ حِفظ ۾ ٿئي، سو شروعاتي تختيءَ ڪان ٿي ياد ڪرڻ وينو. ڪافي سپاره ياد ڪري ورتائين. تہ مدرسي جون مالي معاشي حالتون تنگ ٿيون ۽ مولوي احمد ورياهہ وڃي پنهنجي ڳوٺ علي پور ۾ مدرسو کوليو. حافظ محمد نظاماڻي پنهنجي استاد سان گڏجي علي پور واري مدرسي ۾ پڙهڻ ويو اتان ئي حافظ ٿي ويو. حافظ محمد، رمضان وارو پنهنجي آبائي ڳوٺ سهراب خان نظاماڻي محلي جي مدني مسجد ۾ پهريون مصلو ماتلي شهر جي پڙهايو هو.

مدرسي واري ماحول مان نڪري، جڏهن ڳوٺاڻي ماحول ۾ آيو تہ ڏهن بيمار ٿي پيو. چونڊا آهن تہ شاعري مجاز جي امانت آهي، سو حافظ بہ مجازي واري صنف جي ڌرن جي، شعر ۾ اپنار ڪئي. ڳوٺ جي حدن ڪان نڪري ٻين ڳوٺن جي ادبي محفلن ۾ شعر چوڻ لڳو. جهڙوڪ مشهور سگهڙ رئيس الهڏنو خان نظاماڻيءَ جي ڳوٺ ۾ ٿيندڙ علمي ۽ ادبي محفلن ۾ شرڪت ڪندو هو. اتي شاعريءَ جا جوهر ڏيکاريندو هو. انهن محفلن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ بہ شرڪت ڪندو هو جنهن جو ذڪر ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي ڪتاب "رهاڻ هيرن ڪاڻ" ۾ ڪيو آهي. ان کان پوءِ ڪڙي گهنور جي ادبي محفلن ۾ پذيرائي مليس. ٿوري ئي عرصي اندر بدين ضلعي جي علمي ۽ ادبي محفلن ۾ کيس بغاوت ڪندڙ شاعرن ۾ شمار ڪيو ويندو هو. ڪن رسالن وارن سانس انٽرويو وٺي کيس "لاڙ جو سچل" وارو خطاب ڏنو.

حافظ جا نظم هاڻ لاڙ خواه سنڌ جي هر علمي ۽ ادبي محفل ۾ ڳايا وڃن ٿا. ماڻهو وڏي شوق سان ٻڌن ٿا ۽ ماڻهو کيس "لاڙ جو سچل" ڪري سڏين ٿا. سندس شاعريءَ جا ٻہ مجموعا جهڙوڪ (1) باغي آ عشق منهنجو (2) تاريخ آهي شاهد. جيڪي عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي مُرتب واري حيثيت سان، نظاماڻي پبليڪيشن ماتليءَ طرفان شايع ڪيا آهن. حافظ جي شاعريءَ جا ٻيا ڪتاب پڻ زيرِ طبع آهن.

نور محمد عرف "نورل فقير"

نورل فقير ولد غلام نبيءَ جو جنم ٽنڊو قيصر ۾ ڊسمبر 1933ع ۾ ٿيو. هُن 5 سالن کان 6 سالن جي عمر ۾ قرآن شريف مڪمل ڪيو. 7 کان 9 سالن جي عمر تائين سنڌيءَ جا ٻه درجا پاس ڪيائون. ان کانپوءِ سندن والد وڏيڪ نه پڙهايوءِ چيائون ته هاڻي ڏيگيون چارءِ ڏيگين چارڻ سان گڏ ٻنيءَ جو ڪم شروع ڪر!

شاعريءَ جي حوالي سان ٻڌايائون ته 1950ع کان شاعريءَ جي شروعات ڪيم. زماني جي پريشانيءِ روح کي راضي ڪرڻ لاءِ شاعري شروع ڪيم. شاعريءَ ۾ سندن استاد حاجي عثمان ڪتي آهي، جيڪو ڳوٺ جهانپور ضلع سکر جو ويٺل هو. 1954ع کان وٺي ٽنڊو قيصر ۾ 'بزمِ شائق قيصري' جي مشاعرن ۾ به شرڪت ڪندو هو. 'بزمِ شائق قيصري' جو اڳواڻ حاجي شير محمد خان نظاماڻي هو. بزمِ قيصر ۾ به مشاعره ٿيندا هئا، جنهن ۾ حاجي حقير ابن مگڻ (ڳوٺ قبول خاصخيلي لڳ ٽنڊو قيصر) به شرڪت ڪندو هو. اُن کانپوءِ رئيس مير حسن نظاماڻي (نظراڻي پاڙي واري) بزمِ طالب مولٰي جي نالي سان مشاعره شروع ڪرايا، جنهن ۾ ٻه دفعا مخدوم طالب المولٰي پاڻ خود آيو هو. ان بزم ۾ به نورل فقير شرڪت ڪندو هو.

بعد ۾ بزم شاهه عنايت شهيد جا مشاعره ڳوٺ بهاول زنئور ۾ شروع ٿيا، اُن ۾ به نورل فقير شرڪت ڪندو هو. حاجي حقير ابن مگڻ 1981ع ۾ وفات ڪئي. ان کانپوءِ مشاعرن جو سلسلو ختم ٿي ويو پر حاجي حقير جي ورسيءَ تي هر سال مشاعرو ٿيندو هو.

حاجي حقير ابنِ مگڻ جي ورسيءَ تي ڪرايل هڪ مشاعري جو مهمان خاص شيخ ابراهيم خليل هوءِ اهو مشاعرو جنهن شيخ محمد ابراهيم خليل جو آخري مشاعرو هو. اتي ڳوٺ جي نوجوانن لاءِ مشعل راهه پڻ بڻيو جتان کان نورل فقير جي زيرِ سايه آسي زميني، سڪندر ستايل، اداسي عزيز احمد ۽ ٻين پنهنجي شعري سفر جي ابتدا ڪئي. 1982ع کان PTV جي سنڌي پروگرامن اوطاق، ڪچهري، سنڌ سپيتا ۾ شاعري لاءِ ڪيس گهرايو ويو هو. ان وقت پروگرام جو ميزبان سيد صالح محمد شاهه هو.

آسي زميني


(آسي زميني، شيخ اياز سان گڏ)

سندس اصل نالو محمود نظاماڻي ولد محمد رحيم نظاماڻي آهي. محمود نظاماڻي ولد محمد رحيم نظاماڻيءَ جو جنم 14 سيپٽمبر 1957ع تي پاڙو ٽنڊو قيصر نظاماڻيءَ ۾ ٿيو. محمود نظاماڻي پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم ٽنڊو قيصر جي اسڪولن مان پرائي. انٽر تائين تعليم حاصل ڪيائين. هن وقت پاڻ اريگيشن کاتي ۾ هيڊ ڪلارڪ آهن. تعليم دوران ئي کين مطالعي جو شوق هو. شاعريءَ طرف به توجهه ڏنائين. ان ڪري شاعريءَ جي فن يعني بحر وزن جو ماهر آهي. نئين ٽهيءَ جو نمائنده شاعر آهي. شاعريءَ ۾ 'آسي زميني' تخلص اٿس. شاعريءَ جا ٻه ڪتاب شايع ڪرائي چڪو آهي:

1. ميتا جي رُج ۾ — 1992ع (سنڌي ساهت گهر حيدرآباد پاران)
2. ٻه شاعر ٻه کهاڻيڪار — 1992ع (سنڌي ادبي سنگت ٽنڊو جام پاران)

سندس پهريون ڪلام "اي جانِ وفا! توکي ٿو چوان......" ڪتي چيچڻ کان اڳ 1976ع ۾ EMI رڪارڊنگ ڪمپنيءَ طرفان رڪارڊ ٿي، ريڊيو تان نشر ٿيو. سنڌي ٻوليءَ سان چاهه ۽ چاهه جو نتيجو اهو نڪتو جو کين اُردو ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن کي ترجمي ڪرڻ جهڙو ڏکيو ڪم سرانجام ڏيڻ جي ذميواري به ڏني وڃي ٿي.

محمود نظاماڻيءَ کي نثر توڙي نظم تي دسترس حاصل آهي. سليٽ اشاعتي شعبي طرفان ٽه ماهي 'دوستي مئگزين' جاري ڪيائين، جنهن ۾ تصوّف تي خاص ڌيان ڏنل هو. ترجمي واري پاسي به ڌيان ڏنائين. سندس ترجما ڪيل هي ڪتاب ڇپيل آهن:

1. مسيحي گهراڻي جا بنياد
2. ليڊي هيلٽ وزيٽرس جو نصاب
3. حفاظتي ٽڪا
4. ريڪائن جي راند (علامہ نياز فتح پوريءَ جو پامسٽريءَ تي ڪتاب جو ترجمو)
5. ثقافتي گُهٽ ٻوسٽ ۽ پاڪستاني سماج (زيرِ طبع)
6. تهذيبي تڪبّر (زير طبع)

انهن ڪانسواءِ آسي زميني ڪيترن ئي ڪتابن جا مهاڳ لکيا آهن.

1. تصوير جو درد
ڪهاڻيڪار: عنايت لغاري
اشاعت: اپريل 1999ع
مهاڳ: آسي زميني
ص 15 کان 25 تائين
سنڌي ادبي سنگت ٽنڊو قيصر جو ڇپايل

2. سوچن جي صليب
ليکڪ: علي احمد نظاماڻي
اشاعت: ڊسمبر 2003ع
مهاڳ: آسي زميني
ص 15 کان 22 تائين
سليٽ اشاعتي شعبو دانشگاهه ٽنڊو قيصر

3. رنگن جا اوجاڳا
شاعره: مهر النساءِ لاڙڪ
اشاعت: 2010ع
مهاڳ: آسي زميني
ص 9 کان 18 تائين
سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد

آسي زميني شاعريءَ جي حوالي سان مختلف ڪتابن ۾ مهاڳ کان علاوه ٻين عنوانن سان جدا جدا مضمون به لکيا آهن.

1. ڏڌي اُس ٽڪي چانڊ
شاعر: منصور ملڪ
اشاعت: مارچ 2002ع
آسي زميني: چا ته ڪئي منصور ڪمائي!
ص 23 کان 39 تائين
سليٽ اشاعتي شعبو دانشگاهه ٽنڊو قيصر

2. ڏکوئين اُهڃاڻ
شاعر: ستايل سڪندر
اشاعت: جنوري 2005ع
آسي زميني: گمنام شاعر جي نيڪ نام شاعري
ص 24 کان 31 تائين
سليٽ اشاعتي شعبو دانشگاهه ٽنڊو قيصر

3. دل جو آواز
شاعر: مسڪين محمد خان نظاماڻي
اشاعت: ڊسمبر 2009ع
آسي زميني: اُتم عقل کان دليل دل جا
ص 7 کان 9 تائين
سليٽ اشاعتي شعبو دانشگاهه ٽنڊو قيصر

4. اسان جو عشق اڻپورو
شاعر: سعيد ميمڻ
اشاعت: جنوري 2010ع
آسي زميني: اسان الله کي سچائي سگهون ٿا پر ماڻهوءَ کي نـ!
ص 7 کان 8 تائين
سليٽ اشاعتي شعبو دانشگاهه ٽنڊو قيصر

ادبي مضمونن ۾ تنقيدي مقالا به لکيا اٿس. جيڪي ڪينجهر، امرتا، ادب، جياپو آجپو اُمنگ ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. ان ڪانسواءِ مٿين رسالن جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ميمبر يا ايڊيٽر رهي چڪو آهي.

محمود نظاماڻي آبائي وسندي ٽنڊو قيصر ۾ ”دانشگاهِ منصوريه آشرم“ نالي سان هڪ لائبريري به قائم ڪئي آهي، ان لائبريريءَ ۾ سوين هزارين مختلف موضوعن تي لکيل ڪتاب موجود آهن. ان ڪانسواءِ ”سليٽ“ اشاعتي شعبو به قائم ڪيو اٿس. انهي اشاعتي شعبي هيستائين 14 ڪتاب پڻ شايع ڪيا آهن.

آسي زمينيءَ کي ماهوار ڪينجهر ايڊيٽنگ ايوارڊ، فاضل راهو شاعري ايوارڊ (اسماعيل راهوءَ جي هٿان)، اڏيرو لعل شاعريءَ ميڊل (قلندر شاهه لڪياري هٿان) ۽ ٻيا به ڪي مڃتا ميڊل ۽ ايوارڊ ملي چڪا آهن.

رحمت الله نظاماڻي عرف 'ستايل سڪندر'

رحمت الله نظاماڻي نالو سندس مُلڪي / رياستي سڃاڻپ آهي، جيڪو سندس شناختي ڪارڊ ۾ درج آهي. 'ستايل' سڪندر سندس شاعراڻو نالو آهي، جيڪا سندس سنڌ توڙي هند کان ٻاهر جي سنڌين وٽ سڃاڻپ آهي. هندوستان جي ناميا ري شاعر / اديب ۽ نقاد واسديو موهيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ سندس شاعريءَ کي واکاڻيندي لکي ٿو: "ستايل' سڪندر اهڙو شاعر آهي، جنهن جي شاعري معمولِ تعليم جي محتاج نہ رهي آهي. ستايل جا غزل غمِ دوران جا غزل آهن، انهن ۾ سماج لاءِ فڪر جهلڪي ٿو:



اڄ بہ عمر جو ويس مٿي ڪنهن،
پنهنجي تڇ لڄائي آهي!

رحمت الله نظاماڻي عرف 'ستايل' سڪندر پهرين جون 1968ع تي حاجي نبي بخش نظاماڻيءَ جي گهر، ٽنڊو قيصر ۾ ڄائو. پاڻ پرائمري تعليم ئي حاصل ڪري سگهيو. عشق جي چوٽ کيس شاعر بڻائي ڇڏيو، سو بہ اهڙو، جنهن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ ذات رواجي علم جي محتاج ناهي. ٽنڊو قيصر ۾ سندس شاعري سنڌي ادبي سنگت، پوءِ 'سليٽ' دانشگاهہ منصوريہ آشرم جي ادبي نشستن کان ٿيندي، هند توڙي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رهندڙ سنڌين تائين پهتي. فني حوالي سان هن جو ڳوٺ توڙي سنڌ ۾ ڪو جوڙ ۽ جيڏو ملڻ محال آهي. سندس پهريون شعري مجموعو "ڏکوئين اهڃاڻ" 'سليٽ' اشاعتي شعبي جي ڪتاب نمبر 4 طور 2005ع ۾ صوفي منش ڊاڪٽر منصور ملڪ ڪراچيءَ ۽ رئيس مشتاق احمد نظاماڻي (ٽنڊو قيصر) جي مالي سهائتا سان ڇپيو. ان کان علاوه سندس ڪوڙ مواد، ڪيترن ڪتابن جي صورت وٺڻ لاءِ واجهائي رهيو آهي، پر افسوس اسان جي صاحب حيثيت ماڻهن تي، جن کي مالڪ صاحبِ حيثيت تہ بڻايو آهي، پر اهي صاحبِ نظر نہ بڻجي سگهيا، جو اهڙن هيرن جو مُلهہ سڃاڻي، پنهنجي حيثيت جو ڀرم رکي سگهن!

عبدالعزيز نظاماڻي

عبدالعزيز نظاماڻي ولد خان محمد عرف محمد خان نظاماڻيءَ جو جنم، 12/08/1958ع تي ماتلي شهر جي نظاماڻي محلي ۾ ٿيو. پرائمري تعليم جا ٻه درجا گورنمينٽ پرائمري اسڪول نظاماڻي محله ماتليءَ ۾ پڙهيو باقي ٽيون، چوٿون ۽ پنجون درجو مين گورنمينٽ پرائمري اسڪول ماتليءَ مان پاس ڪيائين. ميٽرڪ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ماتليءَ ۾ پڙهيو. فرسٽ ايئر، انٽر ۽ B.A جا امتحان گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ٽنڊو محمد خان مان پاس ڪيائين. پيشي جي لحاظ کان پاڻ پرائمري استاد آهن.

ادبي حوالي سان سفرنامن جا ٻه ڪتاب لکيل اٿس:

1. ڪولمبو منهنجو پيار
2. دبئي منهنجي دل
3. تن ۾ تونس پرين جي

۽ ٽيون ڪتاب شاعريءَ جو مجموعو آهي.

سنڌي ادبي سنگت ماتليءَ جو سيڪريٽري رهي چڪو آهي. اخبار ”عوامي آواز“ جو نمائندو ۽ پريس ڪلب ماتليءَ جو ميمبر به رهيو آهي. اخبار ”خادمِ وطن“ ۾ هڪ ڪالم بعنوان ”نيٽ ڇا ڪجي؟“ سان لکندو هو. اخبار ”برسات“، ”BBC“ ۽ ”عوامي آواز“ طرفان اشتهار نامه ۾ آيل مضمون نويسي ۽ طنز و مزاح جي چٽا ڀيٽيءَ جي ڪرايل مقابلن ۾ انعام به حاصل ڪيل اٿس. شاعريءَ جي ميدان ۾ به ڪجهه ملهايو اٿس. شاعريءَ ۾ چوسٽا، دوها، ترانه، گيت ۽ غزل چيا اٿس. شاعريءَ ۾ سندس تخلص ’عزيز پارس‘ آهي.

ماتليءَ جي سگا ورڪنگ ڪميٽيءَ جو به ميمبر هو. سماجي تنظيمن جي حوالي سان سٽيزن ايڪشن ڪميٽي ماتلي، سماجي دوست تنظيم ماتليءَ جي سرگرمين ۾ حصو وٺندو هو ۽ اُنهن جو بنيادي ميمبر به هو. هن وقت پارس هر وقت جهونگاريندو رهندو آهي. سندس سُريلو آواز به پسنديده ڪلام کي مؤثر بنايو ڇڏي

غلام حيدر نظاماڻي

غلام حيدر ولد حاجي محمد عرف جوڳي نظاماڻيءَ جو جنم 23 مئي 1935ع تي ڳوٺ سهراب خان نظاماڻي، نزد ڪڙيو گهنور ۾ ٿيو. قرآن شريف پنهنجي ڏاڏيءَ مرحومہ ۽ والده ماجده وٽ پڙهيا هئا. پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس ڪڙيو گهنور شهر جي پرائمري اسڪول ۾ 1945ع ۾ داخلا ڏياري ويئي.



انهن ئي ڏينهن ۾ سهراب ڳوٺ جي ديني مدرسي دار القرآن کي مسلم اسڪول جو درجو ڏنو ويو. ان اسڪول جو پهريون هيڊ ماستر عبدالڪريم جوٽيجو هو. جيڪو مراد ٽالپر جو ويٺل هو. غلام حيدر نظاماڻيءَ ڪڙيو گهنور جي اسڪول کي خير آباد ڪري. اچي پنهنجي ڳوٺ جي مسلم اسڪول ۾ پڙهڻ لڳو. ليڪن سال 1948ع ۾ مسلم اسڪول کي بند ڪري قريبي ڳوٺ محمد خان نظاماڻيءَ ۾ پرائمري اسڪول کوليو ويو. تنهنڪري غلام حيدر وري اتي وڃي پڙهڻ لڳو. اتان ئي ڇهہ درجہ پاس ڪيائين. فائينل ستين درجي ۾ ٽئن مهينن تائين مس پڙهيو تہ ڪن مجبورين اچي ورايس تہ پڙهائيءَ کي ڪجهہ عرصو اڌ ۾ ڇڏي ڏنائين. ليڪن بعد ۾ فائينل ڪرڻ جو وري ڪيس خيال ٿيو ۽ ان ڪري ڳوٺ غلام حسين جمالي نزد تلهار ويا. جتي استاد غلام محمد جمالي فائينل ڪلاس ۾ پاس ٿيڻ لاءِ شاگردن کي ڪوچنگ ڏيندا هئا. تڏهن شاگرد ڳوٺ ۽ پر واري لُنڊن واري ڳوٺ مان بہ فقر وٺندا هئا. غلام حيدر بہ فقر وٺي پنهنجو

گذران 32 ساڻين سان گڏ ڪندا هئا. جنهن ۾ مشهور شاعر عبدالمبين 'پنائي' ۽ محمد صديق ملاح جمڙا ماڻهو بہ شامل هئا. اپريل 1951ع ۾ ٽنڊي باگي سينٽر مان فائينل امتحان ڏنائون ۽ پاس ٿيا. 11 جولاءِ 1951ع ۾ ڪيس پرائمري استاد جو آرڊر مليو. پرائمري اسڪول ڳوٺ محمد خان نظاماڻيءَ ۾ نوڪري جوائن ڪيائين. ايڪٽيهہ سال سروس پوري ڪري، جنوري 1983ع تي رٽائرمينٽ ورتائون.

شعر و شاعريءَ جي شروعات پرائمري اسڪول ڪاٽ ٻانيڻ ۾ رهندي، سروس دوران سال 1955ع ۾ ڪيائين. ان وقت اسڪول جو هيڊ ماستر قاضي احمد ڪاٽ ٻانيڻ هو جيڪو علمي لحاظ کان اديب ـ عالم ۽ اديب ـ فاضل پاس هو. اهو شاعريءَ ۾ اصلاحي طور رهبري ڪندو هئس. غلام حيدر جو پهريون شعر هيٺ ڏجي ٿو:

ٻڌم ٻانهون ڪيم دانهون، پنهون لاءِ پڇان راهون.

پاڻ سال 1956/57 ۽ 1957/58ع ٻن سالن ۾ ٽريننگ ڪاليج فار مين ۾ تربيت حاصل ڪيائين. ڪاليج ۾ ٿيندڙ علمي، ادبي محفلن ۾ شرڪت ڪندو هو. جنهن ڪري سندس لاڙو شعر طرف وڌيو. هن جا ڪيترائي مضمون لکيل آهن. جيڪي ڪجهہ قلمي صورت ۾ پيل آهن ۽ ٻيا ڇپيل، يعني شايع ٿيل آهن.

1. پراڻو ڳوٺ جهانگير آباد. قلمي، (اڻ ڇپيل)
2. قديم تاريخي شهر ڪڙيو گهنور جو ماضي ۽ حال. (اڻ ڇپيل)
3. قديم تاريخي شهر ڪڙيو گهنور جا مسائل (اڻ ڇپيل)
4. سنڌڙي تنهنجا ڳوٺ وسن. ڪڙيو گهنور ڪنهن کي ياد ڪونهي
5. قديم تاريخي شهر ڪڙيو گهنور جا حل طلب مسائل
6. خليفہ محمود فقير نظاماڻي (ڪڙيو گهنور وارو) اڄوڪو ڏينهن
7. سنڌڙي تنهنجا شهر وسن. قديم شهر ڪڙيو گهنور جي حالت
8. خليفہ محمود فقير نظاماڻي (ڪڙيہ وارو)
9. قديم تاريخي شهر ڪڙيو گهنور: ماضي، حال ۽ مستقبل جي آئيني ۾

پاڻ بروز سومر، پهرئين شوال 1418هجري، بمطابق 14 مارچ 1994ع تي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويا. ان وقت سندن عمر 59 سال هئي. اهو ڏينهن عيد الفطر جو هو.

الله بخش 'اوٺائي' نظاماڻي

الله بخش ولد گل محمد نظاماڻيءَ جو جنم ماتلي شهر ۾ ٿيو. مئن سنڌي پرائمري اسڪول جي جنرل رجسٽر جي سيريل نمبر 304 جي سامهون، سندن پيدائش جي تاريخ 15 مئي 1899ع لکيل آهي. پرائمري تعليم مئن سنڌي اسڪول مان حاصل ڪيائين. سنڌي فائينل جو امتحان سٺن نمبرن ۾ پاس ڪيائين.

الله بخش ننڍي وهيءَ ۾ مذهبي تعليم بہ حاصل ڪئي هئي. پڙهائيءَ دوران فارسي زبان سان لڳاءُ هئس. ان ڪري ڪجھ فارسي بہ پڙهيل هو. پڙهڻ تي شوق هئس مگر بيماريءَ جي ڪري وڌيڪ پڙهي نہ سگهيو.

توڙي جو الله بخش جا وڏا ناگئي شاهہ جا مريد هئا. ليڪن الله بخش وري ماتليءَ جي ويجهو اوٺي وارن سيدن جو مريد ٿيو. خصوصاً بيبي صاحبہ اوٺي واريءَ جو مريد هو. انهي نيڪ پارسا، پاڪدامن بيبيءَ جي مريدن جي حلقهءِ احباب ۾ سانوڻ فقير، الله بخش نظاماڻي، محسن شاهہ ماتلوي ۽ ٻيا ڪيترائي مريد داخل هئا. بيبي صاحبہ پردي جي حالت ۾ انهن کي ذڪر اذڪار ڏيندي هئي. الله بخش صبح جو ماتليءَ ۾، تہ شام جو اوٺي شريف ۾ گذاريندو هو.

محسن شاهہ اوٺي شريف ۾ قرآن شريف جي درس و تدريس وارو عمل بہ جاري رکيو تہ شاعريءَ وارو پهلو بہ جاري و ساري رکيو. اهڙي مذهبي توڙي علمي و ادبي محفلن ۾ الله بخش کي بہ خاص مقام حاصل هو. جيئن تہ الله بخش جي دل ۾ هن ڪوڙي دنيا جي حاصلات لاءِ ڪو بہ خيال ئي نہ هو ان ڪري پاڻ هميشہ آخرت جي تياريءَ وارو مسافر ٿي رهيو.

الله بخش نظاماڻي شاعريءَ جي ڪافيءَ واري صنف تي طبع آزمائي ڪئي هئي. ڪيتريون ڪافيون چيون اٿس. پنهنجي شاعريءَ ۾ تخلص 'الله بخش' استعمال ڪيو اٿس. سندس لکيل قلمي شاعريءَ وارو ڪتاب اوٺي شريف ۾ هو. جيڪو بيبي صاحبہ جي وفات کان پوءِ، زماني جي لاهين چاڙهين جي ڪري گم ٿي ويو.

سادڙي سودڙي شاعريءَ ۾ دل جون باهيون ۽ جذبات هئا.

سندس چيل هڪ ڪافي هيٺ ڏجي ٿي:

قرب ڏيئي کهي وئين، ماري ڪيڏئي مات ميان!
جيڪا جانب جيءَ ۾ لاتئي، هئي نہ هرگز سا تہ ميان!

وندر ۾ واڪا ڪيا ويچاري، سَٿون سجڻ لئہ ڏي سؤ واري،
اوريان حال اندر جو توسين، هڪوار ملڻ لئہ آءُ تہ ميان!

بندو 'الله بخش' بيوس آهي، سُور سلڻ کان سرسو آهي،
گل اندر جي کهڙي ٻڌائي، ڪنڌ تي جنهن جي ڪات ميان!

الله بخش نظاماڻي سنہ 1954ع ڌاري وفات ڪئي. کيس قبرستان، "خليفن جو مقام"، نزد مسجد جنت الفردوس ۾ دفن ڪيو ويو.

امير بخش خان نظاماڻي

امير بخش خان ولد عالم خان نظاماڻيءَ جو جنم ماتليءَ شهر ۾ ٿيو. بنيادي مذهبي تعليم ماتليءَ شهر جي مشهور عالمِ دين مولوي نظر محمد نظاماڻيءَ جي مدرسي مان حاصل ڪيائين. آخر ۾ مولوي نظر محمد وٽان پڙهي، فارغ التحصيل ٿيا. مولوي نظر محمد نظاماڻي عالم ۽ عارف هئا. امير بخش خان به ان جي صحبت ۾ رهي ڪري معرفت ماڻي.

امير بخش خان جيئن ته علم جي زيور سان آراسته هئا، ان ڪري عربي، فارسي ۽ اردو ٻولين جو وڏو ڄاڻو هو. علم و ادب سان واسطو هئڻ ڪري شعر واري صنف طرف به قلم ڪنيائين. پنهنجي شاعريءَ جو مجموعو پنهنجي پٽ عالم خان جي حوالي ڪيائين. عالم خان کان اهو لکيل ڪتاب گم ٿي ويو. جنهن جي افسوس ڀريي داستان جون ڳالهيون عالم خان ڪچهرين ۾ ڪندو هو. عالم خان کي پنهنجي والد جي ڪلام گم ٿيڻ جو ڏاڍو ڏک رهندو هو. امير بخش خان جي ڪيل شاعريءَ مان صرف ٻه سِٽون ملي سگهيون. جيڪي هيٺ ڏجن ٿيون:

علم جا عالم گهڻا، پر عشق جو ڪو ڪو علام،

هوش جا حيلا ڇڏي، ڪر سوز وارن جو سلام!

امير بخش خان سخي مرد هئا ۽ وڏا مهمان نواز هئا. شهر جي جامع مسجد ۾ رات جو ترسيل مسافرن کي پنهنجي گهران ماني کڻي کارائيندا هئا، پوءِ پاڻ ماني کائي رات جو آرام ڪندا هئا.

امير بخش خان انتها درجي جا برد بار ۽ سچار هوندا هئا. زندگي ڀر سچائيءَ جي دامن جو ڪڏهن به ساٿ نه ڇڏيائون. ايتري قدر جو هڪ دفعي سندس پٽ عالم خان ڪنهن ڏوهه ۾ گرفتار ٿيو. جج امير بخش خان کي گهرايو. ان صدقِ دل سان صحيح گواهي ڏني. جج چيو به ايئن ته، ان سچي گواهيءَ جي ڪري تنهنجو پٽ عالم خان ڦاهيءَ تي چڙهي سگهي ٿو. امير بخش خان به اهو جواب ڏنو ته وڃي ڦاهيءَ تي چڙهي، مون کي منهنجي رب جي اڳيان جواب ڏيڻو آهي.

امير بخش تمام گهڻا پرهيز گار هوندا هئا. زندگيءَ جي آخرين ڏينهن ۾ بيماريءَ واري حالت ۾، الله جي ذڪر ۾ زياده مشغول هئا، بيماري واري حالت ۾ ئي رحلت ڪيائون.

محمد علي نظاماڻي

ماتليءَ شهر جي اوپر طرف مور مقام جو تاريخي ڳوٺ آهي. اهو مور اصل ۾ ذات جو ڏل هو. ان ڳوٺ جي اوپر ۾ ويجهو مليران نالي ڳوٺ هو. ان ڳوٺ جي اڪثريتي آبادي نظاماڻي ئي هئي. محمد علي ولد رحيم نظاماڻيءَ جو جنم، ڳوٺ مليران، ديهہ مور تعلقو ديرو محبت موجوده تعلقہ ماتليءَ ۾ ٿيو. سندس پيدائش جو سال 1902ع آهي. محمد علي اجا ننڍو هو تہ سندس والد وفات ڪري ويو. ان ڪري دنياوي تعليم نہ حاصل ڪري سگهيو. مذهبي تعليم يعني قرآن مجيد پڙهيو هو. ان وقت مڪتبن ۾ فارسي پڙهائي ويندي هئي، تنهن ڪري ٿوري فارسي بہ سکي ويو.



محمد علي ننڍي وهيءَ کان ئي صوم و صلواة جو پابند هو. حلال پورهيو ڪري پنهنجي گهر وارن، اولاد ۽ مائٽن جي چڱي خدمت ڪيائين. پنهنجي دؤر جو هڪ بهادر مڙس هو. ڏپ واري رڳ چٽڪ سندس سيني ۾ ئي داخل ڪانہ هئي. ان وقت جو مشهور ڏيچاريندڙ قادر بخش عرف قادو شيدي بہ محمد عليءَ کي ڏيچارڻ کان وڙن ويندو هو. سندس دليريءَ واريون ڳالهيون اڄ بہ ڪڏهن ڪڏهن ڪچهرين ۾ ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون.

جيئن تہ محمد علي هڪ بهترين سُگهڙ بہ هو تنهنڪري موقع مناسبت تحت ٽُڪ بندي واري شاعري بہ ڪندو هو. اُن وقت جي ماحول ۾ هلندڙ ڳالهين کي ٽُڪ بنديءَ واري شاعريءَ ۾ محفوظ ڪندو هو. ڪچهرين ۾ تاهيل بيت يا ٻول ٻُڌائيندو هو تہ واهہ واهہ ٿي ويندي هئي.

محمد علي وفات کان ٿورو اڳ، پنهنجي پٽ ۽ نياڻيءَ جا نالا ورتا هئا. چيائين تہ مون کي امان ۽ بابا سڏين پيا. پٽ ۽ نياڻي ٻنهي تي سندس ماءُ، پيءُ جا نالا رکيل هئا. انهن چيو تہ بابا اسين گڏ ويٺا آهيون. محمد علي چيو تہ اوهين نہ پر منهنجا حقيقي ماءُ پيءُ! ٿوري دير اکين مان لُڙڪ هاريائين، ڪلمون پڙهيائين، پوءِ ٿوري ئي وقت ۾ وفات ڪري ويو. سندس وفات جي تاريخ 1984_02_02_ع آهي.

حاجي خان نظاماڻي

حاجي خان ولد محمد علي نظاماڻيءَ جو جنم سنہ 1947ع ڌاري ڳوٺ اوطاق رئيس نور محمد خان نظاماڻيءَ، ديهہ ونجي، تعلقہ ماتليءَ ۾ ٿيو. حاجي خان 1962ع ۾ حيدرآباد مان ميٽرڪ جو پرائيويٽ امتحان ڏنو ۽ پاس ٿيو. ان کان پوءِ رئيس گل محمد نظاماڻيءَ جي ڪارخاني تي ڪيترائي سال منشي ٿي رهيو. اڄڪلهہ حاجي شفيع محمد نظاماڻيءَ وٽ منشي آهي.

حاجي خان ننڍي وهي کان ئي صوم و صلوات جو پابند آهي. منشيءَ جي حوالي سان زميندارن جي مختلف اوطاقن ۽ زمينن تي رهيو. ان ڪري سندس واسطو ڪيترن ئي ماڻهن سان پيو آهي. حاجي خان شاعريءَ جي شروعات بہ ٻهراڙيءَ واري ماحول ۾ ڪئي هئي. شاعريءَ ۾ پاڻيءَ جي وارن، هلت، بارن، زميندارن جي جُهلن جو ذڪر ڪيو اٿس. شاعريءَ ۾ غزل، ڪافيون ۽ بيت چيا اٿس، ان ڪانسواءِ لوڪ ادب ۾ موجود قصا بہ جوڙيا اٿس. شاعريءَ جو مجموعو ڪاپيءَ تي لکيو اٿس، راقم الحروف بہ حاجي خان کان هڪ ڪاپي لکرائي ورتي آهي، جيئن سندس ڪلام محفوظ رهي.

عبدالحميد نظاماڻي

عبدالحميد ولد عبدالهادي نظاماڻيءَ جو جنم، نظاماڻي محلہ ماتليءَ ۾ ٿيو. اسڪولي جنرل رجسٽر ۾ سنڌس پيدائش جي تاريخ 1942-08-01ع ڄاڻايل آهي. پرائمري تعليم جا پنج درجہ مين سنڌي اسڪول ۾ پڙهيو. ميٽرڪ جو امتحان 1960ع ڌاري گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ماتليءَ مان پاس ڪيائين. سنہ 1961ع ڌاري زرعي ٽريننگ ڪاليج سڪرنڊ مان هڪ سال جو زرعي ٽريننگ ڪورس ڪيائين. ان ڪانپوءِ زرعي کاتي ۾ اسسٽنٽ فيلڊ آفيسر مقرر ٿيو. جتان سنہ 1998ع ۾ رٽائر مينٽ ورتائين.

عبدالحميد جواني واري وهيءَ ۾ مجازي محبت ۾ گرفتار ٿيو. مجازيءَ جي مهميز ۽ محبوب جي ادائن ڪيس شاعريءَ واري گس جو پانڌيئڙو بنائي ڇڏيو. غزلن ۽ بيت جي لار جوڙي ڇڏيائين. ڇڙڪ شاعريءَ جو هڪڙو مجموعو تيار ٿي ويو. جنهن ۾ 20 غزلن ۽ 150 کان مٿي بيت نروار نظر اچن ٿا. غزلن ۽ بيتن ۾ مجازي عشق جي ڇپيٽ هر هنڌ نظر اچي ٿي. سنڌس شاعريءَ ۾ ڏک، درد ۽ ماڻان پڌري پٽ ظاهر ڏسڻ ۾ اچن ٿا. شاعريءَ ۾ تخلص "حميد" ڪم آندل اٿس. سنڌس شاعريءَ جو سڄو مجموعو راقم الحروف يعني مصنف پاڻ وٽ اُتاري رکيو آهي.

اعجاز احمد نظاماڻي

اعجاز احمد ولد مرحوم ولي محمد جاڙو خان نظاماڻيءَ جو جنم، ماتليءَ شهر جي نظاماڻي پاڙي ۾ ٿيو. اسڪولي جنرل رجسٽر مطابق سنڌس پيدائش جي تاريخ 08/05/1969ع آهي. پرائمري تعليم جا پنج درجہ گورنمينٽ پرائمري اسڪول نظاماڻي محلہ ۾ پڙهيو. انگريزيءَ جي تعليم ماتليءَ شهر جي گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مان حاصل ڪيائين. فرسٽ ايئر غزالي ڪاليج لطيف آباد حيدرآباد ۾ پڙهيو پر سياسي حالتن جي ناسازيءَ ڪري انٽر ۾ ڇڏي آيو. بعد ۾ انٽر ماتليءَ ڪاليج مان ڪيائين.

اعجاز احمد کي پڙهائيءَ دوران ئي شاعريءَ جو شوق هو. ڇهين درجي کان ئي شاعري ڪندو اچي ٿو. سنڌس شاعريءَ جا ٻول سادا مگر معنيٰ خيز ۽ اهميت جا حامل آهن. غزل، بيت ۽ ناصحانہ يعني نصيحت آميز ڪلام گهڻو چيو اٿس. جيئن تہ اعجاز احمد B.P. برٽش آئل ڪمپنيءَ ۾ ملازم آهي. تنهنڪري آئل ڪمپنيءَ بابت، سنڌس شاعري ڪيل آهي. جيڪا سيفٽي جي نموني شايع ٿيل آهي. اعجاز احمد سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ بہ شاعري ڪري ٿو. سنڌس ڪيل شاعري ڪيترن ئي نوٽ بُڪن جي زينت بڻيل آهي. جيڪي پاڻ وٽ محفوظ اٿس.

فقير علي ڏنو نظاماڻي

فقير علي ڏنو نظاماڻي ولد فقير غلام حيدر نظاماڻيءَ جو جنم 12/11/1965ع تي ڳوٺ فقير غلام حيدر نظاماڻي ۾ ٿيو. پرائمري تعليم جا پنج درجا، پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول مان پاس ڪيائون. ڇهون، ستون ۽ اٺون درجو گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻيءَ مان پاس ڪيائون. وڌيڪ تعليم هالا شهر جي اسڪول ۽ ڪاليج مان حاصل ڪيائون. B.Com شهدادپور مان ۽ M.A اڪنامڪس بہ هالا مان ڪيائون.



جيئن تہ سندن والد فقير غلام حيدر نظاماڻي، شاهہ لطيف جا راڳي هئا. ان ڪري فقير علي ڏنو نظاماڻيءَ کي گهر ۾ علمي ۽ ادبي ماحول ميسر ٿيو ان سبب ڪري ئي سندن توجهہ شاعري طرف ويئي ۽ شاعريءَ جي شروعات بہ ڪيائون. سندن بيت، ڪافيون، سنڌي 52 حرفيون بہ چيل اٿن. جيڪي خود فقير علي ڏنو نظاماڻيءَ وٽ محفوظ آهن. شاهہ لطيف سان دلي لڳاءَ جي ڪري قلمي رسالو بہ لکيو اٿن ۽ ان سان گڏوگڏ تاج محمد نظاماڻيءَ وارو قلمي نسخو بہ جستجو ڪري شايع ڪيو اٿن، جيڪا لطيف جي حوالي سان هڪ وڏي علمي ۽ ادبي خدمت آهي. شاهہ لطيف جي ڪيتر ۾ هڪ رسالي جو پڙهڻ اضافو ٿيو ۽ نئين تحقيقات جو موضوع کُليو.

جيئن تہ خانداني طرح سان حڪمت ڪرڻ سندن شيوو آهي، حڪمت جا عمدا عمدا نسخہ سندن خاندان ۾ هلندڙ آهن. فقير علي ڏنو خان نظاماڻي بہ حڪمت ڪري ٿو. ڪيترن ئي موذي مرض ۾ مبتلا انسانن جو علاج ڪيائين، اهي صحتياب ٿيا. سندن اوطاق تي حڪمت جو لطيفي دواخانہ جي نالي سان هڪ دڪان بہ آهي.

فقير علي ڏنو خان نظاماڻيءَ جي زندگي گهڻ پاسائين آهي. پاڻ وڏا سگهڙ بہ آهن. سندن اوطاق تي هر سال آل سنڌ سگهڙ ڪچهريون بہ ٿينديون آهن. سندن اوطاق تي هڪ وڏو مهمان خانو بہ هلندڙ آهي. مهمانن کي ماني ۽ هنڌ بسترو هڪيو حاضر ملندو آهي. آئي ويل جي خدمت ڪرڻ سندن شيوو آهي.

رئيس ڪريم بخش نظاماڻي

سنڌ سونهاريءَ جي سرزمين هميشه صالحن، عالمن، صوفين، درويشن، اديبن، شاعرن، علم دوست ۽ ثقافت دوست ماڻهن کي جنم ڏنو آهي. اهڙن ثقافت دوست ماڻهن مان "باباءِ ثقافت سنڌ" رئيس ڪريم بخش نظاماڻي به هڪ آهن. رئيس ڪريم بخش نظاماڻي به ضلعي بدين جي قديم وسندي ماتليءَ شهر جي نظاماڻي محلي ۾ جنم ورتو.



رئيس صاحب جي والد جو نالو غلام محمد نظاماڻي هو جيڪو انگريزن جي وقت ۾ صوبيدار به هو ۽ گڏوگڏ وڏو زميندار به هو. غلام محمد وقت جي ولي الله، درويش صفت انسان مولوي نظر محمد نظاماڻيءَ جو پاءُ هو. غلام محمد ٽي شاديون ڪيون هيون. پهريون ٻه پنهنجي خاندان مان ڪيائين. انهن مان اولاد ٿيس. مگر سي ٻالجتيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويا. ٽِينءَ شادي خانه بدوش خاندان مان ڪيائين. ان ئي گهر مان رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ جو جنم ٿيو. رئيس صاحب جي والده جو اصل نالو ڄام زادي هو. شاديءَ کان پوءِ ڪيس گهر ۾ راڻيءَ جي نالي سان سڏيو ويندو هو.

توڙي جو رئيس جي زندگي گهڻن رُخن تي مشتمل آهي، پر سندس زندگيءَ مڪمل طور صحيح نموني نروار نظر اچي ٿي، ان ڪري هت صرف رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ جي حياتيءَ جو مختصر احوال ڏجي ٿو:

1. تعليم

رئيس ڪريم بخش نظاماڻي پرائمري تعليم جا چار درجا، مين پرائمري سنڌي اسڪول ۾ پڙهيو. ان کان پوءِ سندس والد اسڪول مان ڪڍي، ڪيس ماتليءَ شهر ۾ مولوي نظر محمد نظاماڻيءَ جي قائم ڪيل مدرسي ۾ داخل ڪرايو. ان مدرسي جي قابل محترم استاد مولوي عطاءُ الله جي زيرِ نگراني، رئيس ڪريم بخش نظاماڻي مذهبي تعليم حاصل ڪئي. مدرسي ۾ "يڪ وايه" "دو وايه" ۽ "ٽه وايه" ڪريما، نامه حق، پند نامه، گلستان، بوستان، زليخان، سڪندرنامه پڙهي پورا ڪيائين. اهڙيءَ طرح ڄڻڪ فارسيءَ تعليم جي تڪميل ڪيائين. ان کان پوءِ عربيءَ جي تعليم پرائڻ طرف ڌيان ڏنائين. سندس والد، رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ کي اجا وڌيڪ انگريزي تعليم پرائڻ لاءِ چوٿين درجي جو سرٽيفڪيٽ وٺي، مخدوم عبدالمالڪ ۽ مخدوم عبدالواحد جي زيرِ نگرانيءَ، ڪراچيءَ روانو ڪيو. انهن مخدومن صاحبن جي ڪوشش سان، ڪيس آسانيءَ سان "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ داخلا ملي ويئي.

رئيس ڪريم بخش نظاماڻي مدرسي جي قابل ۽ محنتي استادن صاحبن جي زيرِ نگراني، چار درجا انگريزيءَ جا پڙهيو. پنجين درجي ۾ پهچڻ کان پوءِ رئيس ڪريم بخش نظاماڻي تعليم کي خير آباد ڪيو. حالانڪ رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ جي والد، غلام محمد نظاماڻي گهڻي ڪوشش ڪئي ته منهنجو پٽ پڙهي، مگر رئيس ڪريم بخش نظاماڻي اڳتي نه پڙهيو.

2. جُوا:

جيئن ته رئيس جي ناناڻي آکهه خانه بدوش هئي، تنهنڪري اهي ڪيترين ئي عادتن ۾ مبتلا هئا، اهي جُواري به هئا. جڏهن رئيس انهن ڏانهن ويندو هو ته جٽڪ انهن لاءِ شهزادو اچي ويو. انهن پهرئين رئيس کي پتي راند جي هير وڌي، انهيءَ ذريعي ئي رئيس کي جُوا جي عادت پئي؛ پوءِ اها عادت ذوق ۽ شوق ۾ بدلي.

3. شڪار:

جيئن ته رئيس جو والد زميندار هو، تنهنڪري ڊسمبر ۽ جنوريءَ ۾ ڪرن تي، مئي ۽ جُون ۾ ٻيرن جي باغ ۾ ڪکاوان گهر ٺاهي رهندو هو. ۽ باقي اٺ مهينا پنهنجي عيال سان، بنگلي ۾ رهندو هو. سياري جي موسم ۾ رئيس پنهنجي والد جي بندوق کڻي، ڳيرن ۽ ڊنين جي پکين جو شڪار ڪندو هو.

انهن ٻنهي عادتن متعلق رئيس ڪريم بخش نظاماڻي خود لکي ٿو ته: هاڻ منهنجي طبيعت ۾ به شوق پيدا ٿي چڪا هئا، هڪڙو جوا جو ۽ ٻيو شڪار جو.

4. راڳ رنگ جو شوق:

راڳ رنگ متعلق خود رئيس ڪريم بخش نظاماڻي لکي ٿو ته "هو ڏانهن منهنجي تعليم ختم ڪرڻ کان پوءِ طبيعت جي آوارگيءَ ۾ حسن پرستي، ڪائنات جي جستجو، شاعريءَ سان لڳاءُ، ادب سان دلبستگي ۽ راڳ رنگ سان وندر رهي."

رئيس جي راڳ رنگ جي محفلن کي مچائڻ ۾، "پنيي ملاح" جو وڏو هٿ هو، اهو وڏو ڄاڻو هو. رئيس آهستي آهستي ڍولڪ ۽ طبلو وڄائڻ سکيو. بلڪ پوءِ ان ۾ ماهر ٿيو. رئيس جي راڳ رنگ واري محفل ۾ ڪيترائي ماڻهو ايندا هئا، جيڪي محفل کي رونق بخشيندا هئا. آهستي آهستي اهي محفلون مچنديون ويون. روز به روز نون ماڻهن جي آمد ڪري وڌيڪ اضافو ٿيندو ويو. انهن محفلن جي ماڻهن جو دائرو شهر کان وڌي وڃي ٻين شهرن تائين پهتو. ٻين شهرن جا ماڻهو اچي انهي رنگ برنگي محفل کي مانائتو ڪندا هئا. انهن محفلن جو مور هميشه رئيس خود ئي هوندو هو. رئيس کان اڳ ماتليءَ جي انهن محفلن جو سهرو رئيس علي بخش خان نظاماڻيءَ، جاگيردار جي سر تي هو جنهن راڳ رنگ جهڙيون محفلون مچايون هيون. علي بخش خان نظاماڻيءَ جي محفل ۾ وقت جو مشهور گويو "ٻيبو خان" به ڳائيندو هو. رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ جي راڳ رنگ جي محفل ۾ هيٺيان ماڻهو صفِ اول ۾ شامل هئا:

1.پنهيو ملاح

2.رمڙيو مارواڙي

3.امام علي شيدي - پکواز - ڍولڪ نواز

4.هوشو شيدي - جذباتي ڳائڻو

5.رمضان لغاري | انتهائي جذباتي ڳائڻا - لاڙي فوڪ فنڪار

6.پيرو بخش نومڙيو | انتهائي جذباتي ڳائڻا - لاڙي فوڪ فنڪار

7.گلشن صوفي - فنڪار - ڪلاڪار - موسيقار - آواز باز.

جيئن تہ ورهاڱي کان اڳ هت ماتليءَ ۾ سکن جو محلو هو ان ڪري رئيس جي رنگ بہ رنگي محفل ۾ هيٺيان سِک ۽ هندو بہ شريڪ ٿيندا هئا:

1. سندر سنگهہ - سک
2. مڪل سنگهہ - سک
3. ميلاب سنگهہ - سک
4. رتو سنگهہ - سکن جو ڀائو
5. لالا سنگهہ - سک - سکن جو ڪلاسيڪل گويو.
6. پرمانند گوسوامي - هندو - هندن جو ڀائو - وڏو گويو
7. مُکي مِرچو مل - هندو.
8. مهاراج خانچند - واپاري - ٽنڊو محمد خان وارو.

رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ جي راڳ رنگ جي محفل ۾ هيٺيان مشهور فنڪار بہ شامل هوندا هئا:

1. قاسم علي شاهہ
2. عثمان ڪڇي
3. متو ڪڇي

5. ميلن جو شوق

سنڌي ثقافت جيٰ اهڃاڻن ۽ سڃاڻپ ۾ ميلا خاص اهميت رکن ٿا. انهن ميلن ۾ وڻج واپار عام جام هلي ٿو ان سان گڏوگڏ راڳ رنگ جون محفلون بہ مچن ٿيون. اسان جي سنڌ ۾ بہ وڏا ميلا شاهہ عبداللطيف ۽ قلندر شهباز جا ميلا لڳن ٿا. انهن کان سواءِ ننڍا ميلا بہ مچن ٿا. رئيس جي دؤر ۾ اسان جي لاڙ پٽ ۾ هيٺيان ميلا زور هئا:

1. ٻارنهن گُريو
2. ساجن سوائي - ڏندي جي ويجهو
3. شاهہ گريو - پيرو لاشاريءَ ويجهو
4. ڪاراهين - بدين.

انهن ميلن جي محفلن متعلق رئيس ڪريم بخش نظاماڻي خود لکي ٿو تہ، "اسين دوستن جا ٽولا ناهي- جنهن ۾ ثقافت ۽ ظرافت ڀريل هوندي هئي- انهن ميڙن ۾ ويندا هئاسين، جتي پنهنجو انوکو ۽ نرالو رنگ وجي ڄمائيندا هئاسين."

رئيس جي ڪوشش سان ماتليءَ ۾ "گل غيبي" جو ميلو شروع ٿيو. ان ڪانسواءِ رئيس جي ٻين ڪيترن ئي ميلن ۾ شرڪت ثابت آهي. سمن سرڪار جو تہ خصوصي طرح مداح هو. انهيءَ ميلي ۾ رئيس راڳ رنگ جون محفلون مچائيندو هو.

6. گهمڻ جو شوق

رئيس کي گهمڻ جو شوق اصل ۾ سندس پاڙي جي دوست پنهي ملاح ڏياريو هو. چاڪاڻ تہ پنهو ملاح ان زماني ۾ ساري هندوستان جو سير ڪري آيو هو. جيڪو وقت بہ وقت رئيس جي ڪچهرين ۾ سفرجون ۽ شهرن جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو. جنهن سان رئيس کي گهمڻ جو شوق جاڳيو. رئيس سنڌ، هنڌ، ڪشمير ۽ سارو هندوستان گهميو. گهڻو وقت بمبئيءَ ۾ رهيو.

7. حسن پرستيءَ جو شوقين

رئيس قدرت جي هر ڪرشمي جي تعريف ڪندو هو. حسن پرستيءَ جي هير رئيس جي سيني ۾ سمايل هئي. رئيس خود سهڻو، همت ڀريو ۽ جانٺو جوان هو. اردگرد جي بلڪ. ڀَري جي تِتلين تي هميشہ نظر هوندي هئس، بلڪ جيڪا وڻي ويس ٿي، تنهن کي پٽ راڻي بنايائين ٿي. سندس عشقيہ داستانن جا تصا، سندس لکيل ڪيئي ڪتاب ۾ موجود آهن.

8. فلمن جو شوق

رئيس صاحب راڳ رنگ جو شوقين هو، گهمڻ ڦرڻ جو دلداه هو. وري راڳ جي محفلن ۾ گلشن صوفيءَ جهڙو قابل ماڻهو مليس، تنهن وري رئيس کي فلمن ۾ آڻي ڪڍيو. رئيس صاحب 1928ع ڌاري بمبئي ويو. اتي فلمي دنيا ۾ قدم رکيائين. پهرئين ٿيئٽرن، پوءِ فلمن ۾ ڪم ڪيائين. تجربي جي بنياد تي اڳتي نڪري نروار ٿيو. دوستيءَ جو دائرو بہ وڌائيندو ويو. فلمي دنيا ۾ رئيس پهرين سنڌي فلم "ايڪتا" جوڙي، جيڪا رليز ٿي. ان کان پوءِ "فيصلا"، "مقدمہ" جوڙيائين، جيڪي رليز نہ ٿيون. سياسي حالتن خراب ٿيڻ جي صورت ۾ رئيس جو ڪنيل ڪم پايہءِ تڪميل تي رسي نہ سگهيو.

9. مطالعي جو شوق

رئيس جو جيئن تہ علم و ادب سان دلي لڳاءُ هو ان ڪري علم و ادب جي مڙني شاخن جا ڪتاب موجود ۽ ميسر هئس. مطالعي جو تہ اهڙو جنوني شوقين هو جو سندس لائبريريءَ ۾ ڍير سارا ڪتاب موجود هئا. جيڪو نئون ڪتاب مارڪيٽ ۾ نروار ٿيندو هو، سو سندس لائبريريءَ جي زينت بڻجي ويندو هو. رئيس کي اردو، فارسي، انگريزي زبانن تي دسترس حاصل هئي. ان کان سواءِ عربي، هندي، گُجراتي ۽ پنجابي زبانن جي ڄاڻ پڻ رکندو هو. مطلب تہ انهن ٻولين جا لکيل ڪتاب رئيس جي مطالعي هيٺ هوندا هئا. رئيس کي ڪافي علمن تي عبور حاصل هو.

10. خطن لکڻ جو ذوق

رئيس پنهنجي علائقي ۽ ارد گرد جي ماڻهن سان دوستيءَ جو ناتو رکيو. دوستيءَ واري ناتي جو دائرو سنڌ ليول کان مٿي هند تائين وڌايائين. سنڌ جي ان وقت جي مختلف خاندانن سان پڳ مٽ دوستي هئس، جهڙوڪ جي - ايم سيد - چام خاندان، مير خاندان، راشدي برادران وغيره. رئيس ڪريم بخش نظاماڻي پنهنجن دوستن جهڙوڪ جي ايم سيد، حسام الدين راشدي ۽ ٻين ڪيترن ناميارن دوستن کي خط لکيا هئا. اهي خط بهترين عبارتن ۽ نصيحت آميز نقطن تي مشتمل آهن، بلڪ جي ايم سيد ۽ رئيس جي لکيل خطن تي مشتمل ڪتاب بہ شايع ٿي چڪو آهي.

آخر ۾ رئيس پنهنجي گذري ويل زندگيءَ جي حالات تي مبني سوانح عمري، ”ڪيئي ڪتاب“ جي صورت ۾ قلم بند ڪئي. ”ڪيئي ڪتاب“ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ پڙهايو ويجي ٿو. جنهن مان ڪتاب جي افاديت جي خبر پوي ٿي. سندس لکيل ڪتاب تي ڪيترائي رايا اخبارن ۽ رسالن ۾ آيا هئا. انڊيا جي سنڌي سروس ريڊيئي وارن بہ ڪتاب تي تبصرا ڪيا هئا.

رئيس صاحب ”ڪيئي ڪتاب“ کانسواءِ هڪ ٻيو ڪتاب، علمِ موسيقيءَ تي پڻ ترتيب ڏيئي رهيو هو جيڪو سندس پوين وٽ قلمي صورت ۾ موجود آهي. رئيس ڪريم بخش نظاماڻي 1983_01_01ع تي وفات ڪئي. سندس آخري آرام گاهہ سندس قائم ڪيل ڪڇهريءَ واري ٿلهي تي موجود آهي.

حاجي شير محمد خان نظاماڻي

انسان جي افضليت ئي علم جي ڪري آهي. علم جي حاصلات لاءِ جن بہ جتن ڪيو انهن وڏيڪ رتبو ماڻيو. علم جي حاصلات ڪانپوءِ جن بہ ٻين انسانن جي رهبري ۽ رهنمائي لاءِ لکيو تہ ڄڻڪ سونَ تي سُهاڳو. اها لکت تاريخ هجي يا افسانو پراڻا قصا هجن يا ڪهاڻي، مطلب تہ لکت ئي انسان کي ٻين انسانن جي صف کان نروار ڪري بيهاريو ڇڏي. اهڙن ئي ليکڪن جي مالها مان هڪ موتي شير محمد خان نظاماڻي بہ هڪ آهن. شير محمد خان ولد نور محمد خان نظاماڻيءَ جو جنم ٽنڊو قيصر ۾ 1906ع ڌاري ٿيو. شير محمد شروع ۾ ڳوٺ جي بزرگ مولوي فيض محمد وٽ قرآن شريف پڙهيو. ان ڪانپوءِ ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيو. وڌيڪ تعليم ڳوٺ جي قاضي فتح محمد نظاماڻيءَ کان عربي ۽ فارسيءَ جو علم حاصل ڪيائون. اڳتي وڌيڪ فارسيءَ ۾ مهارت حاصل ڪيائون. مختلف زبانن تي دسترس حاصل ڪري، مطالعي واري ميدان ۾ آيا. ان ڪانپوءِ مضمون نويسي ۽ مقالي لکڻ طرف بہ توجهہ ڏنائون. سنڌن لکيل مضمون ۽ مقالا "الرحيم" رسالي جي زينت بڻيا. انهن مان ڪي تاريخي هئا، ڪي شخصيتن بابت بہ لکيل هئا. الرحيم رسالي ۾ لکيل چند مضمونن جا عنوان هيٺ ڏجن ٿا:

ڪاٻي پاسي کان 1. علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، 2. حاجي شير محمد خان نظاماڻي 3. پير حسام الدين راشدي، 4. غلام رباني آگرو

1. سردار قيصر خان نظاماڻي
2. قيصر فقير نظاماڻيءَ جي تيمور شاهہ واليءِ ڪابل سان ملاقات، تاريخ جو هڪ وسري ويل ورق
3. غلام علي خان نظاماڻي
4. خليفو محمود فقير نظاماڻي
5. پٺائي صاحب جي ناناڻي نُک
6. محمد اشرف مداح ٺٽوي

سنڌن هڪ مقالو رسالو "مهراڻ - 2" (1962ع) ۾ شايع ٿيو جنهن جو عنوان هو:

1. "ٽالپرن جي عهدِ حڪومت ۾ سنڌن آداب نويسي"

بشير احمد ولد نور احمد نظاماڻي ٽنڊو قيصر، کان مٿيون فوٽو مليو.

هڪ فارسي ڪتاب فتح نامہ جي تصحيح ڪيائون، جيڪو سيد عظيم ٺٽويءَ جو لکيل هو جنهن جو عڪس هيٺ ڏجي ٿو:

فتح نامه

عظيم الدين تتوى

بتصحيح و مقدمه

شير محمد نظامانى

سندى ادبى بورد

حيدرآباد

شير محمد ٺنڊو قيصر ۾ 'بزم شائق قيصري' نالي لائبريريءَ جو بنياد رکيو هو.

1. 'بزمِ شائق قيصري':

شير محمد ٺنڊو قيصر ۾ 'بزمِ شائق قيصري' جي نالي سان هڪ علمي و ادبي ۽ شاعريءَ وارو ادارو قائم ڪيائون، جنهن اداري ۾ شاعرن جا مشاعرا بہ ڪرائيندو هو. ان سان گڏوگڏ ٻاهران آيل شاعرن جي حوصلہ افزائي بہ ڪندو هو.

2. لائبريريءَ جو قيام:

شير محمد خان کي مطالعي جو تمام گهڻو شوق هوندو هو. عربي ۽ فارسيءَ سان وابستگيءَ ڪري، انهن ٻولين ۾ لکيل ڪتابن جا بہ مطالعہ ڪندا هئا. ڪتابن کي محفوظ رکڻ لاءِ لائبريريءَ جو بنياد رکيائون، جنهن ۾ ڪوڙ سارا ڪتاب جمع ڪيائون. سندن ذاتي لائبريريءَ مان ڪيترين مشهور شخصيتن استفادو حاصل ڪيو. جنهن جو ذڪر مختلف ليکڪن مختلف ڪتابن ۾ ڪيو آهي. سندن لائبريريءَ ۾ ايران جو مشهور شاعر بہ آيو هو جنهن سان پاڻ فارسيءَ ۾ ڪچهري ڪيائون.

علمي و ادبي حوالي سان سنڌ جي مختلف ليکڪن جهڙوڪ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، غلام رباني آگرو پير حسام الدين راشدي، غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ ٻين سان واسطو هئس. سياسي حوالي سان ملڪي ليول جي ماڻهن سان بہ واسطو هئس.

حاجي شير محمد خان نظاماڻي سال 1980ع ڌاري وفات ڪئي. سندن آخري آرام گاهہ شيخ وجيهہ الدين جي مقام ۾ آهي.

محمد عالم نظاماڻي

محمد عالم ولد علي محمد نظاماڻيءَ جو جنم تاريخ 1947_01_01ع تي نظاماڻي محلہ ماتليءَ ۾ ٿيو. نظاماڻي محلہ جي وڏي مسجد "جنت الفردوس" جي پيش امام، مولوي عبدالله ملاح وٽ قرآن مجيد پڙهيو. پرائمري تعليم جا پنج درجا گورنمينٽ پرائمري اسڪول نظاماڻي محلہ ۾ پڙهيو. اڳتي تعليم ڪن مجبورين جي ڪري جاري نہ رکي سگهيو وٽج واپار يعني گاهہ جي پڙي هلائڻ، پڪوڙا ۽ ڏوڻرو وڪڻڻ، ڪاٺيون ۽ ڪوئلا وڪڻڻ، هوٽل هلائڻ وارو ڌنڌو بہ ڪيائين. جيئن تہ سندس والد سنو درزي هو ان ڪري محمد عالم درزڪو ڌنڌو بہ سکيو. سندس دڪان تي ماتليءَ شهر جو مشهور شاعر محسن شاهہ ماتلوي بہ ايندو هو جنهن سان خوب ڪچهريون ٿينديون هئس. محمد عالم اڄ بہ محسن شاهہ جو ذڪر ڪچهرين ۾ ڪري ٿو ۽ محسن شاهہ جو درزين متعلق ٽُڪ بَند ٻُڌائيندو آهي تہ:

"درزي تہ قرضي، نہ تہ مرضي!"

يعني جي درزي هوندو تہ قرضي هوندو نہ تہ ڪنهن مرض، يعني بيماريءَ ۾ ورتل هوندو.

محمد عالم جي دل ۾ اچانڪ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق جاڳيو. پڙهائي ۽ وڌيڪ مطالعي طرف توجهہ ڏنائين، نائين ۽ ڏهين درجي جو امتحان پرائيويٽ نموني ۾ ڏنائين ۽ پاس ٿيو. وڌيڪ تعليم جي حاصلات لاءِ زرعي ڪاليج ٽنڊوڄام ۾ داخلا ورتائين. سياسي حوالي سان زرعي ڪاليج جي B.S.O (بلوچ اسٽوڊنٽ آرگنائيزيشن) پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري هو. ڪاليج جي هاسٽل ۾ سندس روم تي ڪچهريءَ واري محفل متل هوندي هئي. جوانيءَ ۾ ورزش طرف شوق بہ هئس. ڪاليج ۾ ٿيندڙ زور آزمائي، يعني باربيل کڻڻ ۾ نمبر کڻندو هو ۽ انعام بہ کٽيائين. ڪاليج ۾ پڙهائيءَ دوران هوشيار هو. ڪاليج جا استاد بہ سندس تعريف ڪندا هئا. ايتري قدر جو زرعي ڪاليج جي پرنسپال صاحب کيس ڪاليج ۾ ليڪچرار ٿيڻ لاءِ زور ڀريو مگر محمد عالم نہ مڃيو. ڪاليج ۾ پڙهائيءَ دوران سندس واسطو ٽنڊو قيصر ۽ ٽنڊي سومري جي نظاماڻين سان ٿيو. انهن سان خوب ڪچهريون ڪيائين، ڪچهرين ۾ وڏڙن نظاماڻين جا احوال ونندو وبو جيڪي زباني ياد ٿي ويس.

محمد عالم زرعي ڪاليج مان B.sc جي ڊگري حاصل ڪئي. ان کان پوءِ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي زرعي پروگرام ۾ زرعي آفيسر مقرر ٿيو. جتي سندس واسطو عالمن، اديبن، آفيسرن ۽ زميندارن سان ٿيو. ڪجھ سال اُتي سروس ڪيائين. جتان وري زرعي کاتي ۾ بدلي ڪرائي ماتليءَ ۾ زرعي آفيسر مقرر ٿيو. ڪجھ سال ماتليءَ ۾ رهڻ کان پوءِ سندس بدلي بدين ضلعي ۾ زرعي توسيع کاتي ۾ ٿي. جتان تازو D.O پوسٽ تان رٽائرمنٽ ورتي اٿن. پاڻ بهترين زرعي آفيسر ثابت ٿيا. زميندارن کي فصلن جي متعلق بهترين مشورا ڏيندا هئا. ايتري قدر جو هڪ زرعي ماهر جي حيثيت سان ڪيترا دفعا سندس آرڊر ٻاهرين ملڪن، جھڙوڪ آسٽريليا وغيره ٽريننگ لاءِ ٿيا، مگر حالات جي تقاضا مطابق نه ويو. سنڌ آبادگار بورڊ جي معرفت حڪومت پاڪستان طرفان ڪيس ماهرِ زراعت جو سرٽيفڪيٽ به مليل آهي.

محمد عالم کي شروع کان ئي لکڻ پڙهڻ جو شوق آهي. مطالعي جي آڌار تي لکڻ به شروع ڪيائين. قدرت کيس لکڻ جي به ڏات ڏني آهي، پهرئين زرعي آفيسر ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ رهڻ دوران، ڊائريون لکڻ شروع ڪيائين، پوءِ تقريرن طرف توجھ ڏنائين. زرعي کاتي طرفان شايع ٿيندڙ مئگزين ۾ ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکيائين. سنڌ آبادگار بورڊ طرفان شايع ٿيندڙ ”آبادگار رسالي“ ۾ سندس گھڻا ئي مضمون شايع ٿيل آهن.

محمد عالم سير سفر جو شوقين مڙس آهي، ٽر بَر ۽ جابلو علائقن جا ڪيترائي سفر ڪيا اٿس. خصوصاً پاڪستان جي اترئين علائقن جا سفر ڪيا اٿس. سفر جو جانئو جوان آهي. سيني ڪيل سفرن کي قلمي صورت ۾ بند ڪيو اٿس. سير سفر متعلق سندس لکيل ڪتاب، ”ڏاڍا ڏونگر ڏيھ جا“ جوٽيجہ پرنٽنگ پريس ماتليءَ مان نظاماڻي پبليڪيشن ماتليءَ طرفان سنہ 1984ع ۾ شايع ٿيو. ان ڪتاب جي پروف ريڊنگ بہ راقم الحروف ڪئي هئي. انهي ڪتاب جي مهورت گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول 1 جي ڊرائنگ هال ۾ ٿي هئي جنهن جي صدارت ان وقت جي صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبر MPA رئيس علي اڪبر خان نظاماڻي، ٿري واري ڪئي هئي. مهمانِ خاص ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب (ان وقت علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد جا وائيس چانسلر هئا) ۽ رئيس غلام علي خان نظاماڻي (نئين وارو) هئا. شهر جي ٻين معزز ماڻهن ۽ اخباري نمائندن بہ شرڪت ڪئي هئي.

محمد عالم ٽر جو سفر نامو لکيو آهي، جيڪو قلمي صورت ۾ پيل اٿس. ڪڇهريءَ جو ڪوڏيو مڙس آهي. هن وقت پاڙي ۾ ڦليليءَ جي ڪپ تي موجود، ٿلهن تي ڪڇهريون مچايو ويٺو هوندو آهي، ۽ سنڌ آبادگار بورڊ جو سنڌ ليول تي ميمبر بہ آهي.

زرعي پروگرام جي پروڊيوسر يا انچارج جي حيثيت سان P.B.C حيدرآباد تان آبادگارن جي رهنمائيءَ لاءِ هزارين تقريرون، فيچر، ڊاڪيومينٽري ۽ ٻيا پروگرام ڪيائين. ريڊيو تي زرعي پروگرام نئين سر ترتيب ڏنائين. هفتي وار زرعي ڊائري، سانگين جا سنيھا ۽ زرعي چاڻ پروگرام هن ئي ترتيب ڏيئي پيش ڪيا، جيڪي اڄ تائين هلن پيا. سڄي سنڌ جا ٽوئر ڪري، مثالي آبادگارن جا انٽرويو نشر ڪيائين. علائقي ۾ منعقد ڪيل سوين زرعي، تعليمي ۽ ادبي ڪتابن جي مهورت وارن ڪوٺايل سيمينارن ۾ مهمانِ خاص طور تقريرون ڪيائين.

امين ماتلوي



محمد امين ولد عالم خان جو جنم ماتلي شهر جي نظاماڻي محلي ۾ ٿيو. اسڪولي جنرل رجسٽر ۾ سندس پيدائش جي تاريخ 13/12/1933ع ڄاڻايل آهي. محمد امين پرائمري تعليم ماتلي شهر جي مئن سنڌي اسڪول مان حاصل ڪئي هئي. انگريزي تعليم پرائڻ لاءِ سندن والد کيس نور محمد هاءِ اسڪول ۾ 1946ع ۾ داخلا وٺرائي ڏني. رهائش لاءِ کيس مسلم هاسٽل ۾ ڪمرو ملي ويو. هاسٽل ۾ رهڻ لاءِ مطمئن نہ ٿيو تنهنڪري پنهنجي والد جي دوست سائين بچل شاهہ وٽ رهيو. اُتي رهندي سندس دوستي الهنواز عرف "ٽوني" ۽ لالا نور الدين سان ٿي وئي، جيڪي اڳيئي فلمي دنيا ۾ اچي چڪا هئا. ان ڪري محمد امين جو لاڙو فلمي دنيا ڏانهن وڌيو. پڙهائي طرف ڪو بہ رجحان نہ هئس، حالانڪ ان وقت نور محمد هاءِ اسڪول ۾ بهترين استاد جهڙوڪ مسٽر جيڪب، مسٽر آئير مدراسي ۽ غلام حسين بالاديءَ جهڙا بہ موجود هئا. محمد امين ڪجهہ عرصو حيدرآباد ۾ پڙهيو ليڪن بغير ڪنهن نتيجي جي پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي آيو. محمد امين کي ماتلي شهر جي بهترين استاد، حسن علي سومرو ورنيڪيولر فائينل جي تياري ڪرائي. محمد امين 1948ع ۾ ورنيڪيولر فائينل جو امتحان حيدرآباد ۾ ڏنو ۽ پاس ٿيو.

پرائمري استاد ٿيڻ لاءِ تعليم کاتي جي بالا آفيسر کي درخواست لکيائين. ان وقت تعليم کاتي جو بالا آفيسر رئيس الله بخش نظاماڻي ٽري وارو هو. تنهن کيس نوڪريءَ جو آرڊر ڏيندي اها هدايت ڪئي ۽ وچن ورتو تہ صحيح نوڪري ڪري سگهين تہ پڙهائيجانءِ، جي همت نہ سارين تہ استعفيٰ ڏيئي ڇڏجانءِ. محمد امين 1949ع کان 1954ع تائين مئن سنڌي اسڪول ۾ استاد ٿي رهيو. محمد امين جو شوق فلمي دنيا طرف وڌي ويو ۽ ٻيون ڪي مجبوريون ٿيس. ان ڪري ڪيل وچن مطابق نوڪري تان استعفيٰ ڏنائين.

محمد امين عرف امين ماتلوي علم و ادب جي حوالي سان ماتلي شهر جي مڃيل شخصيت آهن. سندس لکيل ڪيترائي مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. جهڙوڪ "هل پنهل ميلي تي" 1954ع ڏاري هالا واري فردوس رسالي ۾ شايع ٿيو هو. امين ماتلوي سنہ 1954ع ۾ "ديدار" نالي رسالو بہ ڪڍيو هو ان کانپوءِ سنہ 1955ع رئيس عرض محمد نظاماڻي، ڳوٺ ٽري واري "پروانو" رسالو جاري ڪيو. ان رسالي جو ايڊيٽر بہ امين ماتلوي هو. ان رسالي جا بہ ڪيترائي پرچا شايع ٿيا هئا.

صحافت جي حوالي سان سنہ 1948ع ۾ هفتہ وار اخبار عبرت، 1949ع ۾ الوحيد ۽ انهن کانسواءِ اخبار غازي، ڪاروان، هلالِ پاڪستان، انهن سڀني اخبارن جو ماتليءَ ۾ نمائندو هو. انهن اخبارن ۾ حالات جي تقاضا مطابق لکندو بہ رهيو. اخبار پڪار ۽ اخبار سنڌ نيوز جي نمائندگي بہ ڪيائين. اردو اخبار جهڙوڪ انجام ۽ مساوات ۾ ماتليءَ جي نمائندگي ڪيائين. سنہ 1960ع ۾ پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو آهي. 50 سالہ خدمت ڪرڻ ڪري پريس ڪلب جي ميمبرن اهو ٺهراءُ پاس ڪيو آهي، تہ امين ماتلوي تاحيات ميمبر رهندو ۽ ورڪنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر آهي.

امين ماتلويءَ کي اهو اعزاز آهي تہ "باباءِ ثقافت سنڌ" رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ جي مايہ ناز تصنيف "ڪيئي ڪتاب" جي لکڻ ۾ سنہ 1972ع کان 1982ع تائين هٿ ونڊايائين، جنهن جو ذڪر خود رئيس ڪريم بخش بہ ڪيو آهي. محمد امين هن وقت پنهنجي پٽ جي قائم ڪيل "الامين پبلڪ اسڪول" ۾ سرڪردگيءَ سان حصو وٺي رهيو آهي، ۽ وڏي عمر جي تقاضا ڪري شهر جي جامع مسجد، عمر فاروق ۾ نمازون ادا ڪن ٿا، ڇاڪاڻ تہ اها مسجد سندن گهر جي قريب آهي.

ڊاڪٽر علي نواز نظاماڻي

ڊاڪٽر علي نواز ولد اسماعيل خان جو جنم 1936ع ڌاري ٽنڊو قيصر ۾ ٿيو. هن ابتدائي پرائمري تعليم جا ٽي درجا ڳوٺ ۾ پڙهيا. انهن مان ٻه درجا اينگلو ورنيڪيولر اسڪول ٽنڊو قيصر ۾ پڙهيو. ان کانپوءِ تعليم جي حاصلات لاءِ حيدرآباد جي نور محمد هاءِ اسڪول ويا، جتان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائون.

ڊاڪٽر علي نواز نظاماڻي 1954ع ۽ 1955ع ڌاري هڪ سال لاءِ لوڪل بورڊ جي تحويل ۾ ورتل ٽنڊو قيصر جي اسڪول ۾ استادي پيشي سان وابسته رهيا. نوڪريءَ تان استعفيٰ ڏيئي بهاول پور يونيورسٽيءَ ۾ ميڊيڪل جي L.S.M.F ڪورس ڪرڻ لاءِ ويا. ان کانپوءِ ڊاڪٽري پيشي سان وابسته ٿيا. نوڪريءَ جي حوالي سان پهرئين سروس سانگهڙ ڊسٽرڪٽ جي اسپتال کڏڙو ۾ 1962ع کان 1965ع تائين رهيا. بعد ۾ نئون آباد ۾ ۽ ان کانپوءِ ميرپور خاص جي سول اسپتال ۾ ڏيڍ سال رهيا. پاڻ عمرڪوٽ ۾ به سروس ڪيائون. ان کان علاوه سائين جي ـ ايم سيد جي ڳوٺ سَن ضلع دادوءَ ۾ ساڍا چار سال رهيا. سَن ۾ سروس دوران جي ـ ايم سيد سان خوب ڪچهريون ڪيائون. شاهه جي بيتن تي رهاڻيون مچنديون هيون. ان کانپوءِ پاڻ ڊينگاڻ (ڪوٽ غلام محمد) ۾ به چار سال کان مٿي سروس ڪيائون.

آخر ۾ رٽائرڊ ٿي ٽنڊو قيصر ۾ ذاتي اسپتال به هلايائون. هن وقت پنهنجي ننڍي فرزند آفتاب سان گڏ حيدرآباد ۾ رهن ٿا.

شاهه لطيف جي بيتن سان وابستگيءَ جي باري ۾ ٻڌايائون ته منهنجو والد شاهه لطيف جا بيت چاڻندو هو. انهن وٽ ٻاج محمد نظاماڻيءَ جو لکيل قلمي نسخو موجود هو جيڪو هن وقت ڊاڪٽر علي نواز وٽ موجود آهي. وڌيڪ ٻڌايائون ته جڏهن آئون ٽئين يا چوٿين درجي ۾ پڙهندو هئس، انهن ڏينهن کان منهنجو شاهه لطيف جي ڪلام سان انس رهيو. نتيجي ۾ اڄ پاڻ شاهه جي ڪلام جا حافظ آهن ۽ شاهه جي ڪلام جا سنڌ ليول تي وڏا پارکو آهن. ٽنڊو قيصر ۾ سنڌي ادبي سنگت جي حوالي سان ان تنظيم جا بنيادي ميمبر رهيا ۽ پڻ "سليٽ" سان پڻ وابسته رهيا.

علي احمد نظاماڻي

علي احمد نظاماڻيءَ جو شمار ڳوٺ ٽنڊو قيصر جي چند صاحبِ ڪتاب شخصيتن ۾ شمار ٿئي ٿو. پاڻ ٽنڊو قيصر جي نهايت ئي علمي، ادبي ۽ سماجي گهراڻي جو چشم و چراغ آهي. سندس جنم پهرئين جنوري 1973ع تي ڳوٺ ٽنڊو قيصر ۾، رئيس نور احمد نظاماڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. سندس ڏاڏو حاجي شير محمد نظاماڻي ٽنڊو قيصر جي پهرئين علمي و ادبي شخصيت هو (جنهن جو ذڪر پڻ هن ڪتاب ۾ موجود آهي). جنهن ٽنڊو قيصر ۾ شعر و ادب جو چراغ روشن ڪيو.

علي احمد نظاماڻي ولد نور احمد نظاماڻي بنيادي تعليم ٽنڊو قيصر مان ئي حاصل ڪئي. سنڌ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪرڻ کانپوءِ پاڻ وڪالت جا مختلف امتحان نمايان حيثيت ۾ پاس ڪري وڪالت سان منسلڪ ٿيا. هن وقت پاڻ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد ۾ بطور وڪيل ڪم ڪري رهيا آهن. حيدرآباد ۾ پنهنجي پيشي جي لحاظ کان هڪ خوبصورت آفيس قائم ڪيل اٿن.

ادب سان لڳاءُ ڪين سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو قيصر جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪانپوءِ پيدا ٿيو. پاڻ سنگت ڪانپوءِ 'سليٽ' سان بہ وابستہ رهيا. حساس دل هئڻ سبب مختلف سياسي ۽ سماجي موضوعن تي، مختلف اخبارن ۾ ڪالم لکڻ جي شروعات ڪيائون. جيڪو سلسلو ڪافي عرصو هليو. ڪراچيءَ ۾ رهڻ دوران اخباري دنيا جي بہ ڄاڻ حاصل ڪيائون. ڪراچيءَ ۾ رهڻ دوران ئي مختلف سنڌي اخبارن ۾ بطور سب ايڊيٽر ۽ KTN جي نيوز روم ۾ اسڪرپٽ رائيٽر طور ڪم پڻ سرانجام ڏنائون. ڊسمبر 2003ع ۾ 'سليٽ' اشاعتي شعبي، دانشگاهہ منصوريہ آشرم پاران سندس ڪالمن جو مجموعو "سوچن جي صليب" ڇپجي پڌرو ٿيو ۽ خوب پذيرائي ماڻيس. سندس انسان دوستيءَ جي ڄاڻ ان مان بہ پئي ٿي تہ پاڻ پنهنجي ڪتاب جي ارپنا، پنهنجي ڪنهن عزيز يا دوست بجاءِ، "مظلوم سنڌ جي مظلوم ماڻهن" جي نانءِ ڪئي اٿائون. ان کان علاوه پاڻ ڳوٺ ۾ واحد سجاڳ ذهن آهن، جو ڳوٺ جي سماجي مسئلن سان دلي لڳاءُ رکن ٿا ۽ پڻ عملي طور ڳوٺ جي بنيادي صحت صفائيءَ جي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ وقت بہ وقت ڪارائتا قدم کڻي، ڳوٺ جي ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ مصروف آهن.

مير محمد نظاماڻي

ڪِن انسانن جي فطرت ۾ رحم جو مادو وڌيڪ سمايل هوندو آهي. جهالت تي رحم ڪائڻ به هڪ نيڪ انسان جي نشاني آهي. جهالت کي دُور ڪرڻ لاءِ هڙئون وڙئون ڪوشش ڪن ٿا. جيئن انسان علم جي زيور سان آراسته ٿين اهڙي سُني سوچ رکندڙن مان مير محمد نظاماڻي به هڪ آهن.



کاٻي طرف کان 1. ڪمپائونڊر 2. مراد علي خان نظاماڻي 3. ڊاڪٽر 4. مير محمد نظاماڻي 5. غلام شاهه نظاماڻي 6. حاجي تاج محمد نظاماڻي

مير محمد ولد غلام شاهه نظاماڻيءَ جو جنم ماتلي شهر ۾ ٿيو. زباني روايتن جي آڌار تي سنڌن پيدائش جو سنه 1875ع معلوم ٿئي ٿو. مير محمد مذهبي تعليم ماتلي شهر جي نظاماڻي محلي جي مڪتب مان حاصل ڪئي هئي. پرائمري تعليم فائنل تائين حاصل ڪيائون. ٽپيداريءَ جو ڪورس ڪري ٽپيدار مقرر ٿيا. ترقي ڪندا وياءِ آخر ۾ سپروائيزر به ٿيا.

انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ ماتلي شهر ٽائون جي سينيٽري ڪاميٽيءَ جا چيئرمين به ٿيا. تعليم جي حوالي سان گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ماتلي قائم ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائون.

اُن متعلق محمد امين نظاماڻي تخلص امين ماتلوي پنهنجي هڪ مقالي عنوان ’منهنجو محسن منهنجو بزرگ‘ ۾ لکي ٿو ته:

”رئيس الله بخش نظاماڻي هڪ ڏينهن پنهنجي ڳوٺ ٽريءَ ڏانهن وينديءَ مونکي اسڪول مان سڏائي چيائين ته بابلا! هاڻي اوهان جي امتحان جو وقت اچي ويو آهي. دل ۾ سوچيم اهو ڪهڙي امتحان جو وقت اچي ويو آهي؟ چيائين ته بابلا! آئون ماتليءَ جي لاءِ هاءِ اسڪول منظور ڪري رهيو آهيان. پر ان لاءِ اوهان ڪوشش ڪري پلاٽ هٿ ڪري ڏيو چاڪاڻ ته شهر جي آسپاس اوهان نظاماڻين جون زمينون آهن. مون

ڪيس عرض ڪيو تہ سائين! اوهان هتي پرائمري اسڪول ۾ اهڙي ميٽنگ گهرايو جنهن ۾ شهر جي معززن، بزرگن ۽ شهرين کي گهرائي کين انهيءَ نيڪ مقصد ۾ شريڪ ڪريو انشاءَ الله ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿينداسين. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ سال 1951ع ۾ حيدرآباد جي ڪليڪٽر آغا عبدالنبيءَ جي مدد سان ماتلي ايجوڪيشن سوسائٽي قائم ٿي. ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ پاڻ نظاماڻي برادريءَ سان گڏوگڏ معزز شهرين، زميندارن، واپارين ۽ ڪارخانيدارن کي دعوت ڏيئي ميٽنگ ڪيائون. جنهن ۾ نظاماڻي برادريءَ جي معززن ڪانسواءِ ان وقت ڪاٽن فيڪٽريءَ جي مالڪن سريوال برادري ۽ ٻين واپارين بہ شرڪت ڪئي. جتي پاڻ تقرير ڪري تعليم لاءِ قرآن ۽ حديث جا حوالا ڏيندي چيائين: تہ منهنجي اها دلي خواهش آهي تہ منهنجي ماتلي شهر کي هاءِ اسڪول ڏيان. تہ جيئن ماتلي شهر ۽ آسپاس جي ٻهراڙين جا شاگرد تعليم سان مالا مال ٿي سنڌ ۽ پاڪستان جو نالو روشن ڪن. انهيءَ وقت مرحوم رئيس مير محمد نظاماڻي، جيڪو منهنجو ويجهو عزيز هو جنهن کي مون ۽ ماستر محمد عالم نظاماڻي بار بار پلاٽ ڏيڻ جي منٿ ميڙ ڪئي هئي. تنهن اُتي ئي اعلان ڪيو تہ مون انهيءَ نيڪ مقصد لاءِ حيدرآباد روڊ سان لڳ 10 ايڪڙ جي قريب زرعي زمين، هاءِ اسڪول جي تعمير لاءِ اوهان جي حوالي ڪئي؛ ۽ ان سان گڏ 10 هزار روپيہ نقد پڻ اوهان کي پيش ڪريان ٿو. مون ڏٺو تہ رئيس الله بخش نظاماڻيءَ جي چهري تي خوشيءَ جي اهڙي چمڪ نظر آئي، جنهن کي بيان ڪرڻ انتهائي مشڪل آهي. ان موقعي تي رئيس حاجي نجم الدين خان سريوال ان شرط تي هڪ لک روپيہ ڏيڻ جي پيشڪش ڪئي تہ اهو هاءِ اسڪول سندس نالي سان منسوب ڪيو وڃي. جنهن تي رئيس مير محمد نظاماڻي اتي ئي چيو تہ آئون انهي ڳالهہ سان قطعي متفق ناهيان. تہ ڪنهن جي نالي سان هاءِ اسڪول کي منسوب ڪيو وڃي. بلڪ ان کي گورنمينٽ هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو وڃي. باقي انهيءَ جو اجورو ۽ انعام الله تعاليٰ آخرت ۾ ڏيندو. اهڙيءَ طرح سان اها ميٽنگ ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿي.

ان ڪانپوءِ رئيس صاحب سنڌ جو ڊي. پي. آءِ ٿي ڪراچي بدلي ٿي ويو ۽ ڪليڪٽر آغا صاحب بہ بدلي ٿي ويو. ملڪ ۾ ون يونٽ وارو نظام نافذ ٿيو. رئيس ڪوشش ڪري ون يونٽ حڪومت کان ست لک روپيہ منظور ڪرايا. اسڪول ۽ هاسٽلن جون اعليٰ عمارتون ٺهرايائين. جنهن مان ڪيترائي شاگرد فيضياب ٿي چُڪا آهن ۽ فيضياب ٿي رهيا آهن."

تعليم جي حواليٰ سان ڊپٽي الله بخش نظاماڻي، مير محمد نظاماڻيءَ بابت لکي ٿو تہ:

"سال 1951ع ۾ ان وقت جي حيدرآباد جي ڪليڪٽر صاحب آغا عبدالنبيءَ جي مدد سان ماتليءَ ۾ ايجوڪيشن سوسائٽي قائم ٿي. مرحوم حاجي مير محمد خان نظاماڻي ماتليءَ واري 15/14 ايڪڙ زمين جا شهر سان لاڳو هئي، اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جي عمارتن ٺهرائڻ لاءِ مفت ڏني، جا هينئر لکن جي ملڪيت هجي ها. ان سان گڏ 15/16 هزار روپيہ هن خير جي ڪم ۾ ڏنا."

مير محمد نظاماڻي 6 جنوري 1954ع تي وفات ڪئي. سندن تربت خليفن جي مقام ۾ آهي. اِهو مقام مسجد جنت الفردوس سان گڏ آهي.

حاجي عبدالحڪيم نظاماڻي

حاجي عبدالحڪيم ولد غلام علي نظاماڻيءَ جو جنم ويهين صديءَ جي اوائل ۾ ٽنڊو قيصر ۾ ٿيو. بنيادي پرائمري تعليم جا صرف ٻه درجا پڙهيل هو. ننڍي هوندي کان نيازءِ نئڙت سندن وجود ۾ سمايل هئي. ان جي آثار تي ئي سندن زندگيءَ جو سفر بهترين انداز ۾ گذريو. شروع ۾ ئي هڪ واڻيٽي سان گڏجي الهداد خان جي زمين مقاطع تي کنيائون. 1947ع ۾ واڻيئن جي لڏپلاڻ ٿي. ان ڪانپوءِ هُن اڪيلي سر مقاطعو سنڀاليو ۽ ان سان گڏوگڏ ڦٽيءَ ڪٽڪ جو ڪاروبار پڻ شروع ڪيو. هُن "محنت ۾ عظمت" واري اصول تحت پنهنجي معاشي ۽ مالي حالت کي بهتر بنايو. آئي ويل کي ماني کارائڻ سندن شيوو هو. پاڻ دڪان به تعمير ڪرايا هئائون. مسواڙ وٺڻ مهل چوندو هو ته: "بابلا! فقير آيو آهي، فقير کي ڏي" ڪڏهن به "مسواڙ" وارو لفظ استعمال ڪري طلب نه ڪيائون.

سماجي خدمتن ۾ تعليم جي حوالي سان انگريزي اسڪول لاءِ جاءِ مهيا ڪيائون. پنهنجي کيسي مان بلڊنگ سنه 1954ع ۾ تيار ڪرايائون. اسڪول جي بلڊنگ ۾ پهريون اپرندو پاسو ۽ بعد ۾ اولهندو حصو تعمير ڪرايائون عمارت ۾ ڪاٺ (ديال) جو استعمال ڪيو ويو ۽ بيلجئم جا گارڊر ۽ ٽيئر به بهترين استعمال ڪيا ويا هئا.

استادن جي رهائش لاءِ ڪمرا پڻ تعمير ڪرايا هئس. جيڪي ڪوارٽر ڪري سڏبا هئا. هتي رهندڙ استادن ۾ سائين اسرار آرائين (نصرپور)، يار محمد خاصخيلي (ٽنڊو باگو)، عربي ٽيچر محمد عمر سومرو (جنهاڻ سومرو)، عبدالله ڦل (مورو)، طاهر حسين (سعيد آباد وارو) شامل هئا. سندن تعمير ڪرايل اسڪول مان فيض وٺندڙ ڳوٺن ۾ پيرنڊو شريف، بهاول زئنور، راول ڀهوڙ، پيڙ، بخشو لغاري، جهڻ موري، پرڳڙي، پٽورا، حسين خان نوڙهو، چڪي ۽ ارباب جي ڳوٺ جي شاگردن به علم پرايو. ان ڪانسواءِ پري پري کان ڪيترائي شاگرد به علم پرائڻ ايندا هئا.

حاجي عبدالحڪيم 22 جون 1979ع تي وفات ڪئي. پاڻ شيخ وجيهه الدين جي مقام ۾ مدفون آهن.

امام بخش خان نظاماڻي

امام بخش نظاماڻي ولد غلام محمد نظاماڻيءَ جو جنم 1908ع ۾ ڳوٺ نئين نظاماڻي، نزد تلهار ۾ ٿيو. پرائمري تعليم ورنيڪيولر اسڪول جيانڻ مان پرايائون. انگريزي تعليم لارينس مدرسه واسڪول ٽنڊوباگو مان حاصل ڪيائون. اڃا وڌيڪ تعليم پرائي رهيا هئا ته سندس والد وفات ڪري ويو. اُن ڪري تعليم اڌ ۾ ڇڏي پنهنجي آبائي ڪرت زميندارڪم ڪار ۾ لڳي ويا. امام بخش نظاماڻيءَ جي شخصيت گهڻ پاسائين آهي، جنهن جو ذڪر هيٺ ڳجي ٿو:

1. مهمان نوازي

سندن مهمان نوازي لاڙ ۾ مشهور هئي. هر وقت سندن اوطاق مهمانن سان سرشار هوندي هئي. آئي ويل جي خدمت ڪرڻ سندن جيءَ ۾ شامل هو هر ڪنهن سان نيازءِ نوڙت سان پيش ايندا هئا.

2. شاعرءِ سُگهڙ

امام بخش جي رهاڻ واري اوطاق تي شاعر، سُگهڙءِ سياڻا ويهي رهاڻيون ڪندا هئا؛ جهڙوڪ بچو فقير ڪوڙ شاعرءِ نڙ بيت جو وينجهار، سانوڻ فقير خاصخيلي، نڙ بيت جو مشهور شاعر محمد خان ٽالپر شاعر، محسن شاهه ماتلوي شاعر، لڪاڏنو قمبراڻي راڄو خاناڻيءَ وارو مشهور سگهڙ.

3. ڳائڻ وڄائڻ:

امام بخش جي اوطاق تي ڳائڻ وڄائڻ به ٿيندو هو جن ۾ ڏول فقير، فقير يار محمد، حسين بخش، مصري فقيرءِ جيوڻي ٻائي خاص هئا. اُنهن کي دل کولي انعام به ڏيندو هو.

4. شڪاريات

امام بخش شڪار جو بيحد شوقين هو. پکين، سُوئرن، هرڻن ۽ تلُورن جو شڪار ڪندا هئا. ڪافي جڳهين شڪار تي ويندا هئا. جهڙوڪ مڪڙا، شيخاڻي گهاڙي، پٽيجي، رهمڪي بازار، چاڙ بيٽ وغيره. اُن ڪانسواءِ ٻين هنڌن تي بہ ويندا هئا. سندن شڪاري ٻاري وارو حلقهءِ احباب تمام وڏو هو. اُن ۾ وقت جا مشهور ماڻهو شامل هئا.

5. مڇين پالڻ جو شوق

امام بخش کي مڇي پالڻ جو شوق هوندو هو. نئين ڍنڍ ۾ ڪافي قسم جون مڇيون پاليون هئائين. لاڙ ۾ جيڪو پهريون فش فارم آهي سو اِهو هو. جيڪو ڇٽڪ مڇين پالڻ جو پهريون ”فش فارم“ هو.

6. ميوزيم ۽ عجائب گهر

امام بخش کي ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ، اُنهن کي سانڍي سنڀالي رکڻ جو جنون واري حد تائين شوق هو. ڪيترائي ڪتاب خريد ڪيائين، ۽ ذاتي لئبرري قائم ڪيائين. گهڻا ئي قلمي ڪتاب ۽ ڪيترائي قلمي نسخا هٿ ڪيائين. شاعرن جا ڪتاب قلمي صورت ۾ محسن شاهہ ماتليءَ واري کان لکرايائين.

سندن عجائب گهر ۾ هٿيارن ۾ بندوق، ريفلون، مختلف هٿيار ۽ سوئرن کي مارڻ جي ڏڦن جا مختلف نمونا موجود هوندا هئا. مختلف قسمن جا سِڪا، جدا جدا دؤرن جا رکيل هوندا هئا. ڪنڊ جو هر قسم، هر ڪنهن شيشي ۾ ڏار ڏار پيل هوندو هو. جيڪي بہ اُن وقت لاڙ پَٽ ۾ سگريٽ پيتا ويندا هئا، اُنهن جا بہ نمونا پيل هوندا هئا.

7. ڳوٺ وارن تي عنايت

ڳوٺ وارن تي پاڻ هٿ رکندا هئا. 27 رمضان تي ڳوٺ جي غريبن کي گهرائي، هر هڪ کي وڳو ڏيندا هئا. عيد تي وري خرچيون بہ ڏيندا هئا، بيمارن وٽ عيادت ڪرڻ بہ ويندا هئا، پاڻ بهترين حڪيم بہ هئا.

8. وفات

پڇاڙيءَ ۾ ذيابيطس جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا ٿي ويا. سندن وڇوڙي جو سبب اها بيماري ٿي. 13 آگسٽ 1981ع تي، صبح جو 4 بجي ڏاري راجپوتانہ اسپتال حيدرآباد ۾ وصال ڪري ويا.

منظور حسين نظاماڻي

سچ لھڻ جي قريب ھو. بيت الله جي سامھون ويٺل ھڪ شخص ھيءَ دُعا گھري رھيو ھو تہ، "يا الله! پھرئين پاٽي ڏجئين، جيئن ھني آباد ٿئي. روز سھانگو ٿئي، پوءِ اولاد ٿئي. سندن قسمت بھتر ڪجانءِ!" اھو سال 1954ع جو واقعو آھي. ھو شخص جيڪا دُعا گھري رھيو ھو اھا بعد ۾ قبول ٿي. اھو شخص حاجي شاھہ محمد خان نظاماڻي تنڊي قيصر وارو ھو. پاٽي بہ ٿيو ھني بہ آباد ٿي ۽ اولاد بہ موليٰ جي نالي منظور ٿيو. پنھنجي پٽ جو نالو خير محمد خان رکيو جيڪو منظور حسين جي نالي سڃاتو وڃي ٿو.



منظور حسين ولد حاجي شاھہ محمد نظاماڻيءَ جو جنم 1956ع ڌاري تنڊو قيصر نظاماڻيءَ ۾ ٿيو. پرائمري تعليم ۽ سيڪنڊري تعليم تنڊو قيصر جي اسڪولن مان حاصل ڪيائين.

منظور حسين مُدي خارج رسمن کان نفرت ڪندڙ ذھن رکي ٿو. سائنس جي سوجھري تي يقين رکنديءَ اقراءَ جي حڪم جي پيروي ڪندي نياڻين جي اسڪول لاءِ پلاٽ ڏونيٽ ڪيو.

سندن والد حاجي شاھہ محمد جون بہ گھر واريون ھيون، ڀنھي جا نالا آمنہ ھئا. تنڊو قيصر ۾ نياڻين جي تعليم جي لاءِ اسڪول جو پلاٽ ڏنائين. اسڪول جو پلاٽ آمنہ جي نالي ڏنائين، ڀنھي مائرن جا نالا گڏ اچي ويا، سندن دل کي بہ تسلي ٿئي ٿي. اھو ڪم وڏي ھمت ۽ تعريف جوڳو آھي.



قاضي فاروق احمد نظاماڻي

سنڌن جنم 15 نومبر 1966ع تي ڳوٺ ٽنڊو قيصر نظاماڻي ضلع حيدرآباد ۾ ٿيو. پرائمري تعليم ٽنڊو قيصر جي اسڪول مان حاصل ڪيائين. سيڪنڊري تعليم ڇهين درجي کان وٺي نائين درجي تائين ٽنڊو قيصر جي هاءِ اسڪول مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ ۽ انٽر جي تعليم هالا نوان جي اسڪول ۽ ڪاليج مان حاصل ڪيائون. وڌيڪ علم جي حصول لاءِ سنڌ يونيورسٽي ويا، جتي سنڌي داخلا مئٽس سبجيڪٽ ۾ ٿي. ٿورو عرصو پڙهيائون ليڪن مالي مشڪلاتن جي ڪري يونيورسٽيءَ کي الوداع ڪيائون ۽ پرائيويٽ نموني سان B.A ڪيائون. ان کانپوءِ پاڻ سرڪاري نوڪريءَ ۾ بطور پرائمري استاد مقرر ٿيا. جتان پرائيويٽ امتحان ڏيندا ترقي ڪندا وڃي H.S.T ٿيا. پاڻ هن وقت H.S.T ٽنڊو قيصر جي هاءِ اسڪول ۾ آهن.

قدرت جو به عجيب ڪرشمو آهي، ڪن انسانن کي ڪن انسانن جو بچاءُ ۽ ٻين انسانن جي خدمت جي صلي لاءِ بنايو ويو آهي، اُهي عمر جي ٿوري عرصي ۾ ئي اعليٰ ڪم ڪري وٺندا آهن جو ٻين لاءِ شاباس جا مستحق ٿي ويندا آهن. اهو ڪم چاهي علمي، مذهبي، سماجي هجي، توڙي ڪنهن به پهلوءَ سان واسطو رکندڙ هجي.

هن نوجوان همت جو سندرو ٻڌي پنهنجي ڏاڏي جي ڀاءُ کان، قاضي فتح الرسول جو لکيل قلمي شجرو ڏسڻ لاءِ هٿ ڪيو ۽ صرف ٽن ڏينهن ۾ پنهنجي رجسٽر تي اُتاري ورتو. ٽن ڏينهن کانپوءِ واپس ڪيائين. هاڻ ته قاضي فتح الرسول واري لکيل شجري جو ڪو به اتو پتو نه ٿو پوي. قاضي فاروق احمد انهن مانجهي مردن مان هڪ آهن. پاڻ جاننا جوان، قد جا ڪڙا، شڪل شبيهه ۾ خوبصورت يعني مُنهن مهانڊي ۾ ملوڪ آهن.

فقير غلام حيدر نظاماڻي

فقير غلام حيدر نظاماڻي ولد محمد خان نظاماڻيءَ جو جنم، 1933ع ڌاري ڳوٺ حيات خان نظاماڻيءَ ۾ ٿيو. ابتدائي مذهبي تعليم يعني قرآن، پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيا. پرائمري تعليم جي ابتدا نارواري اسڪول ڪان شروع ڪيائون. پرائمري اسڪول اجن شاهه مان ڪجهه پرائمري درجا پڙهيائون. ننڍي وهيءَ کان ئي فقير غلام حيدر صوم و صلواة جو پابند هو. جيڪو زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين به ادا ڪندا رهيا. ايتري قدر جو جمعي جي نماز به پاڻ پڙهائيندا هئا. وفات واري آخري ڏينهن يعني جمعي جي ڏينهن به جمعو پڙهائي اچي اوطاق تي وينا. ڪچهري ۾ شاهه جا بيت پڙهندي ئي دم ڏني حوالي ڪيائون. اها تاريخ 29 مارچ سال 2003ع هو. پاڻ



درگاهه شاهه لطيف جي احاطي جي اندر حُجري ۾ مدفون آهن.

پاڻ شاهه جي رسالي جا حافظ هئا. ان متعلق روايتون ملن ٿيون ته جڏهن فقير غلام حيدر نظاماڻي 12 سالن جا هئا ته سندن والد محمد خان جو دوست سيد روشن علي شاهه، فقير تاج محمد نظاماڻي ويٺل ڳوٺ باقر خان نظاماڻي، جيڪو هالا - شهدادپور روڊ تي آهي، جو لکيل شاهه جو رسالو کڻي آيا. سيد روشن علي شاهه ۽ محمد خان ٻئي ڄڻا فقير غلام حيدر کي چوندا هئا، ته اسان کي رسالي مان ڪجهه پڙهي ٻڌاءِ! اهو

سلسلو ڪجهه وقت تائين جاري رهيو. هڪ دفعي سيد روشن علي شاهه آيو ۽ چيائين تہ رسالو ڏي، آئون ڪٽي وڃان. وڏيڪ چيائين پلا ڪجهه پڙهيو اٿئي يا نہ... فقير غلام حيدر نظاماڻي پنج سُر بر زبان ياد ٻُڌايا. سيد روشن علي شاهه چيو تہ ابا حق تنهنجو آهي. تون پاڻ وٽ حفاظت سان اهو رسالو رکجان. ان ڪانپوءِ فقير غلام حيدر پٽ شاهه تي شاهه جو ڪلام چوندو هو. شاهه جو راڳي ٿي ويو ۽ سڄو رسالو ياد ڪري ڇڏيائين.

جڏهن بہ شاهه جو ڪلام پڙهندا هئا تہ روئي ڏيندا هئا. بيتن جون سمجهاڻيون ڪچهرين ۾ سڻائيندا هئا. سندن دلي خواهش هئي تہ فقير تاج محمد نظاماڻيءَ وارو قلمي رسالو ڪتابي صورت ۾ شايع ٿئي. سندن اها خواهش پوري ٿي. ليڪن اُن کان اڳ پاڻ وفات ڪري ويا هئا. اهو رسالو سندن پٽ علي ڏني خان جي رهنمائيءَ سان شايع ڪيو ويو. فقير غلام حيدر بهترين حڪيم بہ هئا تہ نياز ۽ نوڙت وارا ۽ ڪل مُک انسان بہ هئا. فقير غلام حيدر نظاماڻي هر اربع جي رات پنهنجي ڳوٺ واري اوطاق تي راڳ جي شروعات ڪئي. جنهن ۾ شاهه جو راڳ چيو ويندو هو. اُن ۾ پري پري کان ماڻهو ڪهي ايندا هئا. راڳ جا سندن ساٿي فقير خان محمد نظاماڻي، سانوڻ فقير جلالاڻي، الهڏنو فقير جلالاڻي هئا. اُهو راڳ جو سلسلو تقريباً 15 سال رهيو. انهي محفل ۾ شريڪ ماڻهن کي فقير غلام حيدر نظاماڻي پاڻ ماني کارائيندو هو ۽ بسترن جو بہ بندوبست ڪندا هئا. مهمانن جي ٽهل ٽڪور بہ ڪندا هئا. شاهه جي ڪلام سان وابستگي جي ڪري سيد غلام رسول شاهه، فقير غلام حيدر وٽ آيو ۽ ڪيس چيائين تہ توهان پٽ تي يعني درگاهه تي اچي ڪلام پيش ڪريو. اوهان جي لاءِ خميس جي رات مقرر ڪجي ٿي. زندگيءَ جي آخري خميس جي رات بہ درگاهه تي ڪلام پيش ڪيائون. سڄي زندگيءَ ۾ خميس واري رات درگاهه تان غير حاضريءَ جو اشارو نہ ٿو ملي. خميس واري رات سڄي رات ڪلام پيش ڪندا هئا. ڪڏهن بہ وچ ۾ نہ اُٿندا هئا.

فقير غلام حيدر نظاماڻي هر خميس جي رات شاهه جي درگاهه تي شاهه جو ڪلام پڙهندا هئا. سندن فوتگيءَ ڪانپوءِ هن وقت بہ خميس جي رات تي شاهه جو ڪلام سندن فرزند شير محمد خان نظاماڻي عرف حاجن نظاماڻي پيش ڪري ٿو.

هر جمعي جي رات پنهنجي ڳوٺ واري اوطاق تي سُگهڙن جي ڪچهريءَ جو بہ اهتمام ڪندا هئا. جنهن ۾ سڄي سنڌ جي مختلف علائقن مان سُگهڙ اچي شرڪت ڪندا هئا. اُنهيءَ ڪچهريءَ ۾ بيت، نڙ بيت، ڏور، ڳجهارت ۽ ٻيا انيڪ موضوع بيان ڪيا ويندا هئا. اهو سلسلو جيڪو شروع ڪيائون، اُهو اڄ ڏينهن تائين بہ جاري آهي. هن وقت هِن ساري پروگرام جو سرواڻ سندن فرزند علي ڏنو خان نظاماڻيءَ سندس خاص ٻانهن ٻيلي فقير علي ڏني جو پاءُ شير محمد عرف حاجن نظاماڻي آهي.

ٽنڊو بهادر نظاماڻي

اڪثر ڪري ڳوٺ راڄو نظاماڻيءَ جي ڪچهرين ۾ اهو موضوع زيرِ بحث رهندو آهي، ته راڄي نظاماڻيءَ جي ڳوٺ کان ڪجهه فاصلي تي ديهه پٽ پري يونين ڪائونسل سيري تعلقه حيدرآباد ۾ جيڪو مبارڪ جي نالي سان مُقام آهي، ان باري ۾ ٻه رايا آهن.

1. ڪِن جو اهو چوڻ آهي ته اهو مبارڪ ذات جو شاهه آهي. ان جو پهريون دليل اهو ڏين ٿا ته پرپاسي جا ماڻهو انهيءَ ڪي مبارڪ شاهه جي نالي سان سڏين ٿا.
2. ٻيو دليل اهو ٿا ڏين ته تازو ويجهڙائيءَ واري عرصي ۾ ميرپور خاص جي شاهن اچڻ شروع ڪيو آهي. هر سال قبر تي پڙ چاڙهين ٿا. انهن شاهن جو چوڻ آهي، ته اهو مبارڪ شاهه اسان جو مائٽ آهي. ان جي نالي ئي مُقام جي لاڳوات ايڪڙ زمين به آهي.

هڪ دفعي ماما گل محمد نظاماڻي (مرحوم) وينل ڳوٺ راڄو نظاماڻي واري ڪچهريءَ ۾ ٻڌايو ته:

"70 واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ واري دؤر ۾ قاضي فتح الرسول نظاماڻي وينل ٽنڊو قيصر نظاماڻيءَ وارو هتي آيو. قاضي فتح الرسول نظاماڻي سنڌي علم و ادب ءِ تاريخ جو وڏو ڄاڻو هو. تنهن انهي تاريخي کنڊرات واري جاءِ جو ڪيترين ئي نظاماڻين سان گڏجي ڏسي جائزو ورتو هو. قاضي فتح الرسول ٻه رايا ڏنا هئا:

1. قلمي شجري جي حساب سان نظاماڻين جي قديم وسندي ٽنڊو بهادر نظاماڻي هي ئي آهي.
2. مسجد جي ديوار تي فارسي زبان ۾ ڪجهه خطاطي ٿيل هئي، جيڪا قاضي فتح الرسول پڙهي، اُن جو مطلب ٻڌايو ته فارسي شاعر جو نالو 'خليفو محمود فقير نظاماڻي ڪڙئي گهنور' وارو آهي. ڄاڪاڻ ته خليفه محمود نظاماڻي پنهنجي ملفوظات ۾ اهو به ڄاڻايو آهي ته هڪ دفعي آئون پير

محمد راشد روضي ڏٺيءَ، بهادر خان جي ٽنڊي ۾ آيا هئاسون."

انهيءَ حوالي سان آئون به انهي تاريخي کنڊرات کي ڏسڻ لاءِ ڳوٺ راڄو نظاماڻي ويس. پهچنديئي
شرط چئن موٽر سائيڪلن جو انتظام ڪيو ويو ۽ اٺن ڄڻن جو قافلو تيار ٿيو.

هڪ موٽر سائيڪل تي 1. عبدالجبار 'قاسم نظاماڻي'، 2. عبدالوحيد ولد محمد صديق نظاماڻي
ٻئي موٽر سائيڪل تي 1. عبدالقيوم ولد محمد صديق نظاماڻي، 2. زيد احمد ولد خير محمد نظاماڻي
ٽئين موٽر سائيڪل تي 1. علي احمد ولد غلام حسين نظاماڻي، 2. مطيع الرحمن ولد گل محمد نظاماڻي
چوٿين موٽر سائيڪل تي 1. نياز احمد ولد علي بخش نظاماڻي، 2. فهد احمد ولد مختيار احمد نظاماڻي

پوري 11 وڳي ڏينهن جو، عبدالوحيد جي اوطاق تان روانا ٿياسون. راڄي نظاماڻيءَ جي ڳوٺ مان ٿيندا ٿي درياءَ جو پيٽ وٺي جمالين جي ڳوٺ ڪان ٿيندا، منزل طرف پئي وياسون. هڪ هنڌ رستي تي جمالين جي ڳوٺ جي ويجهو همراهه ڏڳي گاڏيءَ برسيم گاهه جي پريو بيٺا هئا. سلام ورايائون، سلامن بعد چيائون "رئيس! خير ته آهي. ڪيڏانهن ٿا وڃو؟" عبدالوحيد جواب ڏنو ته، "مڙئي خير آهي. مبارڪ شاهه جو مُقام ڏسڻ وڃون ٿا." يڪدم چيائون ته "هي پيچرو وٺيو وڃو سامهون ديوين جي جهڳٽي ۾ مبارڪ شاهه جو مقام آهي." چند منٽ موٽر سائيڪلن جي هلڻ ڪانپوءِ انهي دڙي وٽ رُڪياسون. ڦٽل درياءَ جو ڍورو نظر آيو. ڍوري ۾ مينهون چري رهيون هيون. ڍوري ۾ لهي ڪري ڌراڙن ڪان معلوم ڪيوسون ته مبارڪ شاهه جي مقام تي وڃڻ جو گس يعني پيچرو ڪٿان آهي؟ هڪ ڌراڙ اسان جو رهبر ٿيو جنهن ڍوري جو پاسو وٺرائي، اسان کي پيچري تان وٺي ديوين جي جهڳٽن ڪان ٿيندو سڌو مُقام تي وٺي هليو. مقام دڙي جي چوٽيءَ مٿي ڍوري جي ڪنڌ تي هو.

اُتي پهچي ڏٺوسين ته مُقام جو ڪو منظر ئي نظر نه آيو. هڪ قديم مسجد نظر آئي، جيڪا زبون حاليءَ جي طرف وڃي رهي هئي. مسجد جو ڪمرو ۽ ورانڊو نظر آيا. ڪمري جي ڊيگهه 25 فوٽ ۽ ويڪر 12 فوٽ ڪان مٿي هئي. ديوارون سنهين سِرن جون جڙيل هيون. ديوارن جي ويڪر 2 فوٽ ڪان مٿي هئي. مسجد ۾ ٽي دروازا هئا. دروازن جي مٿان ونگ وارو نمونو هو. مسجد جي ڇت قبي نما، ٽن قبن تي مشتمل هئي. دالان واري ڇت ڪِريل هئي. اڳيان ٽي وڏا ٿنڀ يعني پِلر هئا. پِلرن مٿان ونگون وريل ڏسڻ ۾ آيون. مسجد جي ڏاکڻي ڪنڌ تي ورانڊي جي اندرئين پاسي هڪ قبر ڏسڻ ۾ آئي، جنهن تي تازو ليپو ڏنل هو.

مسجد جي ڪمري جي وچ ۾ به قبر ٺهيل هئي، جيڪا ايتري قديم نٿي لڳي. مسجد جي ارد گرد واري ايريا ڏٺي سون. مسجد جي اوپر طرف بلڪل ڪنهن ڦٽل ڳوٺ جا آثار ڏسڻ ۾ آيا. ڪجهه ٺڪراٺا به نظر آيا. هڪ هنڌ هڪ قديم آمريءَ جو وڻ نظر آيو. اُن متعلق ماما گل محمد ٻڌايو ته: "اِهو آمري جو وڻ شاهه

علي خان نظاماڻي (مباركاڻي) جي گهر جي اڳڻ تي بيٺل هوندو هو."

مون كي مطالعي دوران پير محمد راشد جي ملفوظات پڙهندي هن ٽنڊي جو ذكر كيترن ئي هنڌن تي آيل نظر آيو. پهريون نقل هيٺ ڏجي ٿو:

نقل 21، جلد ٻيو ص 96 تي آيل آهي:

خليفو ميان لقمان نقل كري ٿو ته:

"هك ڏينهن حضرت پير سائين قدس سره جن ٽنڊي بهادر خان نظاماڻيءَ ۾ تشريف فرما ٿيا هئا. اتي خدا بخش نظاماڻيءَ جو ننڍڙو پٽ فضل محمد نظاماڻي اچي پاڻ كريمن جي گوڏن مباركن تي ويهي رهيو. پيءُ اُن كي منع كئي ۽ چيائين ته ادب كر! سائين كريمن فرمايو ته عشق ۾ كو به ادب نه آهي."

ٻيو نقل 69، ص 82. فتح محمد فقير نظاماڻي نقل كري ٿو ته:

"هك پيري حضرت پير سائين قدس سره جن ٽنڊو بهادر فقير نظاماڻيءَ جي مسجد شريف ۾ مغرب كانپوءِ ذكر پورو كري، سورة ياسين تلاوت فرمائي پئي ته اوچتو محراب مان هك نانگ نكتو جيكو پاڻ كريمن جي رانن مباركن تان لنگهي مقتدين جي صف ۾ آيو. ان كي ڏسڻ سان هر هك جي زبان تي "بلا! بلا!" جو آواز اچي ويو. كيترائي ماڻهو اُٿي ويا، جن ۾ گل فقير مست به هو. پر پاڻ جيئن سورة ياسين پڙهي رهيا هئا، تيئن مصروف رهيا. احمد خان فقير نظاماڻي نانگ جي مٿان كپڙو وجهي نانگ ماريو. پوءِ پاڻ كريمن گل فقير مست كي فرمايو ته توحيد جي دعوي ته كرين ٿو، مگر ان تي محكم نه ٿو رهين، چو ته توحيد ۾ غير ته آهي ئي كونه."

ان كانسواءِ ٻيا به كيترائي نقل ٽنڊي بهادر نظاماڻيءَ جي باري ۾ ملن ٿا. هن ٽنڊي ۾ نظاماڻين كانسواءِ ٻين ذاتين وارا ماڻهو به رهندا هئا، جن جو ذكر به ملفوظات ۾ آيل آهي.

هن وقت انهي ڦٽل ٽنڊي بهادر كي مبارك شاهه جو قبرستان چيو وڃي ٿو. مبارك شاهه جي قبر بلكل قديم مسجد جي كمري جي وچ ۾ آهي. خبر ناهي كهڙي بنياد جي آڌار تي مبارك شاهه جي قبر مسجد جي وچ ۾ ناهي وئي. اهو ته سراسر مذهبي ۽ اخلاقي جرم آهي، جو كنهن به قديم مذهبي عبادت واري جاءِ سان هٿ چراند كئي وڃي. خود مبارك شاهه جي مدفن وارو زمانو گهڻو پري جو ناهي، بلك انهيءَ جا شاهد شايد زنده هجن.

ٽنڊو قيصر

هيءُ ٽنڊو قيصر خان نظاماڻي ۽ ان جي پاءُ عالودي خان ولد محمد خان عرف ڳاڙهو خان نظاماڻيءَ جو ٻڌايل آهي. ٽنڊو قيصر حيدرآباد شهر کان 10 ميلن جي فاصلي تي اوپر طرف آهي. پاٽيءَ جي حوالي سان ٽنڊو قيصر جي واههَ مائينر. کوهن ۽ کوهين جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

1. **نُور واهه:** قدرتي قات ڦليليءَ مان هڪ ڪوٽيل واهه. نُور واهه نڪرندو هو. جيڪو مياڻيءَ واري ميدان جي پرسان. ڦليليءَ مان نڪري ٽنڊو فضل تائين وهندو هو. جنهن جي ڊيگهه تقريباً 13 ميل هئي. ٽنڊو قيصر به نُور واهه جي ڳپ تي واقع آهي. نُور واهه. بئراج نڪرڻ کانپوءِ وهڻ بند ٿي ويو. نُور واهه تي هُرلا يا نار به موجود هوندا هئا. هُرلا يا نار اُنن ۽ ڍاندن جي ذريعي هلايا ويندا هئا. نارن جي ذريعي پاڻي ڪڍي زمينون آباد ڪيون وينديون هيون. اُن ڪانسواءِ انب به پوکيا ويندا هئا.
2. **قيصر مائينر:** روهڙي ڪينال مان نڪرندڙ گهوٽاڻو ڊسٽريءَ مان قيصر مائينر ۽ بلوري ڪڍيون ويون. جيڪي ٽنڊو قيصر ۽ پرپاسي جي زمينن کي آباد ڪن ٿيون.





ٽنڊو قيصر ۾ کوهه ۽ کوهيون به هيون. جن مان ڪي اڄ ڏينهن تائين به موجود آهن.

1. **ڪارو کوهه:** هيءُ کوهه عالودي خان. قيصر خان ۽ ان جي پاءُ جوڙايو هو. جيڪو اڄ ڏينهن تائين موجود آهي.
2. **مٺو کوهه:** قيصر خان جي پُٽ غلام علي خان اول جي پوٽي غلام علي خان کوٽرايو هو هن کوهه تي نار به لڳل آهي.
3. **مرزي وارو کوهه:** هيءُ کوهه مرزي خان کوٽرايو هو. جيڪو هن وقت لَتجي چڪو آهي ۽ اُن جي مٿان دُڪان اڏيل آهن.
4. **خيري وارو کوهه:** هيءُ کوهه خيري خان کوٽرايو هو جيڪو ڳوٺ کان ٻاهران هو.
5. **ٻڙ وارو کوهه:** هيءُ کوهه احمد خان اول جوڙايو هو. هن وقت اُتي اسٽاپ واري ڪڌ آهي.
6. **مِٺي کوهي:** هي کوهيءَ حاجي بهادر خان کوٽرائي هئي. جيڪا هن وقت هاڻ لَتجي چُڪي آهي. اُهو پلاٽ هن وقت مرحوم نظير احمد جو آهي.
7. **بڪراڻين واري کوهي:** هيءُ کوهي بڪراڻين ئي کوٽرائي هئي.

زماني جي لاهن چاڙهن سبب گهڻي ڀاڱي کوهه ۽ کوهيون مِٽجي چڪيون آهن باقي ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ بچيل آهن!

جڏهن قيصر خان نظاماڻي هيءُ ڳوٺ آباد ڪيو هو تڏهن مذهبي حوالي سان مسجدون بہ جوڙايون هيون. اُن کانسواءِ اُن جي ٻين پوٽنرن بہ مسجدون ٺهرايون هيون، جن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

1. **ڪاري ڪوهہ واري مسجد:** هيءُ مسجد شروعات ۾ قيصر خان ۽ اُن جي ڀاءُ عالُودي خان جوڙائي هئي. اُن کانپوءِ احمد خان (اول) نئين سر ٺهرائي. تنهن بعد 1955ع ڌاري حاجي عبدالحڪيم پڪي ڇت گاڊرن ۽ ٽيئرن سان ٻڌائي هئي. 2001ع ۾ مسجد شهيد ڪرائي ويئي جيڪا حاجي احمد خان ۽ ڏاڏي غلام حسين جوڙائي ۽ ٻين سيني سرنديءَ وارن مسجد کي نئين طرز تي تعمير ڪرايو. ۽ مسجد جي پرسان ڏکڻ طرف جنازه نماز پڙهڻ جي لاءِ جاءِ جنازه وارو پلاٽ پنهنجي ملڪيت مان ڏنو هو جيڪو اڄ ڏينهن تائين بہ انهي مقصد لاءِ وقف ڪيل آهي.



2. **بازار واري جامع مسجد:** هيءُ مسجد بہ قيصر خان جوڙائي هئي، بعد ۾ اُن جي پوٽنرن وري نئين سري تعمير ڪرائي.



3. **فيروز واري مسجد:** هيءُ مسجد قيصر خان جي ڀاءُ عالُودي خان جي نسل مان فيروز فقير جوڙائي هئي. جيڪو پير محمد راشد عرف روضي ڌڻيءَ جو خليفو هو جنهن جو ذڪر پير محمد راشد جي ملفوظات ۾ آيل آهي. هن مسجد جي ڪمري واري وچئين دروازي جي مٿان حاجي شير محمد خان نظاماڻيءَ جو فارسيءَ ۾ شعر لکيل آهي، جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ فيروز خان جي پوٽنرن مان حاجي عبدالحڪيم ۽ حاجي عبدالڪريم هيءُ مسجد سنہ 1956ع ۾ نئين نموني سان جوڙائي.



4. **بڪراڻين واري مسجد:** هيءُ مسجد بڪر خان جي پوٽنرن ٺهرائي، اُن ڪري هن جو نالو ئي بڪراڻين واري مسجد پئجي ويو.

5. **پراڻي مسجد:** هيءُ مسجد ابراهيم شاهہ واري جي نالي سان ابراهيم شاهہ واري مسجد سڏجي ٿي، جيڪا اصل ۾ وڏن نظاماڻين ٺهرائي. بعد ۾ پيهر احمد خان نظاماڻي تعمير ڪرائي. ٽيون دفعو حاجي غلام محمد جوڙائي. موجوده چوٿون دفعو گل محمد ڪوري تعمير ڪرائي، اُن کي مختلف ماڻهن مدد ۾ پئسا ڏنا هئا.

6. مدينہ مسجد: هيءَ مسجد سنہ 1947ع ڪانپوءِ مهاجرن طرفان جُڙي راس ٿي، اُن ڪري هن مسجد کي ”مهاجرن واري مسجد“ سڏيندا آهن. جيڪا شروع ۾ ڪچي هئي، بعد ۾ نظاماڻين گڏجي پڪ سري جوڙائي.

اشتهار

Collector

تعليم جي حوالي سان پهريون ورنيڪيولر پرائمري اسڪول 1888ع ۾ انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ کوليو ويو. اُن جي عمارت بعد ۾ جوڙي وئي. تعليم جي حوالي سان مليل هڪ خط، جيڪو 1888ع جو لکيل آهي، اُن جو عڪس هو بهو سامهون ڏجي ٿو:

هتي مڊل اسڪول بہ قائم ڪيو ويو. مڊل اسڪول کي 1954ع ۾ اپ گريڊ ڪري هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو. هاءِ اسڪول مان پهرين بيئچ 1961ع ۾ نڪتي.

مدرسہ:

ڪاري ڪوهہ واري مسجد جي پرسان مدرسو هو جنهن ۾ قاضي سيف الله پڙهائيندو هو.

ٽنڊو قيصر انبن ۽ ٻيرن جي حوالي سان بہ سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي. ٽنڊو قيصر ۾ سڀ کان پهرين انب، غلام محمد ولد عالُودي خان لڳايو هو. غلام محمد انبن جي پاڻيءَ جي واسطي ڪوهہ کوٽرايو هو جيڪو اڄ بہ موجود آهي اُن ڪانپوءِ اُن جي ڀاءُ خير محمد عرف خيرو خان، ولد عالُودي خان لڳايو هو. انگريز سرڪار انبن واري زمين جي ڏل خيرو خان کان نہ وٺندي هئي.



چيئرمين حاجي يار محمد نظاماڻي

شروع ۾ کوهن مان چرخي ذريعي پاڻي ڪڍي انب پوکيا ويا، ڪي وري کنواڻيون ڀري انبن کي پاڻي ڏيندا هئا. پر جڏهن بئراج نڪتو تہ انبن جي وڻن ۾ اضافو ٿيو. ٽنڊو قيصر ۾ انبن جا وڏا واپاري آهن. انب ۽ ٻير بہ انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ هتي لڳايا ويا. جيڪي گڏيل هندوستان مان آندا ويا هئا.

سياسي حوالي سان صدر ايوب جي دؤر ۾ B_D واري اليڪشن ۾ حاجي يار محمد چيئرمين ٿيو.

انتظامي حوالي سان انگريزن پهرين ٽنڊو قيصر ۾ ديرو يعني ٿاڻو قائم ڪيو جيڪو هاڻ اريگيشن بنگلي (PWD) ۾ شفٽ ڪيو ويو آهي.

ٽنڊو قيصر ۾ سنڌي ادبي سنگت جي شاخ 1988ع ۾ کُلي، جيڪا آسي زميني ۽ نواز نظاماڻيءَ جي معرفت کُلي. جنهن جو پهريون سيڪريٽري آسي زميني هو.

ٽنڊو قيصر ۾ هن وقت ڪيترين ئي ذاتين وارا ماڻهو رهن ٿا. جهڙوڪ ٽيٻا، ڪوري، ڪنير، سيد، شيدي، شيخ، خاصخيلي، مڱڻهار، مغل، دايا ۽ نظاماڻي وغيره. ٽنڊو قيصر ۾ اڪثريت نظاماڻي ذات وارن فردن جي آهي جيڪي هني هاري، وڻج واپار ۽ وڏن سرڪاري عهدن سبب سکيا، ستابا ۽ جاڪوڙي ماڻهو آهن.

ٽنڊو فيض محمد نظاماڻي

مراد فقير نظاماڻي، جنهن جو اولاد مراداڻي نظاماڻي سڏجي ٿو اُن جي هڪ پُٽ جو نالو گل محمد خان هو. گل محمد خان کي هڪ پٽ فيض محمد جي نالي سان ٻہ هو. گل محمد وارن جي رهائش ناگي شاهہ جي قريب هئي. فيض محمد جڏهن ناگي شاهہ مان لڏي اچي ماتليءَ ۾ سڪونت اختيار ڪئي، تڏهن پنهنجي ئي نالي سان ٽنڊو فيض محمد ٻڌائين. فيض محمد جي نالي سان واهہ بہ کوٽايائين. اهو فيض واهہ ماتلي شهر جي پراڻي پل جي پرسان گونيءَ مان نڪرندو هو جيڪو ملهڻ تائين ويندو هو. ٽنڊي فيض محمد ۾ موجوده جامع مسجد ۽ شهر وارو نظاماڻي محلو اچي وڃي ٿو.

ڳوٺ احمد خان نظاماڻي

ڳوٺ احمد خان نظاماڻيءَ جا قديم آثار ديهہ ڏوماڻي تپہ ماتلي تعلقہ ماتليءَ ۾ موجود آهن. هيءُ ڳوٺ موجوده ماتلي شهر جي اوپر طرف ٿوري فاصلي تي آهي. هن ڳوٺ کي مليران جي نالي سان بہ سڏيو وڃي ٿو. ملير جي معنيٰ ئي آهي ساوڪ ڀري سرزمين. انهي نسبت سان واقعي ئي هيءُ ڳوٺ سرسبز ۽ ساواڻ جي وچ ۾ هو. هيءُ ڳوٺ قديم وسندي مور مقام جي ويجهو آهي. هيءُ ڳوٺ گونيءَ جي پرسان آباد هو هن وقت بہ چار ايڪڙ کان ڪجهہ وڌيڪ ايراضيءَ تي ڳوٺ جو ٻڌ ڀيل آهي. ڳوٺ جي قديم مسجد جا بنياد ظاهر ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪا احمد خان نظاماڻي جوڙائي هئي. هن ڳوٺ جي ڦٽي وڃڻ ڪانپوءِ نظاماڻي ماتليءَ ۾ لڏي آيا. احمد خان نظاماڻيءَ جو اولاد بہ ماتليءَ ۾ رهي ٿو.

ڳوٺ خليفہ مراد علي نظاماڻي

هيءُ ڳوٺ خليفہ ميان مراد علي نظاماڻي ٻڌو هو. خليفہ مراد علي نظاماڻي پير محمد ياسين جاءِ ڏٺيءَ جو مريد هو اُن جو ئي خليفو ٿيو. اُن کانپوءِ خليفي جي نالي سان سڏجڻ لڳو. اڄ بہ سندن وڏي پٽ خليفہ دوست محمد جي اولاد کي خليفہ جي تخلص سان سڏيو وڃي ٿو. هيءُ ڳوٺ موجوده ماتلي شهر جي ڀرئين پاسي رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ واري محلي جي پرسان آباد هو. خليفہ مراد علي پنهنجي وقت ۾ مسجد بہ جوڙائي هئي، جيڪا بعد ۾ "جنن واري مسجد" جي نالي سان مشهور آهي. چاڪاڻ تہ خليفہ مراد علي نظاماڻيءَ جا جنات مان بہ جن نالي لونگ فقير ۽ ڦوٽو فقير مريد رهيا آهن. اها مسجد هن وقت نئين سر تعمير ڪئي وئي آهي. تعمير ڪندڙن ۾ ڪلهوڙا ذات جي ماڻهن جو وڏو حصو آهي.

ڳوٺ باقر خان نظاماڻي

باقر خان نظاماڻي ولد قيصر خان نظاماڻي پنهنجي نالي سان ڳوٺ باقر خان نظاماڻي ٻڌو جيڪو هن وقت ديهه جوڻيجاڻي، تپه ڪُنب داڻو يو سي ڪُنب داڻو تعلقه ٽنڊو آدم ضلع سانگهڙ ۾ آهي. اهو ڳوٺ قديم وهنڊڙ آوت واهه جي پرسان هو جيڪو واهه هن وقت پڌي جي صورت ۾ آهي، ۽ ڪنهن ڪنهن جاءِ تان ان جا آثار ڏسڻ ۾ اچن ٿا. باقر ڳوٺ، هالا ۽ شهدادپور روڊ تي واقع آهي. هن قديم ڳوٺ ۾ مختلف بازارون به هيون، انهن مان هڪ سونارا بازار به هئي، جنهن ۾ سونَ جو واپار ٿيندو هو. سونَ واري ڪاروبار تي واڻيا واپاري ڇانيل هئا. هن ڳوٺ ۾ گهوڙن جا ٽَل به ٿهندا هئا. ان سان گڏوگڏ سنڌي جُتيون به ٺهنديون هيون، جيڪي ٻئي شيون هتان جون مشهور هيون. هن وقت به ڳوٺ ۾ ڪوڏرون، ڏانٽا ۽ ٻيو سامان به ٺهي ٿو. قديمي حوالي سان ڳوٺ ۾ پهرئين مسجد باقر خان خود جوڙائي هئي. ان کانپوءِ ان مسجد جي نئين سر تعمير حاجي عبدالله خان نظاماڻي ولد علي بخش خان نظاماڻي ڪرائي هئي. هن وقت ڳوٺ ۾ هڪ امام بارگاهه به آهي. امام بارگاهه واري مسجد احمد علي خان نظاماڻي جوڙائي هئي. مذهبي تعليم لاءِ ڳوٺ ۾ مڪتب به هئا، جن ۾ ڪتابي مذهبي تعليم يعني قرآن مجيد به پڙهندا هئا.

ڳوٺ ۾ چار کوهه به هئا. پهريون کوهه قديم جامع مسجد جي اندر هو جيڪو تاج محمد خان نظاماڻي ٺهرايو هو اهو اڄ ڏينهن تائين به موجود آهي. ٻيو کوهه مسجد جي ٻاهران هو اهو به نظاماڻين ئي ٺهرايو هو. ٽيون کوهه احمد علي خان جوڙايو هو ۽ چوٿون کوهه سيٺ پاڳچند ٺهرايو هو. پهرئين کانسواءِ باقي ٽي کوهه لٽجي چڪا آهن. انهن جا آثار به نه بچيا آهن.

ڳوٺ جي قريب اريگيشن جو بنگلو هو جيڪو انگريز دؤر حڪومت ۾ ٺهراج ڪوٺڙ، يعني 1932ع کانپوءِ ٺاهيو ويو مگر سار سنڀال نه لهڻ جي ڪري اهو ڪِري پٽ تي پيو آهي.

باقر ڳوٺ ۾ پهريون گورنمينٽ پرائمري اسڪول 31/1/1953ع تي کوليو ويو. اهو اسڪول، پهرئين واڻين جي بلڊنگ ۾ شروع ڪيو ويو ڇاڪاڻ ته پارٽيشن کانپوءِ واڻيا هندوستان لڏي ويا. سنه 1973ع ۾ مڊل اسڪول کوليو ويو ان کي 1980ع ۾ هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو. بعد ۾ 2005ع ۾ ڪيس اپ گريڊ ڪري، هائير سيڪنڊريءَ جو درجو ڏنو ويو.

هن وقت ڳوٺ ۾ مختلف ذاتين جا ماڻهو جهڙوڪ نظاماڻي، سيد، شيدي، ڪوري، خاصخيلي، لوهار، ابوپوٽه، ٻُڪيرا، ڪنڀار، ڏاهري، ماڇي، راجپوت، مغل، ڪرل ۽ ميگهواڙ رهن ٿا.

ڳوٺ موسيٰ خان نظاماڻي

ڳوٺ موسيٰ خان نظاماڻي، ديهہ ڪلري تپو ويراتو يوسي ڪرم خان نظاماڻي، تعلقہ هالا ضلع مٽياريءَ ۾ موجود هو. هن وقت اهو ڳوٺ ٻُڳهين جي ڳوٺ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ تہ 1958ع واري رڪارڊ کان اڳ ان جو نالو ڳوٺ موسيٰ خان نظاماڻي هو. 1958ع ڪانپوءِ کاتن جي تبديليءَ بعد ان جو نالو ٻُڳهين جو ڳوٺ رکيو ويو. موسيٰ خان نظاماڻيءَ جو نسل هن وقت ماتليءَ ۾ رهي ٿو.

ڳوٺ فقير غلام حيدر نظاماڻي

هيءَ ڳوٺ ديهہ ڪلري تپو ويراتي يو سي ڪرم خان نظاماڻي، تعلقہ هالا ضلع مٽياريءَ ۾ آهي. هن ڳوٺ جو پهرئين نالو ڳوٺ حيات خان نظاماڻي هو. بعد ۾ جڏهن فقير غلام حيدر وڏا ٿيا تہ اهو ڳوٺ سندن ئي نالي سان سڃاڻجڻ لڳو. اڄ ڏينهن تائين بہ ڳوٺ فقير غلام حيدر نظاماڻيءَ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. جيڪو هالا - شهدادپور روڊ تي واقع آهي. هن وقت هن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول بہ آهي جيڪو سنہ 1965ع ۾ کوليو ويو. فقير غلام حيدر جي وڏڙن جي نهرايل مسجد سندن پٽ فقير علي ڏنو نظاماڻيءَ جي اوطاق جي پرسان آهي. هن ڳوٺ ۾ آل سنڌ سُگهڙ ڪچهريون ڪيتري عرصي کان هلنديون اچن پيون. جن جو اهتمام فقير غلام حيدر جو پٽ فقير علي ڏنو نظاماڻي ۽ حاجي شير محمد عرف حاجن نظاماڻي ڪندا اچن.

ڳوٺ شفيع محمد نظاماڻي

هيءَ ڳوٺ هن وقت ديهہ پنيرو يونين ڪائونسل حاجي سانوڻ ۾ موجود آهي. هيءَ ڳوٺ بہ مراد فقير جي اولاد مان شفيع محمد نظاماڻي ٻڌو هو. هيءَ ڳوٺ ايترو قديم ناهي، پر اُتي هن وقت اسڪول، روڊ جي سهوليت ۽ ٻيون ضروري سهوليتون پڻ موجود آهن.

ڳوٺ حاجي غلام محمد نظاماڻي (نئين نظاماڻي)

هيءَ ڳوٺ ديهہ ڪاٺوٽ تپہ وسي عادل تعلقہ تلهار ۾ آهي. هن ڳوٺ کي نئين نظاماڻيءَ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. هيءَ ڳوٺ مير حڪمرانن جي پڇاڙيءَ واري دؤر حڪومت ۾ نظاماڻين آباد ڪيو هو. اهي نظاماڻي، ٽنڊو قيصر مان لڏي اچي هتي آباد ٿيا. ڇاڪاڻ تہ انهن جي جاگير بہ اتي هئي. هن ڳوٺ ۾ 1941ع ڌاري پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو هو.

پڊ حاجي لعل خان نظاماڻي

قديم نقشن کي جاچيندي موجوده نظاماڻي محلہ ماتليءَ واري ايريا وارو پڊ، حاجي لعل خان نظاماڻيءَ جي نالي سان نظر اچي ٿو بلڪ هڪ نقشي ۾ ڳوٺ حاجي لعل خان نظاماڻي بہ لکيل آهي. حاجي لعل خان نظاماڻيءَ جي پوٽي حاجي لعل خان نظاماڻي، پنهنجي رهائش لاءِ بنگلو بہ جڙايو هو جنهن کي ڏسڻ لاءِ پري کان ماڻهو آيا هئا. جيڪو اڄ بہ موجود آهي. اُهو بنگلو سندس نسل ۾ تقسيم ٿيل آهي.

واحد آباد

واحد آباد ديهہ ڪائونڙ يو سي قلڪارا ۾ موجود آهي. واحد آباد، واحد بخش نظاماڻيءَ جي ئي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. اها زمين واحد بخش وارن جي وڏن جي هئي. موجوده زمين واحد بخش کي ڪاتي ۾ ملي. واحد بخش في سبيل الله پلاٽ مدرسہ عبدالله بن مسعود وارن کي ڏنو. انهي ٻنيءَ تي سندس اوطاق هئي. اوطاق کي بعد ۾ گهر ۾ تبديل ڪيو ويو. واحد بخش جو ڪجهہ اولادِن واحد آباد ۾ رهي ٿو. واحد آباد جو علائقو هن وقت ماتلي شهر جي چئنل واري موريءَ جي پرئين پاسي آهي، اهو علائقو هن وقت شهر جي ماتلي يونين ڪائونسل I ۾ موجود آهي.

ماتلي

ماتليءَ جي تاريخ بابت زباني روايتون ۽ ڪتابي روايتون هيٺ ڏجن ٿيون:

- فتح خان ولد محمد اسماعيل خان نظاماڻي مرحوم جن سان ٿيل ڪچهريءَ ۾ پاڻ ٻڌايائون ته ماتليءَ ۾ اصل ميتلا ويٺل هئا. وڌيڪ ٻڌايائون ته اها ڳالهه مون کي منهنجي والد محمد اسماعيل مرحوم ٻُڌائي هئي. ميتلن جي دڙي جا نشان مون خود يعني فتح خان نظاماڻي ڏٺا هئا. جيڪي خميسه رانوڙ واري زمين جي پرسان ۽ قادر بخش نظاماڻيءَ جي زمين سان لڳولڳ هئا. زمانه قريب ۾ خميسه رانوڙ اهي دڙا يعني پڊا ڪيائي چڏيا. اهي نشان هاٿوڪي ماتليءَ کان اولهه طرف هئا.
- قادر بخش ولد محمد لائق نظاماڻيءَ سان ماتليءَ جي موضوع تي ڪچهري ٿي. جنهن دوران ٻڌايائون ته ميتلن جو دڙو منهنجي ٻنيءَ جي پرسان آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڀر واري زمين کيڙيندي لوٽا ۽ ٺيا نڪرندا هئا. وڌيڪ ٻڌايائين ته منهنجي والد محمد لائق ڳالهه ڪئي، ته هڪ دفعي نبي بخش عرف نبو خاصخيلي ۽ خدا بخش عرف خدو ڪنڀار ٻنهي ڄڻن دڙي جي پرسان ٻنيءَ ۾ هر پئي ڏنو ته ٻه طباخون هڪٻئي جي مٿان رکيل نڪتيون. جنهن کي ٻنهي ڄڻن کوليو ته وچ ۾ مڇي پيل نظر آئي. ان کانسواءِ محمد لائق زباني روايتن، يعني وڏڙن جي ڪيل ڳالهه ٻڌائي ته اصل ميتلن ۾ ڪا بيماري پئي هئي، ان ڪري هتان لڏي ويا هئا.
- مريد شيدي مرحوم هڪ دفعي ڪچهريءَ ۾ ٻڌايو ته ننڍي وهيءَ ۾ اسين بلبلون ۽ تاريليون ڦاسائڻ لاءِ ستين جي مقام تي ويندا هئاسين. اتي جهنگ ۽ دڙا هئا. ٿوري فاصلي تي ميتلن جا دڙا هئا جيڪي به اکين سان ڏٺا هئا. انهن دڙن مان مون چاندي ۽ ٽامي جا سڪا به لڌا هئا. جيڪي زماني جي لاهين چاڙهين سبب مون کان گم ٿي ويا.

رئيس ڪريم بخش نظاماڻي پنهنجي ڪتاب 'ڪيئي ڪتاب' ۾ ڪجهه روايتون آنديون آهن، جيڪي هيٺ ڏجن ٿيون:

- ڪي راوي چون ٿا ته ماتليءَ کان اڌ ميل ڪن پنڌ تي، اُتر اولهه جي ڪُنڊ تي جيڪي دڙا آهن، انهن دڙن تي "ميتلن" جو ڳوٺ هو تنهن ڪري انهي ميتلا قبيلي جي ڪري ئي "ميتلا" اکر مان ڦرندي گهرندي ماتلي اکر بڻجي ويو.
- ٻي روايت مطابق هتي هڪڙي پُهتل ۽ معرفت جي صاحبه، برگزيده ۽ نيڪوڪار مائي "متي" رهندي هئي، جنهن جي دُعا ۽ پِٽ پاراتي جي شهرت جو چرچو دور دور، پري پري تائين هوندو هو. انهي شهرت سبب انهي نيڪوڪار مائي "متي" جي نالي سان ئي هن شهر کي "ماتلي" جو نالو ڏنو ويو.
- ٽئين روايت اها آهي ته درياءَ مهراڻ مان، هتي ريڻ درياءُ هوندو هو جنهن جا شهدادپور، نصرپور ۽ باقر جي ڳوٺ کان ماتليءَ ويجهو نظر پور وٽ، واريءَ جا وڏا وڏا دڙا ۽ نشان اڄ به موجود آهن، جيڪو اُتان وهندي پنهنجو

ڇوڙ ڪاڇيلي علائقي جي ڪڇ جي رڻ ۾، بدين ڪان اڳتي مٿي وڃي ڪندو هو.

- پر آئون سمجهان ٿو تہ اهو نڪتل درياءُ ريڻ ور وڪڙ ڏيندو، ڦيرا گهيرا ڪندو، ڪيترن ئي علائقن کي ريگزارن ۾ تبديل ڪري، رُسي ڪاوڙجي ڦليلي ٻڻجي پيو جنهن کي گوني بہ چوندا آهن. جنهن جون گولايون گرو ور وڪڙ، انگڙايون ونگڙايون ۽ هيرا ڦيرا اهو ثابت ڪن ٿا. تہ اهو ئي ساڳيو اڳوڻو درياءُ ريڻ آهي، جنهن کي اڄڪلهه گوني يا ڦليلي سڏيو وڃي ٿو. اها ڦليلي جيڪا اسان جي شهر ماتليءَ جي سيني کي چيري، ٻه نيم ڪري، نهايت خوبصورت ۽ سهڻي انداز سان، ناز انداز ڪندي، نانگ وارا ور وڪڙ وجهندي وهي رهي آهي. جنهن کي اڄ بہ وٿلي / وادي يا ماٿري چئي سگهجي ٿو. اها ماٿري درياءُ ريڻ واري وقت ڪان وٺي قائم آهي. جنهن کي زماني جي ڪج رفتاري، هيرا ڦيري ڪري، ماٿريءَ مان ماتليءَ ٻڻائي ڇڏيو هجي، ۽ جنهنڪري ئي انهي ماٿريءَ کي ماتلي سڏيو وڃي ٿو.

موجوده ماتلي شهر ۾ ٽنڊو فيض محمد نظاماڻي، ڳوٺ خليفہ مراد علي نظاماڻي، پڊ حاجي لعل خان نظاماڻي اچي وڃن ٿا. اُن ڪانسواءِ هن وقت ماتلي شهر ۾ نظاماڻين جا ڪجهہ پاڙا بہ آهن. ماتلي شهر ۾ رهائش دوران نظاماڻين مسجدون جوڙايون هيون، جن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

1) **مسجد جنت الفردوس:**

هن مسجد جو بنياد عبدالله خان ولد غلام علي خان رکيو هو. مسجد جي تعمير ۾ سنهيون سرون استعمال ڪيون ويون هيون. اهڙيون سرون اڪثر ڪري قلعن ۾ لڳل هونديون هيون. مسجد جون ديوارون جُڙي راس ٿيون هيون، اڃا ڇت ڪانہ وڌي ويئي هئي تہ ان وقت ميرن ۽ انگريزن جي وچ ۾ 1843ع واري جنگ لڳي. عبدالله خان نظاماڻي انهي جنگ ۾ ميرن جي طرفان انگريزن سان وڙهيو ۽ شهيد ٿي ويو. ان جي شهادت ڪانپوءِ ٻين نظاماڻين گڏجي ڪري ڇت وِڌي. گهڻي عرصي گذرڻ ڪانپوءِ سنہ 1968ع ۾ مسجد کي شهيد ڪري نئين سر مسجد تعمير ڪئي ويئي. ان ڪانپوءِ وري سابق ايم پي اي حاجي عبدالغفور نظاماڻي 1968ع واري تعمير ڪرايل مسجد کي شهيد ڪرائي، ۽ موجوده نئين سري سان نئين مسجد تعمير ڪرائي.

2) **وچين مسجد:**

هن مسجد جو بنياد رات جي ٽائيم تي قطب تاري جي سِڌ مطابق کوٽيو ويو هو. اُهو بنياد خدا بخش نظاماڻي رکيو هو. مسجد جا بنياد پرجي راس ٿيا تہ اُن جي مٿان گهٽو پاٽي وهايو ويو. بنيادن جي مٿان وري اوساري ڪنئي ويئي هئي، ڇت جو سڄو لوهہ يعني گاڊر ٽيٽر لوهارن وٽي ڏنو هو. اُن ڪانپوءِ حاجي حسين بخش بہ هن مسجد جي مرمت ڪرائي هئي ۽ دالان جي ڇت بہ وجهائي هئي. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ مسجد جي ڇت جا چونڪا ڪمزور ٿيندا ويا، زبون چونڪا آهستي آهستي ڪرڻ لڳا. نيٺ حاجي منظور نظاماڻي مرحوم 1995ع ڌاري مسجد شهيد ڪرائي ۽ آهستي آهستي ڪم هلڻ لڳو. هن ڪارِ خير ۾ مردن سان گڏ عورتن بہ حصو ورتو. آخرڪار هيءَ مسجد جُڙي راس ٿي.

3) **جامع مسجد:**

هن مسجد جو بنياد بہ نظاماڻين ئي رکيو هو. شروع ۾ اوڏڪي ديوارن سان ٺاهي ويئي هئي، بعد ۾ نبي بخش خان پڪين سِرن سان جوڙائي هئي. اُنهن سِرن جو ٺلو هُن پنهنجي زمين ڍهڙي ۾ لڳايو هو جتان سِرُون ٻيڙيءَ جي ذريعي آنديون ويون هيون. اُن ڪانپوءِ ٻين نظاماڻين بہ ان ۾ حصو ورتو. موجوده نئين سر واري ڄامع مسجد ديوان عمر فاروق جي نالي سان ٺهيل آهي.



(۱) مير چاڪر خان رند (پيدائش 1468 ع، وفات 1555 ع) سندس مقبرو يوسي ست گرهہ ضلع اوڪاڙه صوبہ پنجاب ۾ آهي.
(۲) نظام الدين عرف سخي نظام فقير جي تُربت / مزار، موضع نوان شمالي، تحصيل ڄامپور، ضلع ديره غازي خان صوبہ پنجاب ۾ آهي.
(۳) شهيد جاڙي خان تاتارين سان جنگ ڪئي هئي، جنهن ۾ شهيد ٿيو هو.



(١) شاهه علي خان جي نالي سان ضلع ديره غازي خان، صوبہ پنجاب ۾ بستي شاهه علي خان نظاماڻي آهي.

(٢) مراد فقير نظاماڻي، ميان سرفراز ڪلهوڙي جي دؤر حڪومت ۾ ٺٽي جو ناظم الاموريعني گورنر سن 1772ع کان 1774ع تائين رهي چڪو آهي.

(٣) ساڪر خان، خضر خان، مبارڪ خان، شادن خان، شادمان خان ۽ حيدر خان جي نسل جو تذڪرو بي ۽ ٽئين جلد ۾ شامل ڪيو ويندو.



(١) غلام حيدر جو اولاد ولاسي، ڀهڙمي ۽ بدين طرف رهي ٿو. هن وقت ڪجهه ماتليءَ ۾ به رهي ٿو.



(١) هن جي نالي سان ديهه پنيرو ۾، ڳوٺ "شفيع محمد نظامائي" آهي

(٢) جعفر علي خان بهترين شاعر آهي ۽ سندس شاعريءَ جا جوهر مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ملن ٿا. سندس ڪجهه ڪلام مصنف وٽ محفوظ آهي.

(٣) غلام عباس خان شاعري بہ ڪري ٿو. هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو.

(۴) غلام رسول خان هن وقت پي آئي اي ۾ ملازم آهي.

(۵) راجا هن وقت برٽش آئل ڪمپنيءَ ۾ ملازم آهي. علم وادب سان چاهہ اٿس. ٻن ڪري مطالعي جي آڌار تي وڏي ڄاڻ رکي ٿو.



(١) خليفہ ميان مراد علي خان صاحب پير سائين محمد ياسين "جاءِ ڏٺي" جو مريد ٿيو، ان جو ئي خليفو ٿيو. ان ڪان پوءِ خليفہ جي نالي سان سڏجڻ لڳو.

(٢) مولوي نظر محمد خان صاحب پيدائش ١٨٤٣ع وفات ١٩١٨ع. جنهن ملتان جي مدرسن مان تعليم حاصل ڪئي، وڌيڪ مذهبي تعليم جي حصول لاءِ گڏيل هند و پاڪ جي مختلف شهرن ۾ بہ ويو هو. وڏو عالم دين، صاحب تقويٰ ۽ صاحب فتويٰ جي درجي تي بہ فائز هو. ان سان گڏوگڏ اعليٰ درجي جو حڪيم ۽ شاعر بہ هو.

(٣) غلام محمد خان انگريزن جي دؤرِ حڪومت ۾ صوبيدار هو.

(٤) رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي "باباءِ ثقافتِ سنڌ" جي نالي سان مشهور آهي ۽ "ڪيئي ڪتاب" جو مصنف آهي.

(٥) دوست محمد درويش صفت انسان آهي.

(٦) احمد حسين خان سنڌ حڪومت جي وائلڊ لائيف کاتي ۾ ملازم رهي چڪو آهي، نيڪ سيرت و صورت ۽ باخلاق انسان آهي، هر معاملي ۾ جاڪوڙي مڙس آهي.

6



(١) عبداللطيف خان ماتليءَ جي نظاماڻين مان پهريون وڪالت پاس ڪندڙ ۽ وڪيل هو. عالم خان جو رسالو به شايع ڪيو هئائين.
(٢) ٢، ٣، ۴ ۽ ۵ وارا شخص سيئي آمريڪا ۾ رهن ٿا.



(١) فضل محمد خان جو اولاد ڳوٺ سهراب خان نظاماڻي، نزد ڪڙيو گهنور ۾ رهي ٿو.
(٢) سومرو خان بهترين حڪيم هو، پڇاڙيءَ ۾ ڳوٺ پليڊني سنيو، ضلع ٽنڊو محمد خان ۾ رهندو هو، اُتي ئي وفات ڪيائين.
(٣) سڪندر خان هندوستان ۾ ئي رهيو ۽ اُن جو اولاد پڻ اُتي ئي رهي ٿو.
(۴) محمد خان پنهنجي چاچي سڪندر خان سان گڏ هندوستان ۾ رهيو ۽ سندس اولاد بہ اُتي ئي رهي ٿو.



(١) احمد علي خان مياڻيءَ واري جنگ، يعني انگريزن ۽ ميرن واري لڙائي، جيڪا سن ١٨٤٣ع ۾ لڳي، اُن ۾ شهيد ٿيو.

(٢) خير محمد خان ۽ عالم خان بہ مياڻيءَ واري جنگ ۾ شرڪت ڪئي هئي.

(٣) حاجي امير بخش عالمِ دين، درويش صفت انسان ۽ شاعر بہ هو.

(۴) عالم خان ماتلي شهر جو مشهور شاعر هو. سندس ڪتاب "ڪُليات عالم خان" جي نالي سان ڇپيل آهي.

(۵) حاجي احمد علي خان شڪاريات جي حوالي سان مشهور شخصيت هُئي.

(٦) محمد امين ماتلي شهر جو مشهور صحافي، ڪالم نگار ۽ "ديدار" رسالي جو ايڊيٽر آهي ۽ "امين ماتلوي" جي نالي سان مشهور آهي.

(٧) نور الامين خان، ماتلي شهر ۾ الامين اسڪول ۽ ڪاليج جو پايو وجهندڙ آهي.



(١) پير محمد عرف پيرل خان ماتلي ميونسپل ڪميٽيءَ جو چيئرمين (جنوري 1988 ع کان آڪٽوبر 1992 ع تائين) رهي چُڪو آهي.

(٢) عبدالرزاق انگلينڊ ۾ رهي ٿو.

(٣) محمد زاهد هن وقت آمريڪا ۾ رهي ٿو.

(٤) محمد صديق حافظِ قرآن آهي ۽ عربي علم پڙهي رهيو آهي.



(١) خليفہ ميان اميد علي نظاماڻي پير محمد راشد روضي ڌڻيءَ جو مريد ٿيو. اُن کان پوءِ ٿي خليفہ ميان اميد عليءَ جي نالي سان سڏجڻ لڳو. مونکي تحقيق دوران هڪ قلمي ڪتاب تي سندس وفات جي تاريخ نظر آئي. جيڪا هن طرح لکيل هئي: "وصال دارالبقا ڏي" مرحوم و مغفور خليفہ صاحب. خليفہ ميان اميد علي صاحب بن گل محمد خان نظاماڻيءَ جو ٢١ ماھ ربيع الاول ١٢٧٢ھ"

(٢) مراد فقير ناگي شاهه جو مريد ۽ خليفہ خاص هو.

(٣) فيض محمد جي نالي سان فيض واهه هو. فيض واهه ماتلي شهر جي پُراڻي پُل جي ڀرسان گونيءَ مان نڪرندو هو.



(١) محمد جمن (عرف اميد علي) انگريزن جي دؤرِ حڪومت ۾ تپيدار ٿيو. بعد ۾ سپروائيزر ٿيو. ليڪن تحريڪِ خلافت دوران سرڪاري نوڪريءَ تان استيفيٰ ڏئي ڇڏيائين.
(٢) حڪيم حسن علي خان ماتلي شهر جو مشهور حڪيم هو. اُن سان گڏوگڏ حڪمت بابت ڪتاب پڻ تحرير ڪيائين. جنهن جا قلمي نسخا قادر بخش نظاماڻي وٽ پيل آهن.
(٣) محمد لائق سگهڙ هو. هن پڻ ڪتاب لکيا هئا. جيڪي قلمي صورت ۾ آهن: ۽ سندس ڏوهٽي جلال خان وٽ محفوظ آهن.
(٤) خان محمد (عرف محمد خان پهلوان)، ماتلي شهر جو. بلڪ سنڌ ليول جو مشهور پهلوان هو. (٥) علي محمد خان پڻ مشهور پهلوان هو.
(٦) محمد عالم زراعت کاتي ۾ اعليٰ عهدي تي رهي چڪو آهي. ڪتاب "ڏاڍا ڏونگر ڏيهه جا" جو مصنف آهي. سندس ڪيترا ئي مقالا لکيل آهن.
(٧) عبدالعزيز عرف عزيز "پارس" شاعر ۽ ڪالم نويس آهي. ٻن ڪتابن "ڪولمبو منهنجو پيار" ۽ "دبئي منهنجي دل" جو مصنف پڻ آهي.



(١) مدد علي خان جاگيردار هو.
(٢) سلطان علي درويش صفت انسان هو.
(٣) سلطان علي اريگيشن کاتي ۾ ملازم آهي.
(٤) افضل (عرف دستي) گاڏين ٺاهڻ جو بهترين مستري آهي.



(۱) عبدالرزاق زراعت کاتي ۾ اعليٰ آفيسر رهي چڪو هو.
(۲) محمد اشرف پهرين ٽيڪنيڪل ڪاليج حيدرآباد ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو، اُن کانپوءِ مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج بدين جو انچارج پرنسپال ٿيو، اُن کان پوءِ سانگهڙ مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج جو مڪمل طرح سان پرنسپال ٿيو ۽ تازو هاڻي رٽائرمينٽ ورتي اٿس.
(۳) اختر علي ارگيشن کاتي ۾ ملازم آهي. (۴) اصغر علي واپڊا کاتي ۾ ملازم آهي.



(١) نبي بخش مذهبي ماڻهو هو. جنهن شهر واري جامع مسجد پڪين سرن سان جوڙائي هئي. سرن جو ڪورو پاڻ ڏيهڙي واري زمين تي ٺهرايو هئائين. جتان سرون پيڙين جي ذريعي ماتلي آنديون ويون. مسجد جي تعمير لاءِ هندوستان مان ڪاريگر گهرايا هئائين.

(٢) عبدالڪريم فارسيءَ جو ڄاڻو هو. سنڌي علم و ادب سان بہ واسطو هئس.

(٣) غلام شاهه زراعت کاتي ۾ اعليٰ آفيسر رهي چُڪو هو.

(٤) محمد حفيظ. ٽائون ڪميٽي ماتليءَ جو وائيس چيئرمين رهي چُڪو آهي.

(٥) امداد احمد سئي گيس ڪمپنيءَ ۾ اعليٰ آفيسر آهي.

(٦) ساجد حفيظ. ماتلي يونين ڪائونسل نمبر II جو نائب ناظر رهي چڪو آهي.

(٧) طارق حفيظ هن وقت آمريڪا ۾ رهي ٿو.



(١) حاجي ولي محمد انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ تپيدار هو، بعد ۾ سپروائيزر بہ ٿيو هو.
(٢) عبدالرحيم سنڌي علم و ادب، سنڌ جي تاريخ ۽ مسلمانن جي تاريخ جو وڏو ڄاڻو آهي.
(٣) ڊاڪٽر ولي محمد عرف امير خان هن وقت لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي ڄامشورو ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آهي.
(۴) عبدالسلام هن وقت ماتلي ٽائون ڪميٽيءَ ۾ ايڊمنسٽريٽر آهي.
(۵) عبدالحليم واپڊا کاتي ۾ آفيسر آهي.



(١) الله بخش (پيدائش 1899_05_15، وفات 1954) شاعر هو. سندس چيل ڪافيون ڏاڍيون سٺيون آهن.

(٢) علي محمد سخي مرد آهي. ڪيترن ڊاڪٽرن، انجنيئرن ۽ ٻين کي پڙهائيءَ جو خرچ ڏنو هئائين.

(٣) فياض احمد PIA ۾ وڏو آفيسر آهي، هن وقت انڊيا ۾ ڊيوٽي اٿس. ڪئناڊا ملڪ جي نيشنلٽي اٿس. ڪيترن ئي ملڪن جا دؤرا ڪري چُڪو آهي

(۴) رياض احمد ماتلي يونين ڪائونسل I جو ناظم رهي چُڪو آهي.



(۱) مير محمد انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ تپيدار ٿيو. بعد ۾ سپروائيزر ٿي رٽائرمنٽ ورتائين. ماتلي سينيٽري ڪاميٽيءَ جو چيئرمين به ٿيو. ماتلي گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول جو باني آهي. پاڻ اُن وقت اسڪول لاءِ 8 ايڪڙ زمين ۽ ڏھ هزار روپيہ نقد ڏنا هئائين.

(۲) محمد اشرف بدين ضلعي جي ڪرڪيٽ ڪلب جو بنيادي ميمبر هو.

(۳) عبدالخالق هن وقت حڪمت جو ڌنڌو ڪري رهيو آهي.



(١) عبدالقادر (عرف الله بچايو) شڪاريات جي حوالي سان ماتلي شهر جو مشهور ماڻهو هو. جنهن کي "بادشاهه" جو لقب مليل هو.

(٢) عبدالغفور تعلقي ماتليءَ مان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي چار دفعا اليڪشن کٽي. سنڌ صوبائي اسيمبليءَ جو چار دفعا (M.P.A) ميمبر رهي چُڪو آهي.

(٣) محمد يوسف کل پوڳ. گهمڻ ڦرڻ ۽ شيل شڪار جي حوالي سان مشهور ماڻهو هو ۽ هڪ بهترين انسان پڻ هو.

(۴) عبدالرئوف. الدعوة اسڪول. گل محمد ڪالوني وارن کي هڪ ايڪڙ پلاٽ في سبيل الله ڏنو آهي.



(١) الهداد خان ۽ (٢) شاهہ محمد پڻ انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ تپيدار هئا.
(٣) حاجي غلام محمد بهادريءَ ۽ شڪار جي حوالي سان مشهور شخص هو.
(٤) الهداد يونين ڪائونسل حاجي سانوڻ جو ١٩٨٧ کان ١٩٩١ تائين چيئرمين رهيو.
(٥) الله نواز ماتلي يونين ڪائونسل II جو نائب ناظم رهي چُڪو آهي.



(١) جلال خان مياڻيءَ واري جنگ. يعني ١٨٤٣ع ميرن ۽ انگريزن واري جنگ ۾ وڙهڻ لاءِ ۾ هزار سپاهين جو انتظام ڪيو هو. ميرن جي حڪومت ۾ وڏي اثر رسوخ وارو ماڻهو هو.

(٢) سلطان فقير پير محمد راشد عرف روضي ڌڻيءَ جا خليفه خاص هئا. (٣) محمد فقير لوڪ ادب جو بهترين سگهڙ ۽ شاعر هو.

(۴) سهراب نظاماڻي حُر تحريڪ سان وابسط هو. (٥) علي محمد بابت تحقيقات جاري آهي



(۱) ولي محمد پيدائش 29_03_1892 (۲) علي محمد پيدائش 18_10_1898 ٻئي پرائمري استاد هئا. انهن ٻنهي استادن وٽ گهڻو ئي علمي خزانو هو. جيڪو زماني جي لاهين چاڙهين سبب ختم ٿي ويو.

(۳) محمد علي ٽُڪ بنديءَ جو ماهر هو. سندس ٽُڪ بنديءَ واري شاعري مشهور هئي.

(۴) حاجي خان لوڪ ادب جو بهترين شاعر آهي.

(۵) محمد رحيم عرف سائين ڪڪا بهترين علم و ادب دوست ماڻهو آهي. اسلامي ۽ تاريخي حوالي سان وسيع مطالعو رکي ٿو.



(١) لعل محمد. مير ڪرم علي خان ۽ مير غلام علي خان جو خاص صلاحڪار هو. هن جون جاگيرون دوآبي ۾ پنج سئو ايڪيهہ بيگا ۽ ديري محبت ۾ پنج سئو ٻاهٺ بيگا هيون. لعل محمد خان آگسٽ 1848ع ۾ وفات ڪئي. (٢)جعفر خان مياڻيءَ واري جنگ. يعني 1843ع واري جنگ ۾ شهيد ٿيو.
(٣) محمد خان جو اولاد ڳوٺ فقير غلام حيدر نظاماڻي. تعلقہ هالا ۾ رهي ٿو. محمد خان ماتلي ڇڏي، حيات خان سان مائٽي ڳنڍي ۽ اُتي ويهي رهيو.
(٤) فقير غلام حيدر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام جو وڏو ڄاڻو ۽ راڳي هو. (٥) علي ڏنو شاهہ جي ڪلام جو ڄاڻو آهي ۽ شير محمد خان بہ شاهہ جي ڪلام جو ڄاڻو ۽ راڳي آهي هر خميس جي رات ڀٽ شاهہ تي شاهہ جو ڪلام ڳائيندو آهي (٦) غلام محمد کي بہ فقير غلام حيدر شاهہ جي راڳ جي سکيا ڏني هئي.



(١) حاجي لعل خان نظامائي، لاڙ پٽ ۾ حُر تحريڪ جو لڪل ڪارڪن هو.



(١) واحد بخش نظاماڻي ٺي مدرسہ عبدالله بن مسعود جو پلاٽ، في سبيل الله ڏنو هو.

(٢) منير احمد علم و ادب دوست ۽ شڪاريات جي حوالي سان مشهور آهي. هن جا شڪاريات ۽ سفر نامن جي باري ۾ ڪيئي احوال لکيل آهن. جيڪي قلمي صورت ۾ موجود آهن.



(۱) مولا بخش عرف ڪاڪو مولائي ڪل مُک ۽ بهترين انسان آهي.
(۲) جهانگير اڪثر ڪري شڪاريات ۾ ڪچهريءَ جو مور هوندو آهي ۽ رڌ پچاءَ جو ڪم خوش اسلوبيءَ سان ڪندو آهي.
(۳) رفيق احمد آمريڪا ۾ رهي ٿو.



(١) علي محمد (عرف پوڙهو خان) جي ڪل پوگ وارا واقعا. اڄ سوڏو ڪڇهرين ۾ دهرايا وڃن ٿا.
(٢) جلال خان شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جو وڏو چاڻو آهي.
(٣) عبدالقيوم علم و ادب دوست آهي ۽ سنّي مذهبي چاڻ رکي ٿو. تاريخ سان لڳاءُ اٿس.



(١) محمد حسن بهترين شاعر هو. سندس سارو ڪلام سندس پٽ احمد علي خان وٽ محفوظ آهي.
(٢) عبدالقدوس واپڊا ۾ ملازم آهي.



(١) موسيٰ خان وڏو جاگيردار هو. (٢) موسيٰ خان بهادري ۽ ڪل پوڳ جي حوالي سان ماتلي شهر جو مشهور ماڻهو هو.
(٣) نور محمد نظاماڻي چڱو مڙس هو، ۽ سندس ڪيل فيصلا اڄ ڏينهن تائين بہ ڪچهرين ۾ ڳايا وڃن ٿا. سياسي حوالي سان ملڪ ليول جو ماڻهو هو، ٽائون ڪميٽيءَ جو چيئرمين رهي چُڪو هو. (۴) موسيٰ خان ماتلي ميونسپل ڪميٽيءَ جو چيئرمين رهي چڪو هو.
(۵) محمد اڪرم ماتليءَ جي نظاماڻين مان پهريون ايم. اي سوشالاجيءَ پاس ڪندڙ شاگرد آهي.
(٦) محمد انور شاهہ عبداللطيف يونيورسٽيءَ جي بيٽن جو وڏو ڄاڻو آهي. (٧) محمد اصغر ماتلي يو.سي I جو نائب ناظم ۽ ناظم رهي چُڪو آهي



(١) محمد عالم جو ماتليءَ شهر جي بهترين استادن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. نظاماڻي محلي ۾ سن ١٩٦٤ع ۾ قائم ڪيل مدرسي جو بنيادي ميمبر هو.

(٢) محمد قاسم ماتليءَ جي نظاماڻين ۾ پهريون ايم. اي سنڌي ڪيل آهي. ١٩٥٣ع کان تعليم کاتي ۾ ملازم ٿيو آخر ١٩٩٥ع ڏاري ملهڻ هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستريءَ تان رٽائرمينٽ ورتائين.

(٣) عبدالجبار "قاسم" هن ڪتاب جو مصنف آهي، ۽ "لڳي جيءَ ۾ جهوري"، "باغي آ عشق منهنجو"، "رئيس الهبخش هڪ مطالعو" ۽ "تاريخ آهي شاهد" ڪتابن جو مرتب ۽ ليکڪ پڻ آهي.

(٤) عبدالستار هن وقت آمريڪا ۾ رهي ٿو.

(٥) عبدالصّمد بہ آمريڪا ۾ رهي ٿو.



(١) شفيع محمد ماتلي شهر جو مشهور پهلوان آهي.



(١) برطانوي دؤرِ حڪومت ۾ شاهه علي خان کي امين جي حيثيت سان، زميني دنگن ۽ ٻين تڪرارن جي نبيرن لاءِ گهرايو ويندو هو. هن کي انگريزن جي دؤرِ حڪومت ۾ ننڊو شهر جو ڪاردار بہ مقرر ڪيو ويو هو. شاهه علي خان مارچ 1857ع ۾ وفات ڪئي.

(٢) شير محمد 1890ع ۾ وفات ڪئي.

(٣) حافظ محمد قرآن مجيد جو حافظ هو، نهايت پاڪ دامن انسان هو، هن پنهنجي هٿن سان قرآن مجيد لکيو هو، جيڪو مون پاڻ بہ ڏٺو هو.

(۴) گل محمد 1939_9_8ع تي وفات ڪئي. (۵) حاجي ڪريم بخش نظامائي تحريڪِ خلافت ماتليءَ جو وڏو ڪارڪن هو.

(٦) حڪيم دوست محمد ماتلي شهر جو مشهور حڪيم هو.



(١) شاهہ علي خان حيدرآباد ضلعي جي لوكل بورڊ جو چيئرمين، انگريزن جي دؤر ۾ رهيو هو. كيس انگريز كمشنر جي كابينا ۾ كرسي مليل هئي. فارسي زبان جو وڏو ڄاڻو هو. كتابن جو وڏو زخيرو وٽس موجود هو. شاهہ علي خان 1952ع ۾ وفات كئي.

(٢) غلام شاهہ جو اولاد هن وقت ڳوٺ علي بخش نظاماڻي، نزد كڙيو گهنور ۾ رهي ٿو.

(٣) محمد صديق ٽائون كميٽيءَ جو ميمبر رهي چكو آهي.

(۴) محمد علي هن وقت ڊپارٽمينٽ آف پاكستان جيولاجيكل سروي ۾ آفيسر آهي.

(۵) كرم الله خان يونين كائونسل ماتلي. يو. سي I جو ناظر رهي چُكو آهي.



(١) حافظ نبي بخش جو نالو، حافظ الله بخش پير ياسين بدلايو هو. حافظ صاحب پيري واري زماني ۾ پيدل حج تي پنهنجي پُٽ عثمان سان گڏ اُسريا هئا. واٽ تي عراق جي سرزمين تي وفات ڪيائون اُتي ئي مدفون آهن.

(٢) عبدالهادي، ماتليءَ وارن نظاماڻين جو پهريون مئٽرڪ پاس نظاماڻي آهي. جنهن ببمئي يونيورسٽيءَ مان جولاءِ 1934ع ۾ مئٽرڪ ڪئي هئي.



(۱) تاج محمد ڊگهه موري (ڳوٺ غلام علي نظاماڻي) ۾ رهي ٿو.

(۲) محمد عثمان جو اولاد ڳوٺ باقر نظاماڻيءَ ۾ رهي ٿو.

(۳) نصير محمد جو اولاد ڳوٺ راڄو نظاماڻيءَ ۾ رهي ٿو.

(۴) مختيار، سلطان ٻئي آمريڪا ۾ رهن ٿا.

(۵) رياض آمريڪا ۾ وفات ڪئي ۽ اتي ئي مدفن آهي.

(۶) الله بخش PIA ۾ آفيسر آهي.



(١) محمد رضا هن وقت پوليس ڪاتي ۾ ASI آهي.
(٢) جاويد رضا هن وقت آمريڪا ۾ رهي ٿو.



(١) پڍو فقير پير روضي ڌڻي؛ جو خليفو خاص هو.
(٢) بچل خان جي باري ۾ تحقيقات اڃا تائين جاري آهي



(١) بهادر خان نظاماڻيءَ جي نالي سان ٽنڊو بهادر نظاماڻي سڏبو هو، جيڪو راڄي نظاماڻيءَ کان 6 ڪلو ميٽر جي فاصلي تي آهي.
(٢) غلام علي خان نظاماڻي، مير نور محمد ٽالپر واليءِ سنڌ جو خاص صلاحڪار هو. هن وٽ ۴ هزار جوانن تي ٻڌل فوج هئي غلام علي 1845ع ۾ وفات ڪئي.
(٣) عبدالله خان مياڻيءَ واري جنگ ۾ شهيد ٿيو هو. (۴) غلام شاه درويش صفت انسان هو.



(١) غلام حسين جو اولاد ڳوٺ عبدالڪريم نظاماڻي (جاڙڪي) تعلقہ تلهار ۾ رهي ٿو. ٢، ٣، ۴، ۵ ۽ ٦ ب ساڳئي ڳوٺ ۾ رهن ٿا.



(١) نوٽ: جيئن پنهنجي والد صاحب ۽ چاچا علي محمد خان کان ٻڌل آهي ائين لکيو ويو آهي. باقي شجري ۾ محمد احمد لکيل آهي. شايد سي سندن عُرفي نالا آهن. جيڪي هت آندا ويا آهن. جيئن آساني ٿئي. (الڪندڙ: عباس علي "ڪاشف نظاماڻي" ڳوٺ وداداڻي)

(٢) مراد علي نظاماڻي تعليم کاتي ۾ ڊائريڪٽر جي عهدي تي به رهي چُڪو آهي.

(٣) عباس علي "ڪاشف نظاماڻي" هن وقت سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ سروس ڪري رهيو آهي.

40


محمود خان
فتح خان
جان محمد
ڏسو صفحو43
خان محمد
ڏسو صفحو44
محمود خان
غلام نبي
غلام محمد
تاج محمد
غلام حيدر
احمد علي
(لاولد)
فتح خان
(لاولد)
محمد بخش
علي محمد
نياڻيءَ
عمر وهابي
حاجي حسين بخش
لطف علي
(لاولد)
تاج محمد
ڏسو صفحو_41
نظر محمد
(لاولد)
فتح محمد
(لاولد)
بچل خان
محمد رحيم
(لاولد)
محمد حسن
عبدالرحيم عرف عدلو
محمد خان
نظام الدين
عبدالله
علي نواز
شاهنواز
محمد صديق
محمد مصعب
قيصر خان
محمد خان
راول خان
محمد حسن
نياڻيءَ
محمود
ممتاز علي
اياز علي
شهباز علي
محمد رحيم عرف حاجن
عبدالڪريم
محمد حنيف
جان محمد عرف جاني
شمس الدين
قمرالدين
نجم الدين
احسن خان
مجيد احمد
نياڻيون
مختيار احمد
منظور
ظفر
شهباز
عباس



(۱) حاجي غلام حيدر نظاماڻي تعلقي ماتليءَ مان، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي ٻہ دفعا اليڪشن کٽي، سنڌ صوبائي اسيمبليءَ جو ٻہ دفعا (M.P.A) ميمبر ٿيو هو. ماتلي ٽائون ڪميٽيءَ جو چيئرمين بہ رهي چُڪو هو.

(۲) تاج محمد، معظم ۽ شفيق ٽيئي ڀائر آمريڪا ۾ رهن ٿا.



بشير احمد
نذير احمد
ڈاكټر مشتاق احمد
منصور خان
عبدالرحمٰن
وسيع الرحمٰن
عامر خان
عبدالجليل
(لاولد)
اظهر الدين
احمد خان
وسيم احمد
جواد احمد
عبدالهادي
هارون خان
سعد خان
نياٹيءَ


جان محمد
پير بخش
جان محمد عرف حاجي عارب
(لاولد)
خدا بخش
محمد اسماعيل
لطف علي
فتح خان
محمد خالد
محمد اسماعيل
محمد صالح
محمد سالم
اسرار احمد
ابرار احمد
اصغر علي عرف سائين اڪرم
خدا بخش
عبيدالله
محمد آصف
محمد عاصم
محمد سميع
عبدالحفيظ
عبدالحليم
ثناءالله
شهباز علي
اسامہ
عبدالرحمان


خان محمد
مير محمد
نورمحمد
(لاولد)
امام بخش
(لاولد)
گل محمد
(لاولد)
محمد خان
عارب خان
الهبخش
نور محمد
خان محمد
علي احمد
(لاولد)
نور احمد
فدا احمد
عبدالرحمٰن
عديل احمد
فاروق احمد
عطا محمد
سهيل احمد
عادل خان
محمد ياسر
محمد عامر
جنيد احمد
عبدالله
محمد سعد
محمد فهد
محمد اعظ
جميل احمد
سلطان احمد
آفتاب احمد
نياز احمد
نعيم احمد
فهيم احمد
زوهيب احمد
نويد احمد
جواد احمد
محمد
اسد خان
طلحہ خان
محمد دائود
محمد هارون
محمد مسلم
محمد الياس



(۱) محمد لائق درويش صفت انسان هو. (۲) فضل محمد بهترين معالج هو.
(۳) الله بخش خاڪسار تنظيم جو ميمبر هو. (۴) غلام محمد زراعت کاتي ۾ آفيسر رهي چُڪو آهي.



(١) فقير محمد عرف ڳاڙهو خان جي قبر راول فقير نزد ڳوٺ باقر نظاماڻي (شهداد پور) جي مقام ۾ آهي.
(٢)عالودو خان جي وفات ٢١ رمضان المبارڪ ١٢١٩ه ڏينهن جمعي تي ٿي. شيخ وجهه الدين (ٽنڊو قيصر) جي مقام ۾ مدفون آهن.
(٣) غلام محمد خان مياڻيءَ واري جنگ يعني 1843ع واري ۾ شهيد ٿيو هو. (۴) عبدالله خان ٿي خليفه "قاسم" نبي بخش لغاريءَ جو رسالو 1259ه ۾ لکيو
هو. جيڪو قلمي رسالو عبدالله خان جي پوٽين وٽ پيل آهي. (٥) حاجي شير محمد خان جا ڪيترائي مقالا ۽ مضمون "مهراڻ" ۽ "الرحيم" رسالن ۾ شايع ٿيل
آهي. سندس تخلص "شائق قيصري" هو. (٦) نور احمد اسپتال لاءِ پلاٽ ڏنو هن وقت هڪ انگريزي ماهوار رسالو به ڪڍي ٿو (٧) علي احمد جو پڻ هڪ ڪالمن جو ڪتاب
سوچن جي صليب " لکيل آهي. جيڪو "سليٽ" اشاعتي شعبو دانشگاهه منصوريه آشرم ٽنڊو قيصر ڇپرايو ۽ پاڻ هن وقت وڪالت به ڪري ٿو



(۱) احمد خان (وفات 23 نومبر 1878 ع) مير نصير خان جي دؤر حڪومت ۾ نوابشاه جو ڪاردار هو ان کانپوءِ انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ بہ شهدادپور جو ڪاردار هو. وڏو جاگيردار هو. هن چار مسجدون جوڙايون هيون. ۱. ٽنڊو قيصر ۾ ڪاري ڪوه واري اڇي مسجد. ۲. ٽنڊو قيصر ۾ پراڻي اسٽاپ واري مسجد. ۳. سٺي ڪندر ڳوٺ (ٽنڊو آدم). ۴. شهدادپور شهر ۾.

(۲) محمد لائق ٽنڊو قيصر ۾ (خاڪسار تحريڪ) جو اڳواڻ هو.



(١) يار محمد عرف يارل شاعر هو. شاعريءَ جو مجموعو سندس پوٽين وٽ محفوظ آهي. شاعريءَ سان گڏ پاڻ موسيقيءَ جو به ڄاڻو هو ونس اڄ به سُرن جي انگ ۽ پراڻا ڪتاب ۽ فوني گرام جا رڪارڊ (Disk) موجود آهن. (٢) ڊاڪٽر شفيع محمد هن وقت ملائيشيا ۾ رهي ٿو. (٣) وصي احمد زرعي بئنڪ جو مئنيجر آهي.

(۴) فريد احمد هن وقت ٽنڊي آدم ڪاليج ۾ سبجيڪٽ ميٿس جو ليڪچرار آهي. (۵) امير احمد ايڪسائز کاتي ۾ ملازم آهي.

(٦) گل محمد عرف عزيز احمد "اداسي" پڻ پنهنجي پيءُ وانگر، ٽنڊو قيصر جي سٺن شاعرن مان آهي. "اداسي" سندس تخلص آهي. سندس هڪ عدد شعري مجموعو "سليٽ" ڇاپي هيٺ آهي.



(١) حاجي ابراهيم ولد فضل محمد (پيدائش 1880 ع، وفات 1943 ع) حڪمت ڪندو هو.
(٢) محمد حسن ٽنڊي قيصر ۾ انگريزي استاد هو. سندس ڪيترا ئي شاگرد اهم عهدن تي پهچي چُڪا آهن. تازو هائي هيڊماستريءَ جي عهدي تان رٽائرمينٽ ورتي اٿس. (٣) رحمت الله عرف ستايل سڪندر شاعر آهي. سندس شاعري جا جوهر ڪيترن ئي رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيل آهن. سندس شاعريءَ جو ڪتاب "ڏکوئين اُهڃاڻ" 'سليٽ' اشاعتي شعبي دانشگاهه منصوريه آشرم ٽنڊو قيصر پاران شايع ٿيل آهي. سندس تخلص "ستايل" آهي.
(٤) طارق احمد موسميات کاتي ڪراچيءَ ۾ ملازم آهي. (٥) اشفاق احمد جوڊيشل مئجسٽريٽ ڪراچيءَ ۾ آهي.



(١)علي حيدر طب تي چار قلمي نسخا لکيا، جن جو عنوان 'نسخہ حيدري' رکيو ان کان علاوه علي حيدر وٽ ادي خيري خان جو لکيل طب جو قلمي نسخو بہ لکيل هو سندس قلمي ڪتاب پوئين وٽان گم ٿي ويا. علي حيدر ٽنڊو قيصر جي منفرد شخصيتن مان هڪ هو پاڻ علم نجوم ۽ پامسٽري جو ماهر هو
هُن آسي زميني ۽ جي جنم ڪنڊلي ٺاهي هئي، جيڪا آسي زميني پاران ڪيل هند جي مشهور عالم علامہ نياز فتح پوري ۽ جي پامسٽري جي ڪتاب جي سنڌي ترجمي "ريکائن جي راند" جي بيڪ ٽائيٽل تي ڏنل آهي. (٢) فضل محمد عرف ڏاڏو هن وقت سڊني (آسٽريليا) ۾ رهي ٿو. ڪيس آئي جي شهريت مليل آهي. JBM ڪمپنيءَ ۾ ملازم آهي. (٣) غلام محمد هن وقت زرعي بئنڪ ۾ اسسٽنٽ مئنيجر آهي.



(١) فيروز فقير جو ذڪر پير محمد راشد عرف روضي ڌڻيءَ جي ملفوظات ۾ آيل آهي.

(٢) حاجي عبدالحڪيم ذاتي خرچ سان ٽنڊوقيصر ۾ اسڪول تعمير ڪرايو هو. جيڪو اڳتي هلي هاءِ اسڪول ٿيو. هُن پنهنجي ذاتي خرچ تي سن ١٩٥٦ع ۾ ڪاري ڪوهه واري مسجد جي ڇت تبديل ڪرائي هئي، جيڪا اڄ بہ قائم آهي. هن جي ذاتي ڪوشش سان سن ١٩٦٤ع ۾ ٽنڊوقيصر يو.سي جو چيئرمين حاجي يار محمد نظاماڻي ٿيو هو.

(٣) عبدالرحيم عرف شاهه فيصل يونين ڪائونسل ٽنڊوقيصر جو نائب ناظر رهي چڪو آهي.



(١) احمد علي پرائمري رٽائرڊ استاد هو. ٽنڊو قيصر جي تاريخ جو وڏو ڄاڻو هو. مهمان نواز ۽ سماجي ورڪر هو. سندس ذاتي لائبرري ۾ ڪيترائي ڪتاب موجود هئا، جيڪي گهڻا ضايع ٿي ويا.
(٢) علي محمد بہ پرائمري رٽائرڊ استاد هو. (٣) گل محمد زرعي آفيسر آهي. (٤) علي محمد عرف مقصود سافٽ ويئر انجنيئر آهي. هن وقت بزنس ر ڪارڊ ڪمپني ۾ انجنيئر آهي.
(٥) محسن حسين ڊاڪٽر آهي. (٦) اشفاق احمد هيلي ڪاني ۾ ڪلارڪ آهي، سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو قيصر جي بنيادي ميمبرن ۾ شامل آهي ۽ سٺو نقاد آهي.



(١) استاد محمد ابراهيم نظاماڻي: ٽنڊو قيصر جي نظاماڻين مان پهريون پرائمري استاد هو. گرامر ۽ حسابن جو ماهر هو. سندس اکر تمام سُٺا هوندا هئا. شطرنج راند جو وڏو ماهر هو



(١) خير محمد طب تي هڪ ڪتاب لکيو هو. خير محمد جي نالي سان ٽنڊو قيصر ۾ خيراڻي پاڙو آهي.
(٢) محمد حسن عرف فردوسي فارسي زبان جو وڏو ڄاڻو هو ۽ ڪاري ڪوهه واري مسجد ۾ لڳل ڪتبن جو ڪاتب آهي.
(٣) علي محمد جاگيردار هو.
(٤) مير حسن علم نجوم جو وڏو ماهر هو.
(٥) اسماعيل خان پنهنجي وقت ۾ ڪانگريس جو سرگرم ڪارڪن هو.



(١) بخش علي خان کي کمشنر وٽ ڪُرسي مليل هئي، علي بخش خان جي جاگير تعلقہ گهوڙا ٻاري ضلعي ٺٽي ۾ هئي.

(٢) الله بخش خان ٺٽي شهر ۾ صوبيدار رهي چڪو هو.

(٣) محمود نظاماڻي عرف آسي زميني سنڌ جو خوبصورت شاعر آهي، جنهن جو ڀهريون شعري مجموعو ”ميتا جي رُج ۾“ سنڌي ساهت گهر ڇپيو ”نہ شاعر نہ ڪهاڻيڪار“، ”ريڪائن جي راند“ ۽ ٻيا مختلف تخليقي ۽ ترجما ڪتاب شايع ٿيل آهن.



(١) گل محمد بہ ٽنڊو قيصر جو چڱو مڙس هو سنہ 1902 ع ۾ وفات ڪري ويو.

(٢) غلام محمد ڳوٺ ٽنڊي قيصر جو چڱو مڙس رهيو هو. سال ١٩٤٢ع ۾ گذاري ويو آهي.

(٣) گل محمد ثاني، غلام محمد جو پٽ بہ چڱو مڙس هو سنہ 1942 ع کان سنہ 1972 ع تائين. سنہ 1972 ع ۾ وفات ڪيائين.



(۱) دوست علي ڪجهه شاعري به ڪئي ۽ سنڌي ادبي سنگت ٽنڊو قيصر جي سرگرم ڪارڪنن ۾ شامل رهيو.

(۲) عزيز احمد تمام ذهين نوجوان آهي، ڳوٺ ۾ پهريون پيرو ايف. ايم - ريڊيو سروس ذريعي سٺيون ڳالهيون ۽ پراڻا ڪلام ٻڌائيندو هو.



(١) قيصر خان (وفات 1222هه) ٺٽي ٽنڊي قيصر جو بنياد رکندڙ آهي، ٽالپر سلطنت جي باني مان هڪ آهي. هن جي نالي سان ٽنڊي قيصر ۾ قيصرائي پاڙو آهي.

(٢) غلام علي خان نظاماڻي (وفات 1213هه) ٽالپوري دؤر حڪومت ۾ ٺٽي جو پهريون گورنر ٿيو هو. پاڻ شيخ وجيهه الدين نزد ٽنڊو قيصر جي مقام ۾ مدفن آهن.

(٣) غلام حسين مياڻيءَ جي جنگ ۾ شهيد ٿيو.

(۴) حاجي غلام علي مياڻيءَ واري جنگ ۾ زخمي ٿيو. خليفه محمود فقير جو همعصر ۽ دوست هو.



(١) غلام نبي حاجي يار محمد کانڀوءِ ٽنڊي قيصر جو پٽيل ٿيو ۽ 1924 ع تائين رهيو. ان کان علاوه جامع مسجد ٽنڊو قيصر جو متولي بہ هو.
(٢) عبدالرحيم خان تمام گهڻو عرصو سينيٽري ڪميٽي ٽنڊو قيصر جو چيئرمين رهيو
(٣) .عبدالقادر مشهور صحافي هو جنهن جا ڪيترائي مقالا، مضمون، ڪهاڻيون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. انگريزي تي عبور حاصل هئن.
(٤) بلوچ خان بہ پرائمري استاد آهي. (٥-٦) غلام محمد ۽ قيصر خان، هني هن وقت انگلينڊ ۾ رهن ٿا.



(١) حاجي غلام علي وٽ قلمي ڪتابن جو تمام گهڻو ذخيرو هو. پاڻ محمود فقير ڪي خط بہ لکيائون جيڪي مڪتوبات شريف ۾ آهن. ٽالپر حڪمران مير نصير خان جو مٽس تمام گهڻو اعتماد هوندو هو. مير نصير خان جڏهن نوشهرو فيروز ۾ چارلس نيپيئر وٽ جيڪو وفد سفارتڪاريءَ لاءِ موڪليو ان ۾ حاجي غلام علي خان بہ شامل هو. غلام علي خان جي آخري آرامگاهہ شيخ وجيهہ الدين جي مقام ۾ آهي.



(١) قاضي فتح محمد جو جنم 1249 ھ ۾ وفات 3 ربيع الاول 1339ھ ۾ ٿيو. پاڻ مشهور محدث ٿي گذريو آهي ۽ ڪيترائي ڪتاب پڻ لکيائون.

(٢) قاضي فتح رسول (وفات 25 مئي 1989 ع) پاڻ عربي ۽ فارسيءَ جا وڏا ماهر هئا. ڪيترن ئي عربي ۽ فارسيءَ ڪتابن جا ترجما ڪيا اٿن. سندن لکيل ڪيترائي مضمون ۽ ماقلا الرحيم، مهراڻ ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيل آهن.

(3) محمد ابراهيم (پيدائش 1930) تعليمي ماهر آهي. هن وقت پاڻ هاءِ اسڪول ٽنڊو قيصرجي هيڊ ماستر طور رٽائرڊ ٿيل آهن.

(4) فتح محمد: هن جي خواهش هئي تہ شجرو ڪمپيوٽرائزڊ ٿئي ۽ شايع ٿئي. پاڻ وزير علي انڊسٽري حيدرآباد ۾ ملازم هئا ۽ سروس دوران ئي وفات ڪيائون. وڏا سماجي خدمتگار هئا.

(5) بشير احمد ٻيلي کاتي مان ڪنزرويٽر آفيسر طور رٽائرڊ ٿيل آهن. (6) شاه محمد ٻيرن ۽ انبن جو مشهور واپاري هو.

(7) فاروق احمد پنهنجن وڏن جو لکيل قلمي شجرو اتاري لکيو اٿن ۽ خوش طبع آهن: ۽ هن وقت گورنمينٽ هائي اسڪول ٽنڊو قيصر ۾ HST آهن.


محمد افضل
تاج محمد
لعل محمد
غلام محمد
ظهير الدين
سيف الدين
علاءالدين
تنوير
منير احمد
مظفر احمد
مدثر احمد
سميع الله
فيض الله
عظمت الله
محمد عمير
شمس الدين
شهاب الدين
نجم الدين
عين الدين
(شادي نہ ڪئي)
نصر الله
عنايت الله
محمد افضل
عبدالله خان
عرف
مهرالدين
عبيدالله
نظير احمد
نبيل احمد
عديل احمد



(۱) حاجي محمد علي خان سندس والد غلام علي ڪانپور ٽنڊو قيصر جو چڱو مڙس ٿيو
(۲) ملون عبدالرحمٰن حڪيم، بزرگ ۽ الله لوڪ ماڻهو هو ڪو به بيمار جيڪڏهن چار پنج ميلن جي فاصلي تي ڪنهن به ڳوٺ ۾ رهندو هو ته پاڻ صبح جو سويران مريض ڪي بنا معاوضي ڏسڻ لاءِ پهچي ويندا هئا.
(۳) ڊاڪٽر عبدالرشيد هن وقت ٽنڊو ڄام يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر آهن.
(۴) ماما عبدالرزاق هن وقت امريڪا ۾ رهي ٿو
(۵) وحيد احمد ڪينيڊا ۾ رهي ٿو



(۱) عبدالغني علم طب جو سنو ڄاڻو هو. هن وٽ طب جي موضوع جا ڪيترائي ڇپيل توڙي قلمي ڪتاب موجود هئا. ان کان علاوه هن حڪمت تي لکيو بہ هو. سندس خواهش هئي ڇپايان پر ڇپجي نہ سگهيو



(١) حاجي يار محمد نظاماڻي ٽنڊي قيصر جو چڱو مڙس هو.

(٢) قادر بخش نظاماڻي (پيدائش23 مارچ 1914 ع، وفات 1992 ع) هيءُ ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف، مترجم هو ۽ ڪيترين ئي اخبارن ڪڍيائين ۽ سنڌ ڪيائين. انٽرنيشنل ليول جي شخصيت آهي. هڪ ئي وقت روس جي اهم ترين پارٽيءَ سان واسطو به هئس ته ساڳي وقت امريڪا سان به منسلڪ هو سنڌي ادب ۾ سنڌس وڏو نالو آهي. بلوچستان جي بلوچ پارٽين ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هئس. قادر بخش نظاماڻي ڪميونسٽ پارٽيءَ سان وابسته هو. 1942 ع ۾ هن ڪامريڊ محمد امين کوسو کي چئي سنڌ اسيمبليءَ مان هڪ قرارداد پڻ پاس ڪرائي هئي. (٣) دوستين هن وقت انگلينڊ ۾ رهي ٿو



(1) خير محمد پرائمري استاد هو.



(1) يار محمد پرائمري استاد هو ۽ مدينه مسجد جو پيش امام هو پاڻ هڪ سٺو جلد ساز پڻ هو



(۱) غلام رسول پرائمري استاد هو (۲) غلام حسين ٽنڊو قيصر جو رهاڪو B.E پاس انجنيئر هو ۽ اريگيشن ڊپارٽمينٽ ۾ انجنيئر هو (۳) شمس الدين پوليٽيڪنيڪل ڪاليج حيدرآباد جو پرنسپال رهي چڪو هو ۽ پوليٽيڪنيڪل ڪاليج بدين مان پرنسپال جي عهدي تان رٽائرمينٽ ورتائين. (۴) نواز احمد مختلف اخبارن ۾ ڪالم لکيا هئا. جن تي مشتمل ڪتاب ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ آهي.



(۱) حافظ شير محمد قرآن شريف جي حافظ هجڻ سان گڏ، حاجتمندن لاءِ سگهي ڦيٽي جو ڪم پڻ في سبيل الله ڪندو هو. جوانيءَ جو وڏو عرصو سجاول شهر ۾ تراويح نماز پڙهايائين.



(١) عبدالله فقير پير جهنڊي وارن جو مريد هو.

(٢) حاجي عبدالرحيم عرف گنڊلو ڏنڊي قيصر جو انبن ۽ پيرين جو مشهور واپاري هو.


ڏتي بخش
ولي محمد
فيض محمد
گل محمد
محمد سليمان
فضل احمد
رشيد احمد
حبيب الله
عطاءالله
عبدالله
ذيشان
فريد احمد
راشد
امير احمد
احمد خان
گلاب خان
غلام محمد
اسلم
دلبر عرف جاڙو
شهزاد جاڙو
ڏتي بخش
نعيم
شهمير
فاروق
محمد روشن
محمد عثمان
محمد هاشم
محمد حنيف
نياڻيون



(١) شادمان خان تهيدار هو



(١) حاجي يار محمد جنوري 1966 ع كان 1969 ع تائين ٽنڊو قيصر يونين ڪائونسل جا چيئرمين رهي چڪا آهن (٢،٣) حاجي ابراهيم ۽ گل محمد تپيدار هئا.
(۴) غلام شاه انامڪ انرجي ٽنڊو ڄام ۾ آفيسر آهن. (٥) اعجاز احمد ٻيلي کاتي ۾ ڊپٽي سيڪريٽري آهن. (٦) ابراهيم هن وقت ٽرانسپورٽر آهي.



(۱) مهرالدين موسيقيءَ جو ڄاڻو ۽ سٺو گهڙو وڄائيندڙ هو. ڳوٺ ۾ ٿيندڙ راڳ رنگ جي محفلن ۾ گهڙي تي وجهت جا خوب رنگ وکيريندو هو.

(۲) صوفي شوڪت حسين بنيادي طور شاعر آهي. سنڌي ادبي سنگت ٽنڊو قيصر يونٽ جي باني ميمبرن ۾ شامل آهي.

(۳) امجد فوج ۾ ملازم هو. سياچن گليشيئر تي شهيد ٿي ويو هو. سندس تصوير هن وقت حيدرآباد جي ڪينٽونمينٽ ايريا ۾ لڳل آهي.


سائينداد
خان محمد
اميد علي
يار محمد
پير بخش
حاجن خان
سومرو خان
محمد بخش
عبدالله
خان محمد
حيدر خان
اسماعيل عرف لکي
ابراهيم (لاولد)
پير بخش (لاولد)
گل حسن
غلام سرور عرف شادن
غلام رسول
جمن
خان محمد (لاولد)
نور محمد
محمد عارف
محمد نواز
ياسين
جنيد
اسماعيل
تراب علي
شير محمد
شمن خان
تاج محمد
ملوک
عرفان
اڪرم
اسلم
جمن
دلبر
امداد
حاجي فقير محمد
گونگو
گونگو
غلام حسين
احمد خان نياڻي
عبدالله خان
صفدر
گل حسن
فتح محمد
مير محمد
شير محمد
طارق علي
رونق علي
برڪت علي
زوهيب
خالق ڏنو عرف يار محمد
عرفان
سليم
بهادر
رهبر
علي حيدر
محمد حمزه
شاهه محمد (لاولد)
خير محمد
مير حسن (لاولد)
شهزاد
مدثر
عبدالباسط
شير محمد
نعيم
فهيم
نثار احمد
فقير محمد عرف منظور احمد
مختيار
محمد خان
جان محمد (لاولد)
سائينداد
وسيع الله
احمد علي
محمد علي
جهانگير
دانش
نياڻيون



(۱) قائم خان ولد قيصر خان طب جو سٺو ڄاڻو هو.
(۲) قائم الدين ۽ مشتاق احمد ڌاڙيلن جي هٿان 1992_2_20 تي رات جو شهيد ٿيا هئا.
(۳) امير احمد پرائمري استاد آهي.



(1) ولي محمد هن وقت گورنمينٽ هائي اسڪول ٽنڊو قيصر ۾ HST آهي. (2) غلام سرور زرعي ترقياتي بينڪ ۾ ڊپٽي مينيجر آهن.
(3) صدار حسين عرف ڊاڪٽر يار محمد هن وقت اسراءِ يونيورسٽي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر فزيولاجي طور فرائض انجام ڏيئي رهيو آهي.



(١) حاجي الله بخش ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ ريسرچ آفيسر طور رٽائرڊ ٿيو
(٢) غلام شاهه هن وقت اسراءُ يونيورسٽيءَ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر پيٿالاجي طور فرائض انجام ڏيئي رهيو آهي.
(٣) الطاف حسين ڊاڪٽر آهي ۽ هن وقت مالديپ ويل آهي.



(١) سرحاجي عبدالحق (پيدائش 1 جنوري 1917 ع، وفات 9 جنوري 1984 ع) بہ شجرو لکيو هو ان کان علاوه ٽنڊو قيصر جي تاريخ جي حوالي سان ٽنڊو قيصر جي ڊائري پڻ لکي هئي. پنهنجي پيشي جي لحاظ کان نهايت ناميارو استاد ۽ ڳوٺ ۾ هر دلعزيز هئڻ سبب "سر" جو خطاب کين انگريزن نہ پر عام ڳوٺاڻن جو ڏنل هو. (٢) فتح رسول HST رٽائرڊ استاد آهي. (٣) الهبچايو رٽائرڊ پرائمري استاد آهي. (۴) شبير احمد ايگريڪلچر آفيسر آهي.



(۱) يار محمد استاد هو.


نبي بخش
اسماعيل خان
عبدالله خان
خير محمد
(لاولد)
احمد خان
نياڻيءَ
فضل محمد
ڏسو صفحو ـ84
حاجي شاهہ محمد
حاجي محمد حسن
حاجي ولي محمد
حاجي علي محمد
ڏسو صفحو ـ82
حاجي محمد خان
ڏسو صفحو ـ83
لطف الله
حاجي عبدالله
يار محمد عرف حاجي شيردل
(لاولد)
حاجي ابراهيم خان
عرف حاجي بقا خان
شفيع محمد
وصي احمد
دوست محمد عرف دلدار
مختيار علي
افتخار علي
شهزاد احمد
محمد حسان
عطاء محمد
خليل احمد
محمد مرتضيٰ
عبدالباري
عبدالوهاب
عبدالله خان
محمد حنيف
محمد رفيق
لطف الله
نصرالله
ظفرالله
حافظ اسدالله
حافظ سميع الله
محمد رافع
نياڻيون
محمد عبدالله
سهيل احمد
شاهہ محمد
لاولد
سجاد
محمد ابوبڪر
فهيم
عبدالماجد
فيض الرّحمان


علي محمد
مير محمد
قائم خان
(لاولد)
نبي بخش
عبدالڪريم
شبير احمد
نواز احمد
مشتاق احمد
فيض محمد
محمد خان
فاروق احمد
راشد خان
محسن خان
محمد احسن خان
شاجهان
حسين ناصر
سڪندر
ولي محمد
باسط علي
عبدالوهاب
شير محمد
نذير احمد
رشيد احمد
الله بخش
رسول بخش
نياڻيون
جهانگير
فرحان
فهيم
شهزاد
عمران
عرفان
امتياز احمد
امداد احمد
لاولد
پپو خان
لاولد
آصف خان
ڪاشف خان
عبدالصّمد
شهزاد
فواد
علي محمد
شفقت خان
قيصر خان
آفتاب خان
امجد خان
اسد خان



(1) مير محمد عالمِ دين آهي



(١) اسماعيل خان پڻ شاهه لطيف جي ڪلام جو وڏو پارکو هو. شاعري پڻ ڪندو هو. (٢) ڊاڪٽر علي نواز موجوده دؤر ۾ شاهه لطيف جو وڏو پارکو آهي. پاڻ ذري گهٽ شاهه سائين جي ڪلام جا حافظ آهن. سنڌي ادبي سنگت ٽنڊو قيصر جي باني ميمبرن مان آهن.

(٣) شاهنواز هاءِ اسڪول ٽنڊو قيصر جو هيڊ ماستر هو ۽ اتان ئي رٽائرمينٽ ورتائين. (٤) فضل محمد فزڪس سبجيڪٽ جو پروفيسر رهي چڪو آهي.

(٥) خالد حيات ڪيمسٽريءَ جو پروفيسر رهي چڪو آهي. (٦) ضياءُ الله رٽائرڊ هيڊ ماستر آهي.

(٧) ڊاڪٽر نوراحمد فوج ۾ ميجر جي عهدي تي رهي چڪو آهي. (٨) شبير احمد هن وقت ڪيمسٽريءَ جو پروفيسر آهي.

(٩) مختيار احمد A.D.B بينڪ ۾ مينيجر آهي.



(١) سر عبدالحسين جون ڳوٺ ۾ تعليمي حوالي سان وڏيون خدمتون آهن.
(٢) محب علي رٽائرڊ هاءِ اسڪول ٽيچر آهي.



(١) باقر خان جي نالي سان ڳوٺ باقر خان نظاماڻي آهي. جيڪو هن وقت ضلع مٽياريءَ ۾ آهي.
(٢) جمال خان 1834 ع واري جنگ يعني ڪرڙيءَ واري جنگ ۾ شهيد ٿيو (٣) اختر حسين هن وقت ڳوٺ باقر نظاماڻيءَ جي هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر آهي.
(٤) محمد خان پرائمري استاد هو.



(1) رسول بخش رٽائرڊ ايڊمنسٽريٽر آهي. (2) مختيار احمد ايجوڪيشن ورڪس ڪاتي ۾ ملازم آهي. (3) طاهر عطا وڪيل آهي.



(۱) جعفر خان، مير شير محمد خان (شيرِ سنڌ) جو اعتماد وارو دوست هو. جڏهن مير نصير خان ۽ مير شير محمد خان جي وچ ۾ زميني دنگ تان تڪرار ٿيو تہ جعفر خان نظاماڻي، مير شير محمد خان جي پاران امين ٿي آيو. (۲) فضل احمد سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ اهم عهدي تي فائز آهي. ان کان علاوه ڳوٺ جي حوالي سان سندس وڏيون خدمتون آهن. (۳) عقيل احمد سٺو آرٽسٽ آهي، هن ڪجهه ڪتابن جا ٽائيٽل پڻ ڊزائن ڪيا آهن.
(۴) قيصر خان PTV جو مشهور اداڪار آهي. (۵) جان محمد هن وقت امريڪا ۾ رهي ٿو



(۱) حسيب الله حافظ آهي.

(۲) عصمت الله حافظ آهي ۽ ان سان گڏوگڏ عالم بہ آهي.



(۱) مهر علي خان وڏو جاگيردار هو ۽ مياڻيءَ واري جنگ ۾ شهيد ٿيو


الله بخش
نور محمد
بخشڻ عرف بقا
گل محمد
مير محمد
فريد
سليم
سلطان
عاقب
آصف
شهزاد
مرتضيٰ
يار محمد
نظر محمد
لاولد
محمد بخش
محمد عالم
لاولد
محمد لائق
نيڪ محمد
لاولد
محمد عارف
نياڻيون
محمد اشرف
محمد لائق
مولا بخش
محمد صديق
فتح محمد
علي محمد
فاروق احمد
ذوالقرنين
جهانگير
آصف
علي نواز
شاهه نواز
شعيب
گل محمد
لاولد
اختر
طفيل
يار محمد
نور محمد
حاجن خان
بشير احمد
شبير احمد
عمر فاروق
نياڻي
عظيم
صدام حسين
گل محمد
محمد رضا
شعيب
عامر
عالم
محمد روشن
محمد خان
محمد صديق
محمد رفيق
محمد حفيظ
محمد حنيف
محمد قاسم
امير احمد
نثار احمد
آفتاب احمد
سفير احمد
تنوير احمد


گل محمد
ولي محمد ؟
خدا بخش
فضل
ابراهيم خان
حسين خان
نور محمد
عبدالستار
عبدالڪريم
قادر بخش
گل محمد
محمود خان
احمد خان
عبدالله
ڏنل
روشن
